

# اِتهاس ۽ راجيہ شاستر

## درجو ڏهون



# ڀارتيه سنوڌان

## باب - چوٿون الف

# بنيادي فرض

**قلم 51A**

**بُنيادي فرض : ڀارت جي هرهڪ ناگرڪ جو فرض آهي تہ :**

(الف) هوُ ڀارت جي سنوڌان کي مڃيندو، اُن جي قومي جهنڊي، قومي تراني، آدرشن ۽ سنستائن جي عزت ڪندو.

(ب) آدرش ويچارن، جن آزاديءَ جي لڙائيءَ لاءِ همٿايو ۽ اُتساهہ ڦوڪيو، اُنهن جي سنڀال ۽ پوئواري ڪندو.

(پ) ڀارت جي ايڪتا، اکنڊتا ۽ سمپورڻتا جي رکشا ڪندو.

(ڀ) ديش جي حفاظت ڪندو ۽ وقت پوڻ تي ديش سيوا ۾ ٽپي پوندو.

(ٻ) سڀني ماڻهن ۾ هڪ ايڪتا جي ڀاونا پيدا ڪندو، جيڪا ڌرم، ڀاشا، کيتروار جي ڀيدڀاءَ کان پري هوندي. اهڙيون رسمون جيڪي عورت ذات خلاف هونديون، اُنهن جو بهشڪار ڪندو.

(ت) ڀارت جي جامع سنسڪرتي ۽ شاندار ورثي جي حفاظت ڪندو ۽ مُلهہ سمجهندو.

(ٿ) قدرتي ماحول جهڙوڪ جهنگل، ڍنڍيون، نديون، جهنگلي-زندگي اِنهن جو بچاءُ ڪندو ۽ سڀني پراڻين لاءِ دردمندي رکندو.

(ٽ) وگيانڪ درشٽي، اِنساني مُلهہ، جاچ جوچ ۽ سڌاري جي ڀاونا کي اَهميت ڏيندو.

(ٺ) عام ملڪيت کي سلامت رکندو ۽ هنسا کان پري رهندو.

(ٽ) شخصي ۽ گڏيل مشغولين جي سڀني کيترن ۾ اَڳتي وڌڻ جي لڳاتار ڪوشش ڪندو جئين ملڪ اَڳتي وڌندو رهي ۽ ڪاميابيءَ جي اوچاين کي ڇُهي.

(ڪ) ماءُ يا پيءُ يا پالڪ آهي تہ اُهو ضرور ڏسي تہ پنهنجي ٻار کي تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏيندو. جنهن جي عمر ڇهن ۽ چوڏهن سالن وچ ۾ هجي.

سرڪاري فيصلو نمبر : اَيپياس ٢١١٦ / (پر.ڪر ١٦ / ٤٣) ايس. ڊي٤ تاريخ ٢٥-٤-٢٠١٦
موجب اسٽاپت ڪيل ڪو آرڊينيٽنگ ڪاميٽيءَ جي تاريخ 29.12.17 جي ميٽنگ ۾ هن
درسي ڪتاب کي سنہ ٢٠١٨-١٩ کان مختصر طور منظوري ڏني ويئي آهي.

# اِتهاس ۽ راڄيہ شاستر

## درجو ڏهون

महाराष्ट्र राज्य पाठ्यपुस्तक निर्मिती व अभ्यासक्रम संशोधन मंडळ

مهاراشٽر راڄيہ پاٺيہ پُستڪ نرمتي واڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي

پنهنجي سمارٽ فون ۾ DIKSHA APP ذريعي درسي ڪتاب جي پهرين صفحي واري Q.R. Code ذريعي Digital درسي ڪتاب ۽ هرهڪ سبق ۾ آيل Q.R. Code ذريعي ان سبق بابت پڙهڻ / پڙهائڻ لاءِ ڪارائتيون لنڪس ملنديون.

5NC63V

چاپو پھريون : 2018 © مھاراشٽرراجيہ پاٺيہ پُستڪ نرمتي وَ اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي - ۴۱۱۰۰۴.
سڌاريل چاپو : 2022 مھاراشٽرراجيہ پاٺيہ پُستڪ نرمتي وَ اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، ھن ڪتاب جا سڀ حق واسطا محفوظ ٿو رکي. منڊل جي ڊائريڪٽر جي لکيل اجازت کانسواءِ ھن ڪتاب جو ڪوبہ ٽڪر، ڇپائي نٿو سگھجي.

## ليکڪ

**راجيہ شاستر**

ڊاڪٽر وئيوي پڙسوُلي

**اِتھاس**

ڊاڪٽر شُيانگنا آتري

شري گڻيش رائوت

## ڪوَر پيج سجاوٽ

شري ديودت پرڪاش بلڪوڙي

## ٽائيپ سيٽنگ

شويا لعلچنداڻي

## ڪاغذ

۷۰ جي.ايس.ايم ڪريم وو

## ڇپائي

## ڇپائيندڙ

## ترجمو ڪندڙ

شري وجيہ منگلاڻي

## چڪاس ڪندڙ

شري شيام رھندومل ٽلواڻي

## نرمتي

شري سچيتانند آڦڙي، مکيہ نرمتي آفيسر
شري پرياڪرپرب، نرمتي آڏڪاري
شري ششانڪ ڪڻڪدڙي، نرمتي سھايڪ
شريمتي ڪيتڪي جاني سنيوجڪ (سنڌي) :
(اِنچارج وشيش آڏڪاري سنڌي)
شريمتي گيتا گڻيش ٺاڪر
(ڪاپي رائيٽر، سنڌي)

## پرڪاشڪ

شري وويڪ اُتم گوساوي، ڪنٽرولر، پاٺيہ پُستڪ نرمتي، پرڀاديوي، ممبئي - ۲۵

## اِتھاس وشيہ ڪاميٽي

ڊاڪٽر سدانند موري، اڌيڪش
شري موھن شيٽي، ميمبر
شري پامنڊورنگ بلڪوڙي، ميمبر
ڊاڪٽر شُينگا آتري، ميمبر
ڊاڪٽر سومنات ريڙي، ميمبر
شري باپو صاحب شندي، ميمبر
شري بالڪرشڻ چوپڙي، ميمبر
شري پرشانت سروُڊڪر، ميمبر
شري موگل جاڌوَ ميمبر - سيڪريٽري

## ناگرڪ شاستري وشيہ سمتي

ڊاڪٽر شريڪانت پرانجپي، اڌيڪش
پروفيسر ساڌنا ڪلڪرڻي، ميمبر
ڊاڪٽر پرڪاش پوار، ميمبر
پروفيسر اجنڪيہ گائڪواڙ، ميمبر
پروفيسر سنگيتا آھڙ، ميمبر
ڊاڪٽر موھن ڪاشيڪر، ميمبر
شري، ويجناٿ ڪاڙي، ميمبر
شري موگل جاڌو، ميمبر سيڪريٽري

## اتھاس ۽ ناگرڪ شاستر اڀياس گٽ

| | |
|---|---|
| شري راھول پرڀوُ | ڊاڪٽر راو صاحب شيرڪي |
| شري سنجيہ وجريڪر | ڊاڪٽر ستيش چاپلي |
| شري سياش رانوڙ | شري وشال ڪلڪرني |
| شريمتي سنيتا دڙوي | شري شيڪر پاٽل |
| پروفيسر شواني لميي | شري رامداس ٺاڪر |
| شري پائو صاحب اُماٽي | ڊاڪٽر اجيت آپٽي |
| ڊاڪٽر ناگناٿ ييولي | ڊاڪٽر موھن ڪڙسي |
| شري سدانند ڊونگري | سؤ. شوڪنيا ڪدريڪر |
| شري رويندر پاٽيل | شري گؤتم ڊانگي |
| شريمتي روپالي گرڪر | ڊا. وينڪٽيش ڪرات |
| شريمتي ميناڪشي اُپاڌيايہ | شري روندرجندي |
| ڊاڪٽر منجڙي پاليراءُ | ڊا. پرياڪر لونڊي |
| پروفيسر ششي نگوجڪر | |

# ڀارت جو سنوڌان

## ديباچو

اسين ڀارت جا لوڪ، ڀارت کي هڪُ مڪمل طور خود مُختيار سماجوادي سَرو ڌرم ۽ سم- ڀاوَ وارو لوڪشاهي گڻراجيه بڻائڻ لاءِ گنڀيرتا سان فيصلو ڪري اُنهيءَ جي سڀني ناگرڪن کي سماجڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ نياءُ؛ ويچار، اظهار، وشواس، شرڌا ۽ اُپاسنا جي آزادي، درجي ۽ موقعي جي سمانتا؛ خاطريءَ سان حاصل ڪرائڻ ۽ اُنهن سڀني ۾ شخصي سؤمان ۽ راشٽر جي ايڪتا توڙي اکنڊتا جي خاطري ڏيندڙ ڀائيچارو وڌائڻ لاءِ.

اسان جي هن سنوڌان سڀا ۾ اڄ تاريخ ڇويهين نومبر ١٩٤٩ جي ڏينهن، هن ذريعي هيءُ سنوڌان سويڪار ڪري، اُن کي قانون جي روپ ۾ پاڻ کي ارپڻ ڪريون ٿا.

## راشٽرگيت

جَنَ گَڻَ مَنَ اڌينايڪ جَيَہ هي
ڀارت ڀاڳيہ وڌاتا
پَنجاب، سنڌ، گجرات، مراٺا،
دراوڙ اُتڪل، بنگ،
ونڌيَہ، هماچَل يمُنا گنگا،
اُڇڇل جل ڌِ ترنگَ،
تَوَ شُڀ نامي جاڳي
تَوَ شُڀ آشيس ماڳي
گاهي تَو جيہ - گاٿا،
جَنَ گَڻَ منگَلَ دايَڪَ جَيَہ هي
ڀارت ڀاڳيہ وڌاتا،
جَيہ هي، جَيہ هي، جَيہ هي،
جَيہ جَيہ جَيہ جَيہ هي ....

## پرتگيا

’’ڀارت منهنجو ديش آهي. سڀ ڀارتواسي منهنجا ڀائر۽ ڀينر آهن.

مونکي پنهنجي ديش لاءِ پيار آهي ۽ مونکي ان جي شاندار۽ طرح طرح جي ورثي تي ڳؤرو آهي. مان سدائين ان جي لائق ٿيڻ جو جتن ڪندو رهندس.

مان پنهنجن مٽن مائٽن، اُستادن ۽ سيني بزرگن جو سنمان ڪندس ۽ هرڪنهن سان فضيلت ڀريو ورتاءُ ڪندس.

مان پرتگيا ٿو ڪريان تہ مان پنهنجي ديش ۽ ديشواسين سان سچو ٿي رهندس. انهن جي ڪلياڻ ۽ آسودگيءَ ۾ئي منهنجو سک سمايل آهي.‘

# پرسناونا

وديارٿي دوستو،

درجي ٽئين کان پنجين تائين اتهاس ۽ ناگرڪ شاستر وشيہ جو اڀياس توهان ’پسگردائي اڀياس‘ ۾ ڪيو آهي. درجي ڇهين کان اڀياسڪرم ۾ اتهاس ۽ ناگرڪ شاستر الڳ وشيہ آهن درجي ڇهين کان ٻئي وشيہ هڪ ئي ڪتاب ۾ شامل ڪيل آهن. درجي ڏهين جو هي ڪتاب توهانکي ڏيندي اسانکي خوشي ٿي رهي آهي.

وشيہ صحيح نموني سمجهہ ۾ اچي، وندرائيندڙ لڳي ائين ڪتاب جي رچنا ڪيل آهي. اسان جي اڇا آهي تہ توهانکي هن ڪتاب مان گيان سان گڏ خوشي پڻ ملي ان لاءِ ڪتاب ۾ رنگين چتر ڏنل آهن درسي ڪتاب جو هرهڪ باب ڌيان سان پڙهو. سمجهہ ۾ نہ ايندڙ ڳالهہ ماسترن ۽ مائٽن جي مدد سان سمجهو. چوکنڊن ۾ ڏنل مواد توهان جو گيان وڌائيندو. وڌيڪ ڄاڻ لاءِ ائپ وسيلي ڪيو. آر. ڪوڊ ذريعي هرهڪ سبق لاءِ وڌيڪ ڄاڻ ڏنل آهي. اُها توهانکي اڀياس لاءِ اُپيوگي ٿيندي. اتهاس وشيہ وندرائيندڙ آهي ۽ اهو اسانجو دوست آهي ائين سمجهي ڪتاب پڙهندا تہ توهان کي ضرور مزو ايندو.

اتهاس ڀاڱي ۾ ’عملي اتهاس‘ ڏنل آهي. اتهاس گهڙڻ لاءِ جڳياسا ۽ شوق جو وشيہ آهي پر اهو اسڪولي اڀياسڪرم ۾ ڪيترو ضروري آهي يا اُن تي ڌيان ڏيڻ سان ايندڙ وقت ۾ شاگردن کي واپار جا ڪهڙا موقعا ملي سگهندا يا سندن اختيار ڪيل ڌنڌي ۾ ڪين ان وشيہ جو ڪو خاص فائدو ٿيندو ڇا ان بابت گهڻن جي من ۾ شڪ هوندو آهي. ڄاڻ نہ هئڻ سبب اهو شڪ دور ڪرڻ ڏکيو هوندو آهي اها ڄاڻ هن درسي ڪتاب ذريعي ’اتهاس‘ وشيہ ۾ ڏنل آهي.

روزاني زندگيءَ جي ڪابہ ڳالهہ هُجي، واپار جو ڪوبہ ڪيتر هُجي، اِن ڳالهہ، واپاري ڪيتر جي وڪاس جو پنهنجو اتهاس هوندو آهي. ان اتهاس جو اپيوگہ واپار ۾ هنر وڌائڻ لاءِ ٿيندو آهي اها ڳالهہ هن ڪتاب ۾ سمجهاهيل آهي.

راجيہ شاستر ڀاڱي ۾ ’ڀارتي جوڙجڪ جي سفر‘ بابت ڄاڻ ڏنل آهي ان ۾ چوندن جي ترتيب جي ڄاڻ، راشٽريہ ۽ پرانتڪ سطح تي مکيہ سياسي ڌرون، سندن ڀومڪا لوڪشاهيءَ کي مضبوط ڪندڙ سماجڪ ۽ سياسي تحرڪ ۽ ڀارتي لوڪساهيءَ اڳيان للڪارن بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪيل آهي. هن درجي جا وديارٿي جلد ووٽر ٿيندا. ان نئين ڀومڪا لاءِ کين پڪو ڪرڻ لاءِ ڪتاب جو مواد ڪارائتو آهي.

(ڊا. سُنيل مگر)

سنچالڪ

مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پُستڪ

نرمتي و اڀياسڪرم سنشوڌن منڊل پڻي.

پڻي

١٨ مارچ ٢٠١٨، گُڙي پاڙوا

ڀارتيہ سوُريہ تاريخ : ٢٧ ڦاڳڻ ١٩٣٩

# – ماسترن لاءِ –

ماسترن لاءِ،

اتهاس ڳهڻن لاءِ جڳياسا ۽ شوق جو وشيہ آهي. پر اُهو اسڪولي اڀياسڪرم ۾ ڪيترو ضروري آهي يا اُن تي ڌيان ڏيڻ سان ايندڙ وقت ۾ شاگردن کي واپار جا ڪهڙا موقعا ملي سگهندا يا سندن اختيار ڪيل ڌنڌي ۾ ڪين ان وشيہ جو ڪو خاص فائدو ٿيندو ڇا ان بابت ڳهڻن جي من ۾ شڪ هوندو آهي. ڄاڻ نہ هئڻ سبب اهو شڪ دوُر ڪرڻ ڏکيو هوندو آهي اها ڄاڻ هن درسي ڪتاب ذريعي ’اتهاس‘ وشيہ ۾ ڏنل آهي.

اتهاس جي اڀياس جو طريقو ۽ اتهاس لکڻ جي معنيٰ، اتهاس لکڻ جو اتهاس انهن ڳالهين جي ڄاڻ هاڻي تائين فقط مهاوديالیہ ۽ وديا پيٺ سطح تي ڏني ويندي هئي اسڪولي اڀياس ڪرم ۾ اها شامل نہ هئي ان سان اتهاس جو وگيانڪ طريقو يعني ڇا، ان بابت شاگردن ۾ مونجهڪارو پيدا ٿيڻ جو انديشو ڌيان ۾ رکي هن درسي ڪتاب ۾ اتهاس لکڻ وشيہ تي پهرين ٻن بابن ۾ سؤلي طريقي ٿوري ۾ ڄاڻ ڏنل آهي.

فقط الڳہ الڳہ حڪومتون ۽ انهن ۾ لڙايون مهان ويرن جي همٿ جون ڪٿائون ان تائين اتهاس محدود نہ آهي ان جي سمجهاڻي شاگردن کي اتهاس جي درسي ڪتاب ۾ وقت بہ وقت ڏنل آهي تہ بہ انهن ڳالهين کان اڳتي ڪهڙو اتهاس اهي ۽ اتهاس جو زمان ححال سان سڌو لاڳاپو ڪيئن آهي اِن بابت سمجهہ حاصل ڪرڻ جو موقعو شاگردن کي نہ هو، اها ڳالهہ خاص طور اڳيان رکي درجي ڏهين جي اڀياسڪرم جو خاڪو تيار ڪيل آهي. ڪتابن ۾ بابن جو خاڪو بہ ان موجب تيار ڪيل آهي.

حقيقت ۾ اتهاس جو روزانو وهنوارڪ زندگيءَ سان پڪو ناتو آهي. اهو سمجهائيندڙ ’عملي اتهاس‘ يا ’عام لاءِ اتهاس‘ اها نئين گيان جي شاخڪن ڏهاڪن کان وڌي رهي آهي. پرڏيهي وديا پيٺن ۾ انجو اڀياسڪرم مؤجود آهي هن ڪتاب ۾ ان نئين وشيہ جي ڄاڻ سان گڏ الڳہ الڳہ ڌنڌن ۾ وڏيڪ شيوائن لاءِ اتهاس جي اونهي اڀياس جي ۽ اهڙن ڄاڻوُ ماهرن جي ضرورت ڪيئن آهي اهو پڻ ٻڌايل آهي ان جو اڀياسڪرم ۽ اهي اڀياسڪرم مؤجود هوندڙ سنستائن جي ڄاڻ ڏنل آهي.

روزاني زندگيءَ جي ڪابہ ڳالهہ هُجي يا واپار جو ڪوبہ ڪيتر هُجي انهن جي وڪاس جو پنهنجو اتهاس هوندو آهي ۽ ان اتهاس جي ڄاڻ جو واپار جي هنري واڌ ۾ اپيوگہ ٿيندو آهي. اها ڳالهہ ڪتاب ۾ سمجهايل آهي.

مهاوديالیہ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ تيار ڏهين درجي جي شاگردن کي ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ مستقبل ۾ ترقيءَ لاءِ مُفيد ڌنڌو چونڊڻ لاءِ صحيح راح ڪيئن طيءِ ڪجي ان بابت ڪيترائي سوال هوندا آهن. خاص ڪري اتهاس وشيہ ۾ سُني حاصلات جي اڇا هوندڙ شاگردن کي راهہ ڏيکاريندڙ ڪتاب تمام گهٽ آهن. هن درسي ڪتاب ذريعي اها کوٽ پورڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. ان لاءِ ڪارائتي ۽ وندرائيندڙ ڄاڻ، مناسب چٽر بہ شامل ڪيل آهن.

اسڪوُلي سطح تي ناگرڪ شاستر ۽ راجيہ شاستر وشيہ جي اڀياسڪرم ۾ سماجڪ ۽ سياسي پسگردائيءَ جي سُڃاڻپ کان انترراشٽريہ ناتن ۽ پنهنجي ديش جي سياسي ترتيبن جو روُپ ايترو ڪشادو مواد شامل ڪيل آهي. ان مواد جي سکڻ جا مقصد توهان پڙهائيءَ ذريعي حاصل ڪندا ئي پر ڏهين درجي ۾ ڳالهہ ٻولهہ فقط ڄاڻ واري نہ هجي. ان ۾ روزانا واقعا بہ شامل هُجن پارتي لوڪشاهي اڳيان للڪارون ضرور آهن پر لوڪشاهي مضبوط ڪندڙ روايتوُن بہ خوب آهن. ڳالهہ ٻولهہ، چرچا ذريعي انهن جي ڇنڊڇاڻ تي سگهندي ننڍن گروهن ذريعي شاگردن کي اظهار ڪرڻ ڪريو.

درسي ڪتاب جي مواد جي ڄاڻ شاگردن ۾ ڪجهہ نئون سکڻ جو اُتساهہ پيدا ڪندڙ آهي انکي ماستر ۽ مائٽ پورو ٽيڪو ڏيندا ان ۾ شڪ نہ آهي.

# لياقتي بيان

| نمبر | باب | لياقت |
|---|---|---|
| ·1 | پراچين کان جديد زماني جي اتهاس جو دليلي دؤر | • اتهاس لکڻ جي پرمپرا سمجهائڻ<br>• اتهاس لکڻ جي وگيان جي واڌاري ۾ انيڪ مغربي ودوانن جي محنت لڳي اهو ڄاڻڻ<br>• ڀارتي اتهاس جي الڳ الڳ زمانن جو دليلي ۽ ڀيٽ وارو اڀياس ڪري سگهڻ.<br>• ڀارت ۽ دنيا ۾ اتهاسڪ سنشوڌن جي ڄاڻ هٽ ڪري سگهڻ<br>• اتهاس وگيانڪ وشيه آهي اهو ٻڌائي سگهڻ. |
| .2 | عملي اتهاس | • عملي اتهاس جي معنيٰ ٻڌائي سگهڻ<br>• اتهاس جو الڳ الڳ وشين ۽ جيون ۾ اپيوگ سمجهڻ ۽ عمل ۾ آڻڻ.<br>• اتهاسڪ واقعن جو هم وقتي پٽو سمجهڻ.<br>• اتهاسڪ لکاوٽن ۾ الڳ الڳ ويچار ڌارائن کي سڃاڻڻ. |
| .3 | چوڌس ڦهلاءُ جا وسيلا ۽ اتهاس | • چوڌس ڦهلاءُ جي وسيلن ۽ اتهاس جو آپسي لاڳاپو ٻڌائي سگهڻ.<br>• جدا جدا چوڌس ڦهلاءُ جي وسيلن جي ڄاڻ جي آڌار تي بنا پيدياو جي پنهنجو اتهاسڪ نظريو بڻائڻ.<br>• واسطيدار ڌنڌي جي کيترن جي ڄاڻ گڏ ڪرڻ. |
| .4 | وندر جا وسيلا ۽ اتهاس | • وندر جي ضرورت سمجهائي سگهڻ.<br>• وندر جي وسيلن ۽ اتهاس جو آپسي لاڳاپو سمجهڻ.<br>• وندر جي وسيلن ۾ ٿيندڙ تبديليون ڄاڻڻ. |
| .5 | ڪلا، راند ۽ ساهتيه کيتر اتهاس | • ڀارت جي الڳ الڳ ڪلائن جي ڄاڻ ٻڌائي سگهڻ.<br>• ڀارت جي الڳ الڳ راندين ۾ ڪم بابت اڀيان رکڻ ۾ ان مان اُتساهه ڪڻڻ.<br>• ڪلا، رانديون ۽ ساهت کيتر جي جدا جدا جزن جي ڄاڻ ٻڌائڻ.<br>• ڪلا، رانديون ۽ ساهت جو اِتهاسڪ اُپيوگ ٻڌائي سگهڻ. |
| .6 | سئر سفر ۽ اتهاس | • سئر سفر کيتر ۾ اتهاس جو اُپيوگ تي سگهندو آهي اهو سمجهڻ.<br>• اسانجي ديش جي سئر سفر کيتر جا موقعا ٻڌائي سگهڻ.<br>• ان کيتر ۾ کيترائي روزگار جا موقعا آهن اهو ڄاڻڻ<br>• اتهاس ۽ سئر سفر جو آپسي لاڳاپو سمجهڻ. |
| .7 | اتهاس ۽ ٻيا کيتر | • اتهاس جي اڀياس ۾ عجائب گهرڻ - ڪتاب گهرن جي اهميت ٻڌائي سگهڻ.<br>• اتهاس جي اڀياس ذريعي حقيقي ڇنڊڇاڻ ڪري سگهجي ٿي اهو سمجهڻ.<br>• اتهاس جو ٻين کيترن سان لاڳاپو طيءِ ڪرڻ. |

# فهرست

## عملي اتهاس


| نمبر | باب جو نالو | صفحه نمبر |
| --- | --- | --- |
| .١ | اتهاس لکڻ : مغربي ريت ............. | 1 |
| .٢ | اتهاس لکڻ : ڀارتي ريت ............... | 7 |
| .٣ | عملي اتهاس .......................... | 15 |
| .٤ | ڀارتي ڪلائن جو اتهاس ..................... | 22 |
| .٥ | چوڌس ڦهلاءُ وسيلا ۽ اتهاس .................. | 32 |
| .٦ | وندرجا وسيلا ۽ اتهاس ........... | 39 |
| .٧ | راندڙ اتهاس ........................... | 46 |
| .٨ | سئر - سفر ۽ اتهاس ........................ | 52 |
| .٩ | اتهاسڪ امانت جو جتن ..................... | 59 |

# ١. اتهاس لکڻ : مُغربي ريت


١.١ اتهاس لکڻ جي ريت
١.٢ جديد اتهاس لکڻ
١.٣ يورپ ۾ وگيانڪ نظريي جو وڪاس ۽ اتهاس لکڻ
١.٤ مکيہ ويچاروان


گذريل وقت ۾ ٿيل واقعن کي سلسليوار ناهي جوڙي انهن کي سمجهڻ جي مقصد سان اتهاس جي کوجنا، لکڻ ۽ اپياس کيو ويندو آهي. اها سانده هلندڙ ڪريا آهي.

گيان جي وگيانڪ شاخن ۾ مؤجود گيان جي سچائي جاچڻ لاءِ تجرباتي طريقو ۽ آمهون سامهون جاچ جو اِستعمال ٿيندو آهي. ان طريقي وسيلي جدا جدا واقعن نسبت دائمي ۽ عالمي نيم اڳيان رکڻ ۽ اهي نيم وري وري ثابت ڪري سگهڻ ممڪن آهي.

اتهاس لکڻ ۾ تجرباتي طريقو ۽ آمهون سامهون جاچ ممڪن نہ آهي ڇو تہ اتهاس جا واقعا گذري چڪا آهن. انهن جي جاچ وقت اسين نہ هئاسين ۽ ڪين دُهرائي نٿو سگهجي ان ڪري دائمي ۽ عالمي نيم اڳيان رکڻ ۽ اهي ثابت ڪرڻ ممڪن نہ آهي.

سڀ کان پهريان اتهاسڪ دستاويز جنهن ٻوليءَ ۽ لپيءَ ۾ لکيل آهن اُها سمجهڻ لاءِ اُن ٻوليءَ ۾ لپيءَ جي ماهرن جي ضرورت هوندي آهي. ان کان پوءِ لکاوٽ، ليکڪ جي ٻوليءَ جي عبارت، ان ڪاغذ جي نهڻ جو وقت ڪاغذ جو قسم، حاڪم جي مُهر وغيرهہ ڳالهين جا ماهر اهو طيءِ ڪرڻ ۾ مدد ڪندا آهن تہ اهو دستاويز اصلي آهي يا نہ. ان کان پوءِ اتهاس جا ماهر حوالن جي مُشابهتي چڪاس ذريعي دستاويز جي جاچ جي سچائيءَ جي جاچ ڪري سگهندا آهن.

### اتهاس جي کوجنا جو طريقو



اتهاس جي کوجنا جي مدد لاءِ ڪيترين ئي گيان جو شاخون ۾ سنستائون آهن. مثال، پراچين وستو وديا، ڪاغذ پٽن جو دفتر، بندوبست، هٿ اکرن جو اڀياس، لکاوٽ جي وديا، ڀاشا رچنا وديا، سڪنت جي وديا، ونش جو اڀياس وغيره.

## ١.١ اتهاس لکڻ جي ريت :

اتهاس ۾ مؤجود ثبوتن جي پرک، ماضيءَ ۾ ٿيل واقعن جي پيش ڪش ڪيئن ڪيدي آهي اهو اسين ڄڻو ان پيش ڪش جي لکڻ جي طريقي کي اتهاس لکڻ چئبو آهي. ان نموني اتهاس جي پرک وسيلي پيش ڪش ڪندڙ کي اتهاسڪار چئبو آهي.

ماضيءَ ۾ ٿيل هرهڪ واقعي کي نوٽ ڪرڻ ۾ اهو اڳيان رکڻ اتهاسڪار لاءِ ممڪن نه آهي اتهاس جي پيش ڪرڻ وقت اتهاسڪار ماضيءَ جي ڪهڙن واقعن جي چونڊ ڪندو، اهو ان ڳالهه تي مدار رکي ٿو ته هنکي پڙهندڙ تائين ڇا پهچائڻو آهي. چونڊيل واقعا ۾ سندن پيش ڪش وقت عمل ۾ آندل ذهني نظريو اهي اتهاسڪار جي اتهاس لکڻ جو ڍنگ مقرر ڪندا آهن.

دنيا جي پراچين سڀيتائن ۾ ان قسم جي اتهاس لکڻ جي ريت نه هئي پر ته به ائين چئي نه سگهبو ته کين ماضيءَ جي ڄاڻ يا ان بابت جڳياسا نه هئي. وڏن کان ٻڌل ابن - ڏاڏن جي رندگي، همٿ جون ڳالهيون ايندڙ پيڑهيءَ تائين پهچائڻ جي ضرورت ان وقت به محسوس ڪبي هئي. غفا -چترن ذريعي سمرتين جو جتن، ڪهاڻيون ٻڌائڻ، گيت پوواڙا ڳائڻ وغيره رسمون دنيا جي سڀيتائن ۾ پراچين وقت کان مؤجود هيون. جديد اتهاس لکڻ ۾ اُنهن رسمن جو وسيلن (ساڌنن) جي روپ ۾ استعمال ٿيندو آهي.

### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟



فرانس جي عجائب جو سڀ کان پراچين شلا ليک

مٽيئن چتر ۾ هٿ ۾ ڍال ۽ ڀالو کنيم سئنکن جي قطار ۽ سندن رهبري ڪندڙ سئنڪ ڏسجن ٿا ائين چئي سگهجي ٿو ته اتهاسڪ واقعن کي لکت ۾ درج ڪرڻ جي ريت ميسوپوٽيما جي سُمير سڀيتا ۾ شروع ٿي. سُمير سڀيتا جي راجائن، انهن ۾ ٿيل جهيڙن جو ورڻن اتان جي شلا لکين ۾ ڪيل آهي. انهن ۾ سڀ کان پراچين شلا ليک ۾ اٽڪل ٤٥٠٠ سال اڳ وارن ٻن راجين ۾ ٿيل لڙائي ۾ درج ڪيل آهي اهو هاڻي فرانس جي مشهور لوُرَ عجائب گهر ۾ رکيل آهي.

## ١.٢ جديد اتهاس لکڻ

جديد اتهاس لکڻ جون چار مکيه خاصيتون ٻڌايون ويندیون آهن.

(١) اهو طريقو وگيانڪ آهي. انجي شروعات مناسب سوالن جي پيش ڪش سان ٿيندي آهي.

(٢) اهي سوال انسان مرکزي هوندا اهن يعني اُهي ماضيءَ ۾ انساني سماج جي ڀاتين ذريعي خاص عرصي ۾ ڪيل ڪمن بابت هوندا آهن. اتهاس ۾ انهن ڪمن جو لاڳاپو چمتڪاري واقعن يا ديوي - ديوتائن جي ڪهاڻين سان ڳنڍڻ جي ڪوشش نه ڪبي آهي.

(۳) انهن سوالن جي اتهاس جي جوابن کي پروسي جي آثار هوندو آهي ان سبب اتهاس جي پيش ڪش منطقي هوندي آهي.

(۴) انساني سماج جي ماضيءَ ۾ ڪيل ڪمن جي آثار تي انجي رُخ جو انداز اتهاس ۾ لڳايو ويندو آهي.

مٿين خاصيت واري جديد اتهاس لکڻ جي ريت جا ٻج پراچين گريڪ اتهاس ڪارن جي لکاوٽ ۾ ملن ٿا ائين مڃيو ويندو آهي. 'هسٽري' لفظ گريڪ ٻوليءَ جو آهي. ع.س. کان ۵ صديون اڳ ٿي ويل گريڪ اتهاسڪار هِروڊٽس پنهنجي ڪتاب 'دَ هسٽريز' جي سِري لاءِ اهو ڪم آندو.

## ۱.۳ يورپ ۾ وگيانڪ نظريي جو وڪاس ۽ اتهاس لکڻ

عيسوي سن جي ارڙهين صديءَ ۾ ٿائين يورپ ۾ فيلصوفي ۽ وگيان جي کيترن ۾ چڱي ترقي ٿي. وگيانڪ طريقن جي اپيوگ سان سماجڪ ۽ اتهاسڪ حقيقتن جو به اڀياس ممڪن آهي. اهڙو وشواس ويچار وانن کي ٿيڻ لڳو. ان کانپوءِ واري وقت ۾ يورپ - آمريڪا ۾ اتهاس ۽ اتهاس لکڻ بابت خوب سوچ -ويچار ٿيو. اتهاس لکڻ ۾ هڪجهڙائي ايندي ويئي.

ارڙهين صديءَ کان اڳ يورپ جي وديا پيٺن ۾ هرهنڌ ايشور بابت ڳالهه ٻولهه ۽ فيلصوفيءَ کي وڌيڪ اهميت ڏني ويئي هئي. پر ڌيري ڌيري اها حالت بدلجڻ لڳي. عيسوي سن ۱۷۳۷ ۾ جرمنيءَ ۾ گاٽنگين وديا پيٺ جي استاپنا ٿي. ان ۾ پهريون دفعو اتهاس وشيه کي آزاد استان مليو. ان کانپوءِ جرمنيءَ جي ٻين وديا پيٺن ۾ به اتهاس اڀياس جا مرڪز بڻيا.

## ۱.۴ مکيه ويچار وان

اتهاس لکڻ جو وگيان وڌائڻ لاءِ کيترن ئي ويچار وانن محنت ڪئي. انهن مان ڪن مکيه ويچار وانن جي ڄاڻ وٺون.

### ريني ڊيڪارٽ (۱۵۹۶ - ۱۶۵۰)

اتهاس لکڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ ساڌنن خاص ڪري ڪاغذ پٽن جي سچائي جاچڻ ضروري آهي ان تي زور وڌڻ لڳو. ان ۾ فرينچ فيلصوف ريني ڊيڪارٽ اڳيان هو.


ريني ڊيڪارٽ

هنجي لکيل گرنٿ 'ڊسڪورس آن د ميٿڊ' جو هڪ نيم وگيانڪ کوجنا جي نظريي کان گهڻو اهميت پريو آهي. اهو نيم آهي 'جيستائين ڪا ڳالهه بنا شڪ جي ثابت نٿي ٿئي تيستائين اها بلڪل نه مڃجي'.

### والٽيئر (۱۶۹۴-۱۷۷۸)

والٽيئر جو اصلي نالو فرانسوا مرَي ارُوئي هو. فرينچ فيلصوف والٽيئر فقط حقيقتن ۽ واقعن جي سلسلي تي زور نه ڏيئي ان وقت جي سماج جي ريتين، واپار، مالي سرشتن، کيتي وغيره ڳالهين جو به ويچار ڪرڻ ضروري آهي، اهو مٿو پيش ڪيو. ان مان اها سوچ نهي ته اتهاس جي پيش ڪش ۾ انساني جو سمورو ويچار ٿيڻ گهرجي ان سبب والٽيئر کي جديد اتهاس لکڻ جو ابو چئي سگهجي ٿو.


والٽيئر

## جارج ولهيم فريڊرڪ هيگيل



جارج ولهيم فريڊرڪ هيگيل

**(١٧٧٠-١٨٣١) :** هن جرمن فيلسوف اِن ڳالهه تي زور ڏنو ته حقيقتون دليلي نموني پيش ڪرڻ گهرجن اتهاس ۾ واقعن جو سلسلو ترقيءَ جا ڏاڪا ڏيکاري ٿو. هن چيو ته اتهاس جي پيشڪش اتهاسڪار کي وقت به وقت ملندڙ ڄاڻ موجب بدلجڻ سڀاويڪ آهي. هن جي ڇنڊڇاڻ سبب گهڻن ئي فيلسوفن کي وشواس ٿيو ته پل اتهاس جي اڀياس جا طريقا وگيان کان الڳ آهن ته به اهي گهٽ درجي وارا نه آهن. اين سائڪلو پيڊيا آف فلا سيفيڪل سائنسس ڪتاب ۾ ان جا ڀاشڻ ۽ ليک گڏ ڪيل آهن. هيگل جو لکيل 'ريزن اِن هسٽري' ڪتاب مشهور آهي.

### ڄاڻي وٺو

هيگيل موجب ڪنهن به واقعي کي سمجهڻ جي لاءِ اِن جي ورهاست ٻن مخلتف قسمن ۾ ڪرڻي پوندي آهي. اِن کان سواءِ اِنسان کي اها سمجهه به نه ايندي آهي. مثال ڪوڙو - سچو، سُٺو - خراب. اِن طريقي کي ڊائليڪٽس چوندا آهن. اِن طريقي ۾ پهريون هڪ سڌيان پيش ڪيو ويو آهي. اِن کان پوءِ اُن جو اُبتڙ سڌيان پيش ڪيو ويو آهي. ٻنهي سڌيان ۾ جي دليلي ڇنڊڇاڻ کان پوءِ ٻنهي جو سار جنهن ۾ سمايل آهي. اِن سڌيان ۾ جي صحيح پيش ڪش ڪئي ويندي آهي.

## لئوپالڊ وان رانڪي (١٧٩٥-١٨٨٦) :

اڻويهين صديءَ جي اِتهاس لکڻ جي طريقي تي مکيه طور برلن وديا پيٺ جي لئوپالڊ وان رانڪي جي ويچارن جو اثر اتهاس جي کوجنا جي پرک طريقو ڪيئن هئڻ گهرجي. مُول دستاويزن مان حاصل ٿيل ڄاڻ وڌ ۾ وڌ اهميت واري آهي. هن اِن نيتيءَ زور ڏنو هن چيو ته اتهاسڪ واقعن سان جڙيل سڀني قائدن وٽان ۽ دستاويزن جو مُڪمل ڳولها ڪرڻ ضروري آهي.



لئوپالڊ وان رانڪي

اهڙيءَ طرح اتهاسڪ حقيقتن تائين پهچي سگهجي ٿو هن جو اهڙو وشواس هو اِتهاس لکڻ ۾ ڪلپنائن تي اِن ٽيڪا ڪئي هن دنيا جي اتهاس لکڻ تي زور ڏنو. دَ ٿئري اينڊ پرئڪٽس آف هسٽري ۽ 'دَ سيڪريٽ آف ورلڊ هسٽري' ڪتابن ۾ سندس جُدا جُدا ليک گڏ ٿيل آهن.

## ڪارل مارڪس (١٨١٨-١٨٨٣) :

اُڻويهين صديءَ جي پوئين حد ۾ ڪارل مارڪس جي پيش ڪيل صداين سبب اتهاس جي نظريعي اهميت واري تبديل آڻيندڙ ويچارن جو سرشتو بڻيو. اتهاس خيالن جو نه بلڪ زندهه - انسانن جو هوندو آهي ماڻهن وچم آپسي ناتا سندن بنيادي گهرجون پوريون ڪرڻ جي لاءِ موجود پيدائش جي وسيلن جي روپ ۾ مالڪي تي مدار رکندا آهن. سماج جي ڄُڻن کي اهي وسيلا برابر حصن ۾ نه ملندا آهن



ڪارل مارڪس

اِن مان سماج جي طبقن ۾ اڻ برابر ورهاست ٿي طبقن ۾ تناءُ پيدا ٿيندو آهي. هن چيو ته اِنساني اِتهاس اهڙن

جهيڙن جو اتهاس آهي، جنهن طبقي جي هٿ ۾ پئداش جا وسيلا هوندا آهن اهو ٻين طبقن کي مالي نموني ڏهندو آهي. هن جو ڪتاب داس ڪئپٽل مشهور آهي.

**ائنلس سرشتو :** ٢٠ صديءَ جي شروعات ۾ فرانس ۾ ائنلس نالي اتهاس لکڻ جو سرشتو شروع ٿيو. ائنلس سرشتي سبب اتهاس لکڻ کي هڪ نئون روپ مليو. اتهاس جي اڀياس ۾ فقط سياسي واقعا راجا، مهان اڳوانن ۽ اِن سان جڙيل سياست نيتيون لڙايون وغيره تي زور نہ ڏيئي ان وقت جي آبهوا، ماڻهو، کيتي، واپار، تڪنيڪ، آمدرفت، رابطي جا وسيلا، سماجڪ بناوت ۽ عام سوچ وغيره جو بہ اڀياس ڪرڻ ائنلس مڃيو ويو آهي. ائنلس سرشتو شروع ڪرڻ ۾ ان کي وڌائڻ جو شرف فرينچ اِتهاسڪارن کي آهي.

**عؤرت وادي اتهاس لکڻ :**

عؤرت وادي اتهاس لکڻ يعني عورتن جي نظريي کان اتهاس جي وري کيل رچنا. سيمان - د-بووا ان فرينچ استريءَ وڌوائنعؤرت وادي بنيادي ڀوميڪا ثابت ڪئي. عورتوادي اتهاس لکڻ ۾ استرين کي شامل ڪرڻ سان گڏ اتهاس لکڻ ۾ پرش دبدبي واري نظريي تي وري ويچار ڪيو ويو. اِن کان پوءِ اِسترين جي زندگيءَ سان جڙيل نوڪري، روزگار، مزدور يونين، اِنهن لاءِ ڪم ڪندڙ سنستائن، عورتن جي گهرو زندگي وغيره وشين تي تفصليوار ويچار ڪندڙ ڪوجنا شروع ٿي. ١٩٩٠ کان پوءِ ’عورت‘ هڪ الڳ سماجڪ طبقو سمجهي اِتهاس لکڻ تي زور ڏنو ويو.

**مائڪل فُڪو (١٩٢٦-١٩٨٤)**

٢٠ صديءَ جي فرينچ اِتهاسڪار مائڪل فُڪو جي لکڻ مان اِتهاس لکڻ جو هڪ نئون ويچار آيو هن پنهنجي ڪتاب آرڪيلاجي آف نالیج ۾ چيو تہ اتهاس جي وقت موجب اڻتٽ ورهاست ڪرڻ ڪرڻ جو طريقو غلط آهي. پراچين وستو وديا ۾ آخري سچ تائين پهچڻ مقصد نہ آهي بلڪ ماضي جي حالتن ۾ تبديل بابت سمجهاڻي ڏيڻ جي ڪوشش هوندي آهي اِن جي لاءِ اِن طريقي کي گيان جي پراچين وستوُ وديا ڪري چيو.


مائڪل فُڪو

اِتهاسڪارن جي اڳ ويچار نہ ڪيل وشين مانسڪ خرابين، طب (علاج) قيدخانا وغيره جو هن اِتهاسڪ نظريئي کان ويچار ڪيو. جديد اِتهاس لکڻ جو دائرو اهڙي نموني وڌندو ويو. ساهتيہ، عمارت سازي، شلپ ڪلا، چترڪلا، سنگيت ڪلا، ناچ ناٽڪ، فلمون، دوردرشن وغيره وشين جو الڳ اِتهاس لکجڻ لڳو.

### ١. (الف) ڏنل متبدل جوابن مان مناسب جواب چونڊي بيان پورا ڪريو.

(١) ...... کي جديد اتهاس لکڻ جو ابو چئجي ٿو.

(الف) والٽيئر (ب) ريني ڊيڪارٽ

(ٻ) لئوپولڊ رانڪي (پ) ڪارل مارڪس

**(٢) آرڪيلاجي آف ناليج ڪتاب ......... لکيو.**

(الف) ڪارل مارڪس (ب) مائڪل فُڪو

(ٻ) لُسئان فيبر (پ) والٽيئر

### (ب) هيٺين مان غلط جوڙو دُرست ڪري لکو.

(١) جارج ولهيم فريڊرڪ هيگيل - ريزن اِن هسٽري

(٢) لئو پولڊ وان رانڪي - دَ ٿيئري ۽ پرئڪٽس آف هسٽري

(٣) هرودوٽس - دهسٽريز

(۴) ڪارل مارڪس - ڊسڪورس آن دَ ميٿڊ

### (٢) نوٽ لکو.

(١) ڊائليڪٽڪس (٢) ائنلس سرشتو

### ٣. هيٺيان بيان سبب ڏيئي سمجهايو.

(١) عورتن جي زندگيءَ سان جڙيل مُدن تي ويچار ڪندڙ ڪوجنائون شروع ٿيون.

(٢) فطو پنهنجي لکت جي طريقي کي گيان جي پراچين وستو وديا چيو آهي.

### ۴. هيٺيون ويچار - چٽر پورو ڪريو.




### ۵. هيٺين سوالن جا تفصيلوار جواب لکو.

(١) ڪارل مارڪس جو طبقائي سڌيان سمجهايو.

(٢) جديد اتهاس لکڻ جون چار خاصيتون سمجهايو.

(٣) عورت وادي اتهاس لکڻ معنيٰ ڇا؟

(۴) لئو پالڊ وان رانڪي جو اتهاس بابت نظريو سمجهايو.

**عملي ڪم**

(١) توهانکي وٽندڙ هڪ وشيه جي تفصيلوار ڄاڻ گڏ ڪريو ۽ انجو اتهاس لکو. مثال،

* پين (قلم) جو اتهاس
* ڇپائي ڪلا جو اتهاس
* ڪمپيوٽر جو اتهاس.

5NL25I

# ٢. اتهاس لکڻ : ڀارتي ريت


٢.١ ڀارتي اتهاس لکڻ جو سفر

٢.٢ اتهاس لکڻ جو ڀارتي نظريو - الڳ الڳ فيلصوُفي سرشتا


## ٢.١ ڀارتي اتهاس لکڻ جو سفر

اتهاس لکڻ جي مغربي ريت جي سُڃاڻپ اسين پهرئين باب ۾ ڪئي. هن باب ۾ اسين اتهاس لکڻ جي ڀارتي ريت بابت ڄاڻ حاصل ڪنداسين.

**پراچين وقت ۾ اتهاس لکڻ :** پراچين ڀارت ۾ ابن ڏاڏن جي همت، پوڄا پاٺ، سماجڪ حالتن ۾ تبديل وغيره جون يادگيرون فقط زباني طريقي جتن ڪيون ويندڀون هيون.

هڙاپا سڀيتا ۾ مليل پراچين ليکن مان ڄاڻ پوي ٿي تہ ڀارت ۾ لکڻ ڪلا عيسوي سن کان ٿي سؤ صديون اڳ يا ان کان پهريان وجود ۾ هئي پر هڙپا سڀيتا جي لپي پڙهڻ ۾ اڃا بہ ڪاميابي نہ ملي آهي.

ڀارت ۾ اتهاسڪ لکيل بيحد پراچين ساهتيہ اُڪريل ليکن جي روپ ۾ آهي انجي شروعات مؤريہ سمراٽ اشوڪ جي وقت کان يعني عيسوي سن کان اڳ ٽين صديءَ کان ٿي آهي. سمراٽ اشوڪ جا اُڪريل ليکہ ٿلهن ۽ پٿرائن ٿنڀن تي اُڪريل آهن.

عيسوي سن جي پهرين صديءَ کان پوءِ وارا ڏاتن جا سڪا، مورتيون، شلپ، تامر پتر، وغيره تي اُڪريل ليکہ مؤجود آهن. انهن مان اهم اتهاسڪ ڄاڻ ملي ٿي. انهن ڀارتي ريت سيني قسمن جي اُڪريل ليکڪن مان اُنهن راجائن جا عرصا، ونش، راڄ جو وستار، ڪاروباري سرشتا، اهم سياسي واقعا، اُن وقت جي سماجڪ بناوت، آبهوا، ڏُڪار وغيره اهم ڳالهين جي ڄاڻ ملي ٿي.

پراچين ڀارتي ساهتيہ ۾ رامايڻ، مهاڀارت، مهاڪاويہ، پُراڻ، جيني ۽ ٻوڌي گرنٿ، ڀارتي گرنٿ ڪارن جو اتهاسڪ ساهتيہ، پرڏيهي مسافرن جا سفرناما اهي اتهاس لکڻ جا اهميت ڀريا ساڌن مڃيا وڃن ٿا.

### سمجهي وٺو



**سوهڳوُڙا تامر پتر :** اهو تامر پتر سوهڳوُڙا (ضلع گورکپور، اُترپرديش) ۾ مليو. ائين مڃيو ويندو آهي تہ اهو تامريت مؤريہ زماني جو آهي. ان تي اُڪريل ليکہ براهمي لپيءَ ۾ اهي. ليکہ جي شروعات ۾ جيڪي نشان آهن. اُنهن مان ٿلهي سان گڏ وارو وڻ، جبل (هڪ ٻئي جي مٿان واريون ٽي ڪمائون) اهي نشان پراچين آهت سڪن تي بہ آهن ماهرن موجب چئن ٿنڀن تي ٻڌل ٻہ ماڙ وارو نشان اناج جي گُدام ٿي سگهي ٿو.

ان ليکہ ۾ حڪم آهي تہ اناج جي گدام جو اناج سنڀالي واپرايو وڃي ائين لڳي ٿو تہ ڏڪار وقت کهڙي خبرداري وٺجي ان بابت حڪم ليکہ ۾ ڏنل آهي.

پراچين راڄائن جون جيونيون ۽ راڄ گهراڻن جو اِتهاس ٻڌائيندڙ ليک ۽ ڀارتي اِتهاس لکڻ جي سفر ۾ اهم ڏاڪا آهن.

عيسوي سن ستين صديءَ ۾ ٻاڻ ڀٽ ڪويءَ جو لکيل هرش چرت سنسڪرت ڪاويہ اتهاسڪ جيوني جي روپ ۾ آهي اِن ۾ هن وقت جي سماجڪ مالي سياسي، ڌرمي ۽ سپيتڪ جيون جو حقيقي چٽ چٽيو ويو آهي.

### وچولي زماني ۾ اِتهاس لکڻ : -

عيسوي سن ٻارهين صديءَ ۾ ڪُلهڻ جو لکيل ’راڄ ترنگڻي‘ ’ڪشمير جو اِتهاس‘ بيان ڪري ٿو. اِتهاس لکڻ شاسترن موجب ڪيئن هجي اِن جديد ويچار بابت اهو گرنٿ ٻڌائي ٿو. اِن ۾ ڪلهڻ ٻڌايو آهي تہ اُڪريل ليکہ، سڪا، پراچين شين جا نشان، درٻاري، داخلا ۽ مڪاني ريتيون وغيرهہ انيڪ ساڌن جي پرکہ ڪري پوءِ هن گرنٿ لکيو آهي.

وچولي زماني جي ڀارت ۾ مسلم حاڪمن جي درٻار جي اِتهاسڪارن جي لکاوٽ تي عربي ۽ فارسي اِتهاس لکڻ جي ڇاپ آهي. اِن وقت جي مسلم اِتهاسڪارن ۾ ضيا اُدين برني اهم هو. هن پنهنجي ڪتاب تاريخ -اي - فروزشاهي ۾ اِتهاس لکڻ جو مقصد ٻڌايو ويو آهي. هو چوي ٿو تہ اِتهاسڪارن جو فرض فقط راجا جي بهادري ۽ ڪلياڻڪاري رٿائون بيان ڪري پوري نٿو ٿئي. هن ڪي راجا جي غلط يوجنائن ۽ خرابين بابت بہ لکڻ گهرجي اِن ڪان سواءِ اُن وقت جي ودوانن، اپياس ڪندڙن ۽ ساهتيڪارن ۽ سنتن جي سماجڪ جيون تي اثر ڏانهن بہ ڌيان ڏيڻ گهرجي. برني جي ان سوچ سبب اتهاس لکڻ جو دائرو وڌيو.

مغل بادشاهن جي درٻارن جي اتهاسڪارن جي لکتن ۾ حاڪمن جي ساراهہ ۽ اُنهن ڏانهن ايمانداري، انهن ڳالهين کي خاص اهميت



**ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟**

البرونيءَ ڀارت ۾ رهندي پنهنجا آزمودا لکيا. هن وقت جي هندستان جي ودوانن ۽ سماجڪ جيون جو چٽ چٽيو ان ڪان پوءِ واري وقت جا حسن نظاميءَ جو ’تاجل- اَ- امير‘، مِنهاجُس سِراج جو ’تباقت - اي- ناصري‘، امير خصرو جو وشال ساهتيہ، امير تِمُديءَ جو ’توزڪ - اي - تِمُري‘ آتم ڪٿا، ياهيا بن احمد سر هندي اتهاسڪار جو ’تاريخ - اي - مُبارڪشاهي‘ اهي ڪتاب اهميت ڀريا آهن. انهن ڪتابن مان سلطان شاهيءَ جي وقت جي ڄاڻ ملي ٿي. اِبن -بطوطا عبدل رظاق، مارڪو پولو، نڪولو، ڪانتي، باربوسا ۽ ڊومنگوس پيسن انهن مسافرن ۽ لکت مان پڻ سلطان شاهي زماني جي ڀارت جيڄاڻ پوي ٿي. ايشور لعل ناگر، ڀيمسين سڪسينا، خفي خان ۽ نڪلولاءِ منوُچي اهي اؤرنگزيب جي وقت جا اهم اتهاسڪار هئا. مغل زماني جو اتهاس سمجهڻ لاءِ انهن جو اتهاس اهم پريو آهي.

ملي. انهن جي بيانن ۾ نهڪندڙ نظم ۽ سهڻن چترن کي شامل ڪرڻ جو رواج شروع ٿيو. مغل سلطنت جي پايي وجهندڙ بابرجي آتم ڪٿا. ’توزڪ - اي - بابري‘ ۾ هن جي ڪيل لڙاين جو ورڻن ڪيو آهي. ان ڪانسواءِ هنجي سفر ڪيل ايراضين ۽ شهرن جو ورڻن، اُتان جي مڪاني مالي حالتن، ريتي رواجن، نباتاتوغيرهہ. جي اونهي ڄاچ پڻ شامل آهن.

اتهاس لکڻ جي پرکہ طريقي جي نظريي ڪان ابو - ال - فضل جي لکيل ’اڪبر ناما‘ ڪتاب کي خاص اهميت آهي. صحيح داخلا جي آذار تي خبرداريءَ سان گڏ ڪيل اتهاسڪ ڄاڻ ۽ ان ڄاڻ جي پوريءَ طرح ڪيل ڇنڊڇاڻ

چندچاڻ اهو ابو - ال - فضل جو اختيار ڪيل طريقو بنا بدغماني وارو ۽ حقيقت وارو هو، ائين چيو وڃي ٿو.

'بکر' اتهاسڪ ساهتيه جو هڪ اهم قسم آهي. اسان کي بکر ۾ ويرن جي ساراهه، اتهاسڪ واقعا، لڙاين مهان پرش جي جيونين بابت پڙهڻ لاءِ ملي ٿو.

مراٺيءَ ۾ الڳ الڳ قسمن جون بکرون موجود آهن. انهن مان 'سڀاس بکر' هڪ اهميت واري بکر آهي. ڇترپتي راجارام مهاراج جي وقت ۾ ڪرشنا جي اننت سڀاسد اها بکر لکي. ان بکر مان ڇترپتي شواجي مهاراج جي ايامڪاريءَ جي ڄاڻ ملي ٿي.

'ڀائو صاحب جي بکر' ۾ پاڻيپت جي لڙائيءَ جي ورڻن آهي. ان وشيه تي هڪ الڳ 'پاڻيپت جي بکر' به لکيل آهي. 'هولڪرانچي ڪئفيت' بکر مان اسانکي هولڪر گهراڻو ۽ انجي يوگدان بابت ڄاڻ ملي ٿي.

جيوني، ونش بابت، واقعن بابت، پنڌن بابت، آتم ڪٿا ڪئفيت، پراچين ۽ راڄنيتيءَ بابت اهي بکرن جا قسم آهن.

### جديد وقت ۾ اتهاس لکڻ ۽ برٽش عرصي جو اتهاس :

ويهن صديءَ ۾ برٽش جي ايامڪاريءَ ۾ ڀارتيه پراچين وستو وديا آرڪيلاجي جي اڀياس جي شروعات ٿي. ڀارتي آرڪيالاجيڪل سروي کاتي جي پهرئين مکيه ڊائريڪٽر اليڪزينڊر ڪننگهم جي صدارت هيٺ ڪيترن پراچين استانن جي کوٽائي ڪئي ويئي. هن خاص ڪري ٻوڌي گرنٿن ۾ ذڪر ڪيل استانن تي خيال ڏنو. اڳتي ملي جان مارشل جي وقت ۾ هڙاپا سڀيتا جي ڳولها ٿي. ان مان ثابت ٿيو ته ڀارتي سڀيتا جو اتهاس عيسوي سن کان



اليڪزينڊر ڪننگهيم



سرجان مارشل

ٽي هزار سال يا ان کان به اڳ تائين جو آهي.

ڀارت ۾ آيل ڪيترن برٽش عملدارن به ڀارتي اتهاس بابت لکيو. سندن لکيتن تي برٽش جي ٻئنڪن راڄ نيتيءَ جو اثر ڏسجي ٿو.

جيمس مل جي لکيل 'دَ هسٽري آف برٽش اِنڊيا' ڪتاب جا ٽي ڀاڱا سنه ١٨١٧ ۾ شايع ٿيا ڪنهن برٽش اتهاسڪار جو ڀارتي اِتهاس تي لکيل هيءُ پهريون ڪتاب هو. سندس لکاوٽ ۾ حقيقي نظريي جي ڪمي ۽ ڀارتي سڀيتا ڏانهن بدغماني صاف نظر اچي ٿي.



جيمس مل

سنه ١٨٤١ ۾ مائونٽ اسٽوئرٽ ايلفنسٽن 'دَ هسٽري آف انڊيا' ڪتاب لکيو. مائونٽ اسٽوئرٽ ايلفنسٽن ممبئي جو گورنر (١٨١٩-١٨٢٧) هو.

ڀارت جي اتهاس ۾ مرهٽي راڄ جو عرصو خوب اهميت ڀريو آهي مرهٽي راڄ جو اِتهاس لکندڙ برٽش عملدارن ۾ جيمس گرانٽ ڊف جو نالو اهم آهي. هن 'دي هسٽري آف مراٺاز' ڪتاب لکيو ان ڪتاب جا ٽي ڀاڱا آهن، ڀارتي سڀيتا اِتهاس کي گهٽ لکڻ جي برٽش عملدارن جو سڀاءُ گرانٽ ڊف جي لکاوٽ ۾ به نظر اچي ٿو.

ساڳيو سياءُ راجستان جو اِتهاس لکندڙ ڪرنل ٽاڊ جي لکاوٽ ۾ بہ نظر اچي. وليم ولسن هنٽر هندستان جو اِتهاس ٻن ڀاڱن ۾ لکيو. هن جو سياءُ بي طرفداريءَ وارو نظر اچي ٿو.

ڊف جي اِتهاس لکڻ جون گهٽتايون نيل ڪنٽ جناردن ڪيرتني ۽ و.ڪا. راجواڙي هنن اُڻويهين صدي ۾ ڏيکاريون.

## ۲.۲ ڀارتي اِتهاس لکڻ جون جُدا جُدا ويچار ڌارائون :

**برٽنڪي راڄ وارو اِتهاس لکڻ :** ڀارتي اِتهاس جو اڀياس ڪندڙن ۽ لکندڙن شروعاتي اِتهاسڪارن ۾ گهڻو ڪري برٽش عملدارن ۾ عيسائي ڌرمن جو ڦهلاءُ ڪندڙ شامل هئا ڀارتي سڀيتا گهٽ درجي جي آهي اها بدغماني انهن مان ڪجهہ جي لکڻ ۾ صاف نظر اچي ٿي.برٽنڪ ۾ وارن برٽش طاقت وارين ڀنيرائيءَ جي لاءِ اِن اتهاسڪ لکڻ جو اِستعمال ٿيو. ۱۹۲۲ کان ۱۹۳۱ درميان شايع ٿيل ’ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا‘ ڪتاب جا پنج ڀاڱا برٽنڪي راڄ ۾ اِتهاس لکڻ جو ظاهري مثال آهن.

**مشرقي اِتهاس لکڻ :**

يورپ جي اِتهاسڪارن ۾ اڀياس ڪندڙن ۾ اوير جي سڀيتا ۽ ديشن بابت جڳياسا هئي اِنهن مان ڪنهن کي اِن بابت آڌار ۽ پريم هو اِنهن کي مشرق واڌي چيو ويندو آهي. مشرق وادي اڀياس ڪندڙن سنسڪرت ۽ يورپي ڀاشائن هڪجهڙائيءَ جو اڀياس ڪيو اِنهن ماهرن ويدڪ ۽ سنسڪرتن ساهتيہ تي زور ڏنو انهن ويچار پيش ڪيو تہ اِنهن ڀاشائن جي جنني هڪ پراچين انڊو - يورپي ڀاشا هئي.

عيسوي سنہ ۱۷۸۴ ۾ سر وليئم جونس ڪولڪاتا ۾ ايشيائڪ سوسائٽيءَ جي اِستاپنا ڪئي. اِن ذريعي ڀارتي ساهتيہ جي اِتهاس جي اڀياس کي هٿي ملي.


وليم جونس

مشرقي اڀياس ڪندڙن ۾ فريڊرڪ ميڪسيولر هن جرمن اڀياس ڪندڙن جو ذڪر ضروري آهي هن جي ويچار موجب سنسڪرت ڀاشا اِنڊو - يورپي ڀاشا گروهہ جي بيحد پراچين شاخ هئي هن کي سنسڪرت ساهتيہ ۾ خاص دلچسپي هئي هن سنسڪرت ڪتاب ’هتوپديش‘ جو جرمن ۾ ترجمو ڪيو. ’دَ سيڪريڊ بُڪس آف دَ ايسٽ‘ جي نالي سان ۵۰ ڀاڱا سمپادت ڪيا. هن رگويد کي گڏ ڪيو. اهو ڇهن ڀاڱن ۾ شايع ٿيو. هن رگويد جو جرمن ڀاشا ۾ ترجمو ڪيو. ويجهڙائيءَ ۾ مشرقي ماهرن جي لکڻ پنيان سامراجيہ وادي مقصد هئڻ جي ڳالهہ ايڊورڊ سيد ودوان سامهون آندي.


فريڊرڪ ميڪسيولر

**راشٽروادي اِتهاس لکڻ :** اُڻويهين ويهين صديءَ ۾ انگريزي تعليمي سرشتي ۾ سکيل ڀارتي اِتهاسڪارن جي لکڻ ۾ ڀارت جي پراچين ناماچار جو ايمان ڀارتي ماڻهن ۾ آتم وشواس جاڳرت ڪرڻ جي چاهنا ڏسجي ٿي. سندن لکڻ کي راشٽروادي اِتهاس لکڻ چئجي ٿو. مهاراشٽر ۾ راشٽروادي اتهاس لکڻ جي شروعات وشڻو شاستري چپلوڻڪر ڪئي. برٽش عملدارن جي ڀارت جي پراچين بدغمانيءَ واري اتهاس جي هن مخالفت ڪئي. اهڙيءَ ريت راشٽروادي اتهاس لکندڙن ڀارت جي اتهاس جو سونهري عرصو ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي. پر اهو ڪندي هنن اتهاسڪ حقيقتن جي پرکہ ڪرڻ ۾ نظراندازي ڪئي اهڙو

اعتراض ورتو ويندو آهي. مهاديو گووند رانڊي، رامڪرشڻ گوپال ڀانڊارڪار، ونايڪ، دامودر ساورڪر، راجيندر لعل مِشر، رميش چندر مجمدار، ڪاشي پرساد، جئسوال، راڌا ڪُمُد مُکرجي، ڀڳوان لعل اِندرجي، واسديو وشڻو مراشي، انت سداشو آڻ تي ڪر ڪن راشٽروادي اتهاسڪارن جا مثال آهن.

**چا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

’دَ رائيز آف مراٺا پاور‘ ڪتاب ۾ نياياڌيش مهاديو گووند رانڊي مرهٽي طاقت جي اوسر جو پسمنظر وستار سان بيان ڪيو آهي. مرهٽي ستا جي اوسر اچانڪ لڳل باهہ نہ آهي، انجي سماجڪ سيپيٽڪ ۽ ڌرمي ڪيترن ۾ تياري مهاراشٽر ۾ چڱي وقت کان شروع هئي ائين هن چيو.

اتهاس لکڻ، ڀاشا شاستر، اشتقاق وياڪرڻ وغيرهہ انيڪ وشين تي بنيادي سنشوڌن درج ڪندڙ ۽ مرهٽي ٻوليءَ ۾ لکندڙ اتهاسڪار ائين راجواڙي مشهور آهي. هن زور ڏنو تہ پنهنجو اتهاس اسان کي پاڻ لکڻ گهرجي.



وِ.ڪا. راجواڙي

’مرانياںچا اتهاساچي ساڌني‘ سِري سان هن ٢٢ ڀاڱا سمپادت ڪيا. انهن ۾ سندس مُهاڳ خوب اپياس جوڳو آهي. ”اتهاس يعني ماضيءَ جي سماج جو سمورو جيون درشن فقط سياسي واقعا، ستا اُٿلائڻ لاءِ کيل ساز شوُن ۽ لڙاين جو بيان نہ“ اهو سندس متوهو اصلي ڪاغذ پٽن جي آڌار تي اتهاس لکڻ گهرجي ان تي سندس زور هو.

**چا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

اتهاس ڪوڄنا جي ڪاريہ لاءِ وِ.ڪا.راجواڙي پُٽي ۾ ٧ جولاءِ ١٩١٠ ۾ ڀارت اتهاس سنشوڌڪ منڊل اسٿاپت ڪيو.

”انساني اتهاس وقت ۽ استان سان ٻڌل آهي. ڪنهن بہ واقعي جو ورڻن ڪرڻو هجي تہ انجي پنيرائي خاص وقت ۽ استان ذريعي ڏيکارڻ گهرجي.

وقت، استان ۽ شخص جي ميلاپ کي ئي واقعو يا اِتهاسڪ واقعو چئي سگهبو.“

- وِ.ڪا.راجواڙي.

راشٽروادي اِتهاس لکڻ مان ڀارتي ماڻهن کي برٽش خلاف آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ اُتساهہ مليو.



وِ.دا.ساورڪر

انهن ۾ وِ.دا.ساورڪر جي لکيل ڪتاب ’دَ انڊين وار آف انڊيپينڊينس‘ کي خاص اهميت آهي.

راشٽروادي اتهاس لکڻ جي اثر سبب پرانتڪ اتهاس لکڻ کي هٿي ملي.

ڏکڻ ڀارت جي جاگرافيڪل خاصيتن ۽ اتهاس ڏانهن اتهاسڪارن جو خاص ڌيان ويو.

## آزاديءَ کانپوءِ وارو اتهاس لکڻ :

هڪ پاسي راڄ گهراڻن جي اتهاس لکيو پيو وڃي تہ ٻئي پاسي سيپيٽڪ، سماجڪ ۽ مالي اتهاس لکڻ جي شروعات ٿي هئي. آزاديءَ کانپوءِ واري وقت ۾ سماج، وڳيان، مالي سرشتو، سياسي سرشتو، ڌرمي سوچ،

سيپٽڪ مُدا انهن جو اتهاس سمجهڻ جي ضرورت ودوانن کي محسوس ٿي ان وقت جي اتهاس لکڻ تي ٽيون ويچار ڌارائون ڏسجن ٿيون.

(۱) مارڪسوادي اتهاس

(۲) وانجهيلن جو اتهاس (Sub Altern)

(۳) عورت وادي اتهاس

### مارڪسوادي اتهاس :

مارڪسوادي اتهاسڪارن جي ليکن جا مکيه مُدا هئا مالي سرشتي ۾ پئدائش جا وسيلا، طريقا ۽ پئدائش جي سلسلي ۾ انساني ناتا هرهڪ سماجڪ واقعي جو عام ماڻهن تي ڪهڙو اثر ٿئي ٿو. اهو مارڪسوادي اتهاس لکڻ جو مکيه قائدو هو.

مارڪسوادي اتهاسڪارن جاتي سرشتي ۾ تبديلين جو اڀياس ڪيو. ڀارت ۾ مارڪسوادي اتهاس اثردار نموني لکندڙن ۾ دامودر ڌرمانند ڪوسنبي ڪامريڊ شريپاد امرت ڏانگي، رامشرڻا شرما، ڪامريڊ شرد پاٽيل وغيره جو يوگدان اهم آهي. ڏانگي پارٽي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي پايو وجهندڙ ميمبرن مان هڪ هئا. سندس ’پرمتو ڪميونزم ٽوُسليوري‘ ڪتاب مارڪسوادي اتهاس لکڻ جو هڪ مثال آهي.


دامودر ڪوسنبي

### وانجهيلن (Subalten) جو اِتهاس :

وانجهيلن جو اتهاس لکڻ جي شروعات مارڪسوادي اتهاس لکڻ جي ريت مان ٿي . ائين چئي سگهجي ٿو. اتهاس لکڻ جي شروعات سماج جي هيٺئين طبقي جي عام ماڻهن کان ڪرڻ گهرجي اهو مُدو اڳيان رکڻ ۾ اٽليءَ جي فيلصوف انٽونيو گرام جو اهم اِستان آهي.

وانجهيلن جو اتهاس لکڻ لاءِ لوڪ پرمپرا هڪ اهم ساڌن مڃيو ويو آهي. وانجهيلن جي اتهاس کي هڪ اهم ويچار ڌارا جو روپُ ڏيارڻ جو ڪاريه رڻنجيت گُها ان پارٽي اتهاسڪار ڪيو. هن کان اڳ ڀارت ۾ وانجهيلن جي اتهاس، مهاتما جوتيراوَ ڦلي ۽ ڊا بابا صاحب امبيڊڪر جي لکڻيءَ مان ظاهر ٿيل ڏسجي ٿو. مهاتما جوتيراو ڦُلي پنهنجي ’غُلام گري‘ ڪتاب ۾ تمام شوُدرن جو اتهاس وري ڳولهي پيش ڪيو. ڌرم جي نالي ۾ عورتن ، شودرن، تمام شوُدرن جي پيڙهجڻ ڏانهن ڌيان ڇڪايو.


مهاتما جوتيراو ڦُلي

ڀارت جي سيپٽڪ ۽ سياسي بناوت ۾ دلت طبقي جو وڏو حصو آهي. ڀارت ۾ بئلڪي راج وادي ۽ راشٽروادي اتهاس لکڻ ۾ ان ڏانهن نظراندازي ڪئي ويئي. ڊا. بابا صاحب آمبيڊڪر اها ڳالهمرڪز ۾ رکي ساڌهر لکندا رهيا. سندن گهڻي لکڻيءَ مان وانجهيلن جي اتهاس جي مثال طور هو ويئر ڏ شوُدر راز ۽ ڏ انٽچيبلس ڪتاب پڙهائي سگهجن ٿا.


ڊا. بابا صاحب آمبيڊڪر

### عورت وادي اتهاس :

ڀارت جي اتهاس لکڻ جي ڪيتر ۾ شروعات ۾ مکيه طؤر پرش اڀياس ڪندڙ هئڻ سبب ڀارت جي اتهاس ۾ عورتن جو اِستان ۽ سندن ڪم ڪُجهه نظرانداز رهيا. اُنهن کي اڳيان آڻڻ عورت وادي اتهاسڪارن لاءِ پهرين للڪار هئي. ان سان گڏ

عورتن جي رچيل ساهت کوجنا ۾ اُن کي ڳڌ ڪرڻ بہ ضروري هو. اتهاس ۾ عورتن جي اِستان جو نئين سِر ويچار ٿيڻ ضروري هو.



تارا بائي شندي

اُڻويهين صديءَ ۾ عورتن بابت لکندڙ ليکڪائن ۾ تارابائي شندي اڳتي هئي هن پرشن جي زور واري سرشتي ۽ جاتي سرشتي خلاف لکيو. سن ۱۸۸۲ ۾ شايع ٿيل سندس ڪتاب ’استري پرشن تُلنا‘ ڀارت ۾ پهريون استري وادي ليکن مڃيو وڃي ٿو. سن ۱۸۸۸ ۾ پنڊتا رمابائيءَ جو ڏهاءِ ڪاست هندو ومن ڪتاب شايع ٿيو.

آزاديءَ ڪانپوءِ واري وقت ۾ لکيل ليکن جو مرکز عورتن سان گهر ۽ ڪم جي جڳهين تي ٿيندڙ ورتاءُ ، سندن سياسي سمتا جا حق وغيره وشين بابت هو. ويجهڙائيءَ ۾ شايع ٿيل عورت وادي لکڻيءَ ۾ ميرا ڪوسنبيءَ جو ’ڪراسنگ ٿريشهولڊس : فيمنسٽ ايسيز ان سوشل هسٽري‘ جو ذڪر ڪري سگهجي ٿو. ان ۾ مهاراشٽر جي پنڊتا رمابائي، ڊا. رکمابائي وغيره اِسترين جي زندگيءَ تي مضمون آهن. مهاراشٽر ۾ دلت عورتن جي سماجڪ طبقي، جات وغيره بابت بہ ليکہ لکيا ويا ان نسبت شرملا ريگي جي لکڻي اهم آهي. ’رائٽنگ ڪاسٽ، رائٽنگ زينڊر : ريڊنگ دلت ومينس ٽيسٽيمونيز دلت عورتن جي آتم ڪٿائون ڳڏيل آهن.

ڪنهن خاص ويچار سرشتي جو ويچار نہ ڪري اتهاس لکندڙ ۾ سر يدُناٿ سرڪار، سُريندرناٿ سين، رياست ڪار گو س سرديسائي،



**چا توهان کي خبر آهي؟**

گووند سکارام سرديسائيءَ ’مراٺا رياست‘ ڪتاب شايع ڪري مراٺي اتهاس لکڻ جي ڪيتر ۾ وڏو ڪم ڪيو آهي. سندن اهو ڪاريہ ايترو مشهور ٿيو جو سماج کين ’رياست ڪار‘ نالي سُڃاڻڻ لڳي. هن مرهٽن جو سمورو اِتهاس انيڪ ڀاڱن ۾ شايع ڪيو.

ترينبڪ شنکر شِسجولکر جو ذڪر ڪرڻو پوندو.

ويجهڙائيءَ ۾ ي .دِ ڦرڪي، رامچندر گُها وغيره ماهرن جديد اتهاس لکڻ ۾ اهم ڪردار نڀاهيو آهي.

ڀارتي اِتهاس لکڻ تي ڀارت ۾ ٿيل سماجڪ ۽ سياسي هلچلن جو اثر رهيو. ان وسيلي ڀارتي اِتهاس لکڻ جي پرمپرا آزاد نموني ۽ ڀرئي ڀاڱئي نموني وڌندي ويئي.



## اڀياس

۱. (الف) ڏنل متبدل جوابن مان مناسب جواب چونڊي بيان پورا ڪريو.

(۱) ڀارتي آرڪيالاجيڪل کاتي جو پهريون مکيہ سنچالڪ .......... هو.

(الف) سر اليڪزينڊر ڪننگهيم

(ب) سر وليم جونس

(پ) سر جان مارشل

(پ) فريڊرڪ ميڪسميولر

(۲) هتوپديش ان سنسڪرت گرنٿ جو جرمن ڀاشا ۾ ترجمو .......... ڪيو.

(الف) جيمس مل

(ب) فريڊرڪ ميڪسميولر

(پ) مائونٽ اسٽوئرٽ ايلفنسٽن

(پ) جان مارشل

**(ب) هيٺين مان غلط جوڙو ڇُھاڻي لکو.**

(۱) هوُويئر ڏ شودراز - وانجهيلن جو اِتهاس

(۲) اِستري پرش ٽُلنا عورتوادي ليکڪ

(۳) د انڏين وار آف انڊيپينڊينس - مارڪسوادي اِتهاس

(۴) گرئنڊ ڊف - بئنڪي راڄ وادي اتهاس

**۲. هيٺيان بيان سبب ڏيئي سمجهايو.**

(۱) پرانتن جي اِتهاس لکڻ کي هٿي ملي.

(۲) بکر اتهاسڪ ساهت جو اهم قسم آهي.

**۳. هيٺين سوالن جا وستارسان جواب لکو.**

(۱) مارڪسوادي اتهاس لکڻ معني ڇا؟

(۲) اتهاس آچاريہ و ڪا راجواڙي جو اتهاس لکڻ ۾ يوگدان سمجهايو.

**۴. (الف) هيٺيون خاڪو پورو ڪريو.**

| جيمس مل | ڏ برٽش هسٽري آف انڊيا |
|---|---|
| جيمس گرئنڊ ڊف | ................................ |
| .................. | ڏ هسٽري آف اِنڊيا |
| شري اَ. ڊانگي | ................................ |
| .................. | هوُ ويئر ڏ شودراز |

**(ب) هيٺيون خاڪو پورو ڪريو.**




**۵ نوٽ لکو**

(۱) مشرقي اتهاس لکڻ

(۲) راشٽروادي اتهاس لکڻ

(۳) وانجهيلن جو اتهاس

**عملي ڪم :**

باب ۾ آيل اتهاسڪارن جي ڪمن جي ڄاڻ ڏيندڙ چٽري احوال انٽرنيٽ جي مدد سان تيار ڪريو.

5NUX76

# ۳. عملي اتهاس


۳.۱ عملي - اتهاس جي معني
۳.۲ عملي اتهاس ۾ جدا جدا وشين ۾ کوجنا
۳.۳ عملي اتهاس ۾ هاڻوڪو زمانو
۳.۴ سيپيتڪ ۾ قدرتي ورثي جو بندوبست
۳.۵ واسطيدار ڌنڌن جا کيتر


## ۳.۱ عملي اتهاس جي معني

'عملي اتهاس' لاءِ 'عام لاءِ اتهاس' (Pubilc History) لفظ بہ واپرايو ويندو آهي. ماضيءَ جي واقعن جي اتهاس ذريعي مليل ڄاڻ جو اپيوگ زمان حال ۾ زمان مستقبل ۾ ماڻهن کي ڪيئن ٿيندو. ان جو ويچار عملي اتهاس ۾ ڪيو ويندو آهي.

### ڄاڻي وٺو

**عام لاءِ اتهاس :** اتهاس لاءِ عام ماڻهن ۾ ڪيترين ئي غلط فهميون آهن. مثال، اتهاس وشيہ لفظ اتهاسڪارن ۾ اتهاس وشيہ جو اڀياس ڪندڙ شاگردن لاءِ آهي. روزاني زندگيءَ ۾ اتهاس وشيہ جو ڪوبہ اِستعمال نہ آهي. اتهاس وشيہ جو مالي، پئدائش جي ڪيتر سان ڪوبہ لاڳاپو نہ آهي وغيرہ.

انهن غلط فهمين کي دور ڪرڻ لاءِ، اتهاس کي عام ماڻهن جي ويچار شرشتي سان جوڙڻ وارو ڪيتر آهي 'عملي اتهاس'.

انيڪ پرڏيهي ودياپيٺن ۾ عام لاءِ اتهاس وشيہ تي اڀياسڪرم سيڪاريا ويندا آهن. ڀارت ۾ بئنگلور جي 'سرشتي انسٽيوٽ آف آرٽ ڊزائين اينڊ ٽيڪنالاجي' سنستا ۾ 'سينٽر فار پبلڪ هسٽري' جو جُدا ڊپارٽمينٽ آهي اتي ان وشيہ تي عملي ڪم ۾ کوجنا جو ڪم ٿيندو آهي.

سماج جي مشڪلاتن لاءِ حل ڳولهڻ، سماجڪ فائدي وارا فيصلا وٺڻ انهن ڳالهين لاءِ اڳيرِ ٿيل واقعن جي ڇنڊڇاڻ ڪارائتي ٿيندي آهي اِن لاءِ اتهاس جي ڄاڻ ضروري آهي.

عملي اتهاس جي ڪيتر ۾ فقط ماهرن جو ئي نہ پر عام ماڻهن جو بہ الڳہ الڳہ طريقي سهڀاڳہ ٿي سگهي ٿو. عجائب گهر ، پراچين استانن تي سئر سفر ڪندڙ مسافرن جي سهڀاڳہ بہ اهم آهي. سئر سفر سبب عام ماڻهن جي اتهاس ۾ دلچسپي وڌي ٿي. ڪين اتهاس جي ڄاڻ ملي ٿي. هوُ پنهنجي شهر جي پراچين اِستانن جي جتن ۾ سنڀال لاءِ ڪم ڪري سگهن ٿا.

## ۳.۲ عملي اتهاس ۾ جدا جدا وشين تي کوجنا :

اتهاس، ماضيءَ ۾ ٿي ويل واقعن سان لاڳاپو رکي ٿو. زمان مال جو انساني جيون انهن واقعن تي مدار رکي ٿو. اهي واقعا الڳہ الڳہ ڪيترن جيئن سياست، سماجڪ - ڌرمي سنگهٽن، فيلصوفي، وگيان ۾ ٽڪنيڪ ۾ ٿيل هوندا آهن. هرهڪ ڪيتر جي ڄاڻ جو الڳہ اتهاس هوندو آهي. انهن ڪيترن جي ترقيءَ جو مدار ان حاصل ٿيل ڄاڻ تي هوندو آهي. ان نسبت ۾ انيڪ وشين جي کوجنا ۾ اتهاس جي کوجنا جو طريقو ڪارائتو آهي. مثال،

۱. **فيلصوفي :** جدا جدا ويچار ڌارائن جو جنم، ويچارن جي پرمپرا، ويچار ڌارا جو سفر سمجهڻ، ان لاءِ فيلصوفيءَ جو اتهاس ڄاڻڻو پوندو آهي. فيلصوفيءَ سمجهڻ وقت اُن پوليءَ جي اتهاس سمجهڻ ۾ فائديمند هوندو آهي.

**۲. وگيان :** وگيانڪ کوجنائون ۽ سڌيانن جو سلسلو ۽ ان پٺيان سببن جو سلسلو سمجھڻ ان لاءِ وگيان جو اتهاس سمجھڻو پوندو آهي. چيو ويندو آهي تہ ضرورت، کوجنا جي ماءُ آهي ڪيترائي دفعا انساني ضرورتن جڳياسا جي پورت ۾ وگيانڪ کوجنائون ٿينديون آهن. ان لاءِ اڄ ۾ مؤجود وگيانڪ ڄاڻ جو استعمال ٿيندو آهي. انهن کوجنائن پٺيان سببي سلسلو، وقتي سمسلو سمجھڻ لاءِ وگيان جي اتهاس جو استعمال ٿيندو آهي.

**۳. تڪنيڪ :** زرعي پئدائش شين جي پئدائش، عمارت سازي، انجنيئرنگ وغيره ۾ ٿيل تبديليون ۽ اُنهن جو سببي سلسلو سمجھڻ ان لاءِ تڪنيڪ جو اتهاس سمجھڻو پوندو اهي. وگيانڪ کوجنائون ۽ تڪنيڪ ۾ ترقي اهي هڪ ٻئي تي مدار رکندا آهن انسان جي وڪاس جي سفر ۾ پٿرن جا هٿيار گھڙڻ کان زرعي پئدائش جي واڌاري تائين هن کي سمجھيل وگيان ۾ اُن تي آڌارت تڪنيڪ بيحد اهم هئا. اڄتي وگيان جي ترقيءَ سبب پئدائش جي ترتيبن جو مشيني ڪرڻ ٿيندو ويو.

اهو ڪيئن ٿيو، وگيان ۽ تڪنيڪ ممبئي تي ڪيئن آڌارت آهن، اهو سمجھڻ لاءِ تڪنيڪ جو اتهاس سمجھڻ ضروري آهي.

**۴. هنري ڌنڌا ۽ واپار :** هنري ڌنڌن ۽ واپار سبب انساني سماجن ۾ آپسي وهنوار جو ڪيتر وڌي ٿو ان سان سيپيتڪ ناتا بہ مضبوط ٿين ٿا. اهو، هنري ڌنڌن ۽ واپار جي بندوبست جو هڪ پاڳو آهي ان جو اتهاس سمجھڻ ضروري آهي. بازار ۽ واپار جو روُپ بدلجندو ويو ۽ ان سان انساني ناتن جو روُپ ۽ سماجڪ بناوت بہ بدلجندي ويئي. اهو سفر سمجھڻ لاءِ سيپيتڪ سماجڪ بناوت، مالي سرشتو انهن جو اتهاس سمجھڻو پوندو آهي.

**۵. انتظامي وگيان :** پئدائش جا وسيلا انساني بل ۽ پئدائش جون الڳ الڳ ترتيبيون بازار ۽ وڪري جي بندوبست جي زنجير نسبت ماضيءَ ۾ سرشتا ڪيئن هئا اهو سمجھڻ ضروري آهي ان زنجير ۾ الڳ الڳ سطحن جي ماڻهن جي سوچ سمجھڻ لاءِ اهي جن مالي ۽ سماجڪ سنگھڻن تي مدار رکن ٿا انهن جو اتهاس سمجھن سان هاڻوڪي وقت جي الڳ الڳ سطحن جو انتظام سمجھڻ سؤلو ٿيندو.

**۶. ڪلائون :** الڳ الڳ ڪلائن جي ڪيترن ۾ اظهار ۽ سندن ويچارڪ جذباتي سيپيتڪ پرمپرائن جي آڌار ٿيل ڪلائن جو اتهاس سمجھڻ اهم آهي. ڪنهن بہ ڪلا جي سمجھہ، پيش ڪندڙ جي سوچ ۽ خاص ڪلا جي وڪاس جي سلسلو سيپيتڪ اتهاس جي پڙهائيءَ سان سمجھي سگھجي ٿو.

**۷. انساني گيان شاخوُن :** اتهاس پراچين وستو وديا سماجڪ شاستر، انساني شاستر، راڄ شاستر ارٿ شاستر وغيره گيان شاخن جي اوسر ۽ وڪاس جو اتهاس سمجھڻ، انهن جي اڀياس جو ضروري حصو آهي. فيلصوفيءَ کي وگيان ۽ ٻين گيان شاخن جي ماءُ مڃيو ويو آهي. عالمي ڦهلاءُ ۽ ان ۾ انساني وجود جو آپسي لاڳاپو سمجھڻ جي جڳياسا ڪري دنيا جي سڀني سماجن جا ماڻهو ان سوچ ويچار ڪرڻ لڳا ان مان دنيا جي جنم جون ڪٿائون سرشتي چڪر ۽ انساني جيون نسبت پرم ديوي ديوتائن جون ڪلپنائون، ڪين خوش ڪرڻ جا طريقا، ان بابت ويچارڪ چندچاڻ جو وڪاس ٿيو.

پراچين ماڻهن دواران ان نسبت ڪيل ويچارن ۾ فيلسوُفيءَ جا ٻج آهن مٿي ذڪر ڪيل الڳ الڳ گيان شاخن جي وڪاس جو پايو فيلوسوفي آهي. اتهاس ذريعي اهو سفر سمجهي سگهجي ٿو.

### ٣.٣ عملي اتهاس ۽ هاڻوڪو وقت :

اتهاس جو روزاني وهنوار ۾ ڪهڙو اُپيوگ آهي، اهو سوال پڇيو ويندو اهي. عملي اتهاس جي معنيٰ ۾ مٿئين سوال جو جواب اچي وڃي ٿو ماضيءَ جا ڪيترائي ساڪار ۽ نراڪار نشان هاڻوڪي وقت ۾ موجود آهن انهن بابت اسان جي من ۾ جڳياسا، پنهنجائپ هوندي آهي اُنهن جي وجود جو اتهاس اسان سمجهڻ چاهيندا آهيون ڇو تہ اُهي اسانجي وڏن جي ٺاهيل ڪلا جي شين، پرمپرائن جا نشان هوندا آهن. اهو اسانجو سيپيتڪ ورثو آهي. ان ڪري اهو سيپيتڪ ورثو اسانجي ۽ ايندڙ پيڙهين جي فائدي لاءِ جتن ڪرڻ ۽ وڌائڻ جي ضرورت پئدا ٿئي ٿي عملي اتهاس ذريعي ساڪار ۽ نراڪار روپ واري سيپيتڪ ورثي جو جتن ۽ واڌ ڪري سگهجي ٿي. ان سان واپار جا انيڪ موقعا پئدا ٿين ٿا. ٿوري ۾ عملي اتهاس جي بيان، اتهاس جي آثار تي زمان مال ڪي مناسب نمونې سمجهڻ ۽ مستقبل لاءِ راهہ روشن ٿيڻ جي روپ ۾ ڪري سگهجي ٿو .

### ٣.۴ سيپيتڪ ۽ قدرتي ورثي جو انتظام :

**(الف) سيپيتڪ ورثو :** اهو انسان ذريعي ٺاهيل آهي. اهو ساڪار ۽ نراڪار انهن ٻن قسمن جو آهي.

**١. ساڪار سيپيتڪ ورثو :** ان قسم ۾ پراچين استان عمارتون، شيون ليکہ شلپ چتر وغيرهہ شامل آهن.

**٢. نراڪار سيپيتڪ ورثو :** ان قسم ۾ هينيون شيون شامل آهن.

* زباني رسمون ۽ استعمال ٿيندڙ ٻولي
* رسمي گيان
* ڏڻ وار ملهائڻ جا سماجڪ طريقا ۽ ڏرمي ساٽ سوڻ
* ڪلا پيش ڪرڻ جا طريقا
* خاص رسمي هنر
* اهي رسمون رواج، هنر وغيرهہ پيش ڪندڙ گروهہ ميڙ.

### (ب) قدرتي ورثو :

قدرت جي جيو - علحدگي ڪي قدرتي ورثي ۾ شامل ڪيل آهي ان ۾ هينيون ڳالهيون شامل آهن :

(١) ساهوارا

(٢) نباتات

(٣) انهن جي وجود لاءِ ضروري ماحولياتي سرشتو ۽ زميني خاصيتون.

ايندڙ انساني پيڙهين جي فائدي لاءِ اسانجي سيپيتڪ ورثي جو جتن ٿيڻ ضروري آهي. غائب ٿيڻ جي ڏاڪي تي پهتل سيپيتڪ ۽ قدرتي ورثي جو جتن ۽ واڌ ٿئي ان مقصد ڪان عالمي سنگهٺن يونيسڪو ڪجهہ رهبري ڪندڙ اصول ڏاري ڪيا آهن انهن اصولن جي آڌار تي عالمي ورثي لائق استانن، رسمن جي ياداشت ظاهر ڪئي ويندي آهي.




## عالمي زبان ۾ نراڪار ورثي جي يادداشت ۾ شامل ڀارت جون رسمون - پرمپرائون :

۲۰۰۱ : ڪيرل جي سنسڪرت ناٽڪ پرمپرا 'ڪُٽيئم'
۲۰۰۳ : ويدڪ پاٺ پرمپرا
۲۰۰۵ : اُتر ڀارت جي رام ليلا پيشڪش
۲۰۰۹ : گڙهوال (اُترانچل) جو 'رمن' ڌرمي ڏڻ ۾ ناٽڪ
۲۰۱۰ : راجستان جو ڪالبيليا لوڪ سنگيت ۾ لوڪ ناچ
۲۰۱۰ : اولهه بنگال
۲۰۱۲ : لداخ، جموُ ۾ ڪشمير جي ٻوڌي منتر پاٺ جي پرمپرا
۲۰۱۳ : 'مڻيپور' جي ڪيرتن پرمپرا
۲۰۱۴ : پنجاب جي ٺٺيرا جمت جي ٺامي جا برتن ٺاهڻ جي ڪلا
۲۰۱۶ : يوگ

## ڀارت جي ورثي وارا استان - سيٽڪ :

۱۹۸۳ : آگري جو قلعو
۱۹۸۳ : اجنتا غفائون
۱۹۸۳ : ويرول غفائون
۱۹۳۸ : تاجمحل
۱۹۸۴ : مهابليپورم جو مندر
۱۹۸۴ : ڪوٽارڪ سوريہ مندر
۱۹۸۶ : گوئا جون چرچ ۾ ڪانوينٽ
۱۹۸۶ : فتحپور سيڪري
۱۹۸۶ : همپيءَ جون گڏيل عمارتون
۱۹۸۶ : کَجُراهو جا مندر
۱۹۸۷ : گهاراپوري (ايليفنٽا) غفائون
۱۹۸۷ : چول مندر - تنجاور جو برهديشور مندر، گنگئيڪو نڊچوريشور جو برهديشور مندر، داراسُمر جو ائراوتيشور مندر
۱۹۸۹ : پٽڊڪل جا مندر
۱۹۸۹ : سانچي استوپ
۱۹۹۳ : هُمايون جي قبر
۱۹۹۴ : قطب منار
۱۹۹۹ : (۱) مائونٽين ريلوي - دارجلنگ، همالين ريلوي (۲) نيلگري مائونٽين ريلوي (۳) دَ ڪالڪا - شملا ريلوي.
۲۰۰۲ : ٻوڌ گيا جو ٻوڌي مندر ۾ پسگردائي
۲۰۰۳ : ڀيم بيٽڪا جو شئلا شريہ
۲۰۰۴ : چنپانير - پاواگڙهه آرڪيلا جيڪل استان
۲۰۰۴ : ڇترپتي شواجي مهاراج ٽرمينس ممبئي
۲۰۰۷ : لال قلعو ، دهلي
۲۰۱۰ : جنتر منتر، جئپور
۲۰۱۳ : راجستان جا جابلو قلعا
۲۰۱۴ : گجرات جي پاٽڻ جي راڻي - ڪي - باو
۲۰۱۶ : نالندا مهاوهار آرڪيلاجيڪل استان
۲۰۱۶ : چنديگڙهه جو ڪئپيٽل ڪامپيڪس
۲۰۱۷ : احمدآباد - اتهاسڪ شهر

## ڀارت جا عالمي ورثي جا اِستان - قدرتي

۱۹۸۵ : ڪازيرنگا قومي باغ
۱۹۸۵ : مانس جهنگلي جانورن ................
۱۹۸۵ ڪيولديو قومي باغ
۱۹۸۷ : سندربن قومي باغ
۱۹۸۸ : نندا ديوي ۾ وئلي فلاورس
۲۰۰۵ : قومي باغ
۲۰۱۲ : الهندا گهاٽ
۲۰۱۴ : گريٽ هماليہ پارڪ

## ڀارت جا گڏيل عالمي ورثا :

۲۰۱۶ : ڪنچنگنگا قومي باغ

يونيسڪوجي عالمي ورثي جي ياداشت ۾ اُلهندا گهاٽ ٢٠١٢ ۾ درج ڪيا ويا آهن.



**ڪئلاش غفائون**

ستارا ضلع جو ڪاس مٿاهون پٽ الهندي گهاٽن جي وچ ۾ هي سڀيتڪ ۽ قدرتي ورثي جو انتظام عملي اتهاس جو مکيه حصو آهي. ان ورثي جي جتن ۽ واڌ جو ڪم گهڻو ڪري ڀارت سرڪار جو آرڪيلاجيڪل کاتي ۽ ڀارت جي راجين جا آرڪيلاجيڪل کاتا ڪندا آهن. انٽيڪ (انڊين نئشنل ٽرسٽ فار آرٽ ائنڊ ڪلچرل هيريٽيج) اها شيواڌاري سنستا ان ڪيتر ۾ ١٩٨٤ کان ڪم ڪندڙ آهي. سڀيتڪ ۽ قدرتي ورثي وارن استانن جي جتن ۽ واڌ جي ڪمن ۾ انيڪ وشين جي ماهرن جي مدد گهرجندي آهي انهن ۾ واسطيدار استان جي سڀيتڪ، سماجڪ، سياسي، اتهاس جي ڄاڻ وڌائڻ جو ڪم عملي اتهاس ذريعي ڪري سگهجي ٿو، ان سان :

(١) انهن ڪمن ۾ استان جو اصلي روُپ نہ بدلائي جتن ۽ واڌاري جا ڪم ڪرڻ ممڪن ٿئي ٿو.

(٢) مڪاني سماج جي بناوت ۽ سوچ انهن اڳيان هوندڙ هاٺوڪيون للڪارون مڪاني ماڻهن جون اُميدون وغيره جو جائزو وٺي سگهجي ٿو.

(٣) سڀيتڪ ورثي وارن استانن جو جتن ۽ واڌارو ڪرڻ وقت مڪاني ماڻهن کي ڏُکہ نہ ٿئي ان بابت اُپاءَ وٺي سگهجن ٿا.

(٤) مڪاني ماڻهن کي انهن ڪمن ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو.

(٥) مڪاني ماڻهن کي ورثي ۾ مليل هنرن کي هٿي ڏيئي سگهن اهڙا ڏنڌا وٺن ان بابت رٿا ناهي سگهجي ٿي.

## ٣.٥ واسطيدار واپاري ڪيتر

هيٺ ڏنل ڪيترن سان واسطيدار نيم ۽ عام يوجنائون طيءِ ڪرڻ لاءِ اتهاس جو گيان مددگار ٿئي ٿو.

١. عجائب گهر ۽ دستاويزي دَفتر
٢. اتهاسڪ استانن جو جتن ۽ واڌارو
٣. سئر سفر ۽ مهمان نوازي
٤. وندر ۽ رابطي جا وسيلا.

### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

دنيا ۾ سڀ کان پراچين مچيو ويندڙ (ع س کان اڳہ ٦ صدي) عجائب گهر ميسوپوٽيميا جي پراچين شهر 'اُر' جي کوٽائي ڪندي لڌو ويو. اها کوٽائي برس آرڪيلاجسٽ سر



پراچين شين جو ورڻن ڪندڙ مٽي جي ٽِڪي

لئونارڊ وُلي ١٩٢٢ کان ١٩٣٤ واري وقت ۾ ڪرائي اهو عجائب گهر ميسوپوٽيميا جي راجڪماري ائنگالديءَ ٺهرايو هو. هوءَ پاڻ ان لاءِ شيون گڏ ڪندي هئي.

ان عجائب گهر ۾ مليل پراچين شين سان گڏ انهن جو ورڻن ڪندڙ مٽيءَ جوت ٽڪيون (Clay Tablets) هيون.



## چا توهان کي ڄاڻ آهي؟



**انڊين ميوزيم -ڪولڪاتا**

ڪولڪاتا جي 'انڊين ميوزيم' جي استاپنا ايشياٽڪ سوسائٽيءَ سنہ ١٨١۴ ۾ڪئي ڊئنش ونسپتي وگيانڪ نئٿانيل والڪ هنجو پيالو وجهنڊڙ ۽ پهريون 'ڳڏ ڪنڊڙ' هو مٿي ڏنل تصوير سال ١٩٠٥ جو آهي. ان ميوزيم جا ٽي مکيہ ويڀاڳ آهن : ڪلا آرڪيلاجي ۽ انساني شاستر ان سان جڙيل ٻيا ويڀاڳ آهن جتن، پڙرائي، ويڊيوگرافي، پيش ڪش، ماڊل ٺاهڻ، تعليم، لئبرري.

متين مان هرهڪ ڪيتر جي انتظام لاءِ خاص هنر هوندڙ انساني ٻل جي گهرج هوندي آهي. مثال، معماري ماهر، انجنيئر، اتهاسڪار، آرڪيلاجسٽ، ڳڏ ڪندڙ، سماج وگياني، دستاويزي دفتر انتظام ڪندڙ، وڪيل، فوٽو گرافر وغيره ٻيا بہ ماهر. پراچين استان، عمارتون ۽ شيون انهن جي اتهاسڪ پس منظر جي ڄاڻ سيني ماهرن کي هئڻ ضروري آهي. عملي اتهاس جي ڪيتر جي پروجيڪٽن سبب متين ڪيترن ۾ ڏنڌي جا انيڪ موقعا ميسر ٿين ٿا. هن باب ۾ اسين ڏٺو تہ عملي اتهاس جو ڪيتر ماڻهن ۾ اتهاس بابت ڄاڻ ڪيئن آڻي سگهبي. اسانجي سيبتڪ ۽ قدرتي اتهاس جو جتن ۽ واڌارو ڪرڻ لاءِ سماج ۾ جاڳرتا ڪيئن آڻي سگهبي. ان لاءِ اتهاس جي گيان جو استعمال ڪيئن ڪري سگهبو، ان نسبت ۾ واپاري هنرن ۽ هنري ڏنڌن ۾ واڌ ڪيئن آڻي سگهجي، وغيره ڳالهين جو ويچار ۽ رٿا ٺاهڻ جو ڪم عملي اتهاس ۾ ڪبو آهي. اتهاسڪ ۽ عام استان بدصورت نہ ٿين انجو ايندڙ پيڙهين لاءِ مناسب جتن ۽ واڌارو ٿئي ان لاءِ اهو ضروري آهي.

### ڄاڻڻ وٽو.

دستاويزيهنر ۾ اهم جهونا ڪاغذ پٽ، فائيل، جهونيون فلمون، وغيره جتن ڪري رکندا آهن.

ڀارت جو راشٽريہ دستاويزي دفترنئين دهليءَ ۾ آهي. ڀارت ۾ هرهڪ راجيہ کي پنهنجو 'دستاويز دفتر' آهي.

### خاص دستاويزي دفتر :

پٽي ۾ 'نئشنل فلم آرڪائو' (قومي فلم سنگرهاليہ) سنستا جي مکيہ آفيس آهي. ڀارت سرڪار جي ڄاڻ ۽ ڦهلاءُ کاتي جي ماڌيم ويڀاڳ طؤر انجي ١٩٦۴ ۾ استاپنا ٿي. اِن جا ٽي مقصد هئا.

- ايندڙ پيڙهين لاءِ درلڀ ڀارتي فلمن کي ڳولهڻ، حاصل ڪرڻ ۽ فلمن جي ورثي جو جتن ڪرڻ.
- فلم سان واسطيدار اهم ڳالهين جو ورگيڪرڻ ڪرڻ، انهن جا داخلا ٺاهڻ ۽ سنشوڌن ڪرڻ.
- فلمن جي ڦهلاوَ جو مرڪز استاپت ڪرڻ.



**١. (الف) ڏنل متبدل جوابن مان مناسب جواب چونڊي بيان پورا ڪريو.**

(١) دنيا جو سڀ کان پراچين عجائب گهر ............... شهرجي کوٽائيءَ ۾ لڌو.

(الف) نئين دهلي (ب) هڙپا

(پ) اُر (ڀ) ڪولڪاتا

(٢) ڀارت جو راشٽريہ دستاويزي دفتر ............... ۾ آهي.

(الف) نئين دهلي (ب) ڪولڪاتا

(پ) ممبئي (ڀ) چينئي

**(ب) هينئين مان غلط جوڙو سُڃاڻي لکو.**

(١) ڪُٽيتم - ڪيرل جي سنسڪرت ناٽڪ پرمپرا.

(٢) رَمن - اولهہ بنگال جو ناچ.

(٣) رام ليلا - اُتر ڀارت جي پيش ڪش.

(۴) ڪال بيليا - راجستان جو لوڪ سنگيت.

**٢. نوٽ لکو :**

(١) عملي اتهاس

(٢) دستاويزي دفتر

**٣. خاڪو پورو ڪريو**

سپيتڪ ورثو

ساڪار | نراڪار

-------------------- --------------------

-------------------- --------------------

-------------------- --------------------

**۴. هينيان بيان سبب ڏيئي سمجهايو.**

(١) تڪنيڪ جو اتهاس پڙهندا چاڻُو پوندو آهي.

(٢) عالمي ورثي لائق اِستان، پرمپرائن جي ياداشت ظاهر ڪئي ويندي آهي.

**۵. هينئين سوالن جا جواب تفصيلوار لکو.**

(١) هينئين وشين جي ڪوجنا ۾ اتهاس جي ڪوجنا طريقو ڪيئن ڪارائتو ثابت ٿيندو. اهو سمجهايو.

(الف) وگيان (ب) ڪلا (پ) انتظامي وگيان

(٢) عملي اتهاس جو زمان مال سان لاڳاپو ڪيئن آهي؟

(٣) اتهاس جي ساڌنن جي جتن لاءِ ١٠ اُپاوَ ٻڌايو.

(۴) قدرتي ۽ سپيتڪ ورثي کي جتن ڪرڻ جي پروجيڪٽ مان ڪهڙيون ڳالهيون حاصل ٿينديون آهن؟

**مشغولي**

ڀارت جي نقشي خاڪي ۾ ورثي وارا استان ڏيکاريو.

5P4T8T

# ۴. پارٽي ڪلائن جو اتهاس


۴.۱ ڪلا جي معنيٰ

۴.۲ ڀارت جي نظري ڪلا (Visual art) جي پرمپرا

۴.۳ ڀارت ۾ للت ڪلا (Fine Art) جي پرمپرا

۴.۴ ڪلائون، عملي ڪلائون ۽ ڏنڌي جا موقعا


## ۴.۱ ڪلا جي معنيٰ

هرڪ ماڻهوءَ جي اچا هوندي آهي تہ خود ڪي آيل آزمودا ۽ اُن مان مليل گيان ۽ پنهنجون ڀاوناڻون ٻين تائين پهچن. ان اچا مان جڙهن ڪا سهڻي شيءِ ناهجي ٿي تہ اُنکي ڪلا چئجي ٿو.

ڪلا ناهڻ ۾ ڪلاڪار جي سچاڻپ، احساسپڻو، جذبات ۽ هنر اهي جُزا بيحد اهم آهن.

### نظري ڪلائون ۽ فائين آرٽ (للت ڪلائون) :

ڪلائن کي نظري ڪلائون ۽ فائين آرٽ ۾ ورهايو ويو آهي. نظري ڪلائن جو جنم اتهاس کان اڳہ واري زماني ۾ ٿيو اهو ڏيکاريندڙ انيڪ ڪاريگريون پهڻ يڱہ جي غفائن مان حاصل ٿيون آهن.

### لوڪ ڪلائون ۽ پراچين ڪلائون :

ڪلائن جون ٻہ پرمپرائون آهن. لوڪ ڪلائون ۽ پراچين ڪلائون. لوڪ ڪلائون، پتريڱہ جي وقت کان ساندهہ هلندڙ پرمپرا آهي. انجو اظهار ماڻهن جي روزمرهہ جي زندگيءَ سان جڙيل آهي. ان جي پريرڻا پاڻيهي ملي ٿي لوڪ ڪلا ماڻهن جي ميڙ ۾ سهيائڱ مان نهندي آهي پراچين ڪلا نيمن سان ٻڌل آهي. اها حاصل ڪرڻ لاءِ گهڻي سکيا جي گهرج هوندي آهي.

**ڪلا جو نمونو :** هرڪ ڪلاڪار جو ڪلا جو پنهنجو طريقو يعني نمونو هوندو آهي جڏهن ڪو طريقو رواج جو روپ اختيار ڪري ٿو تہ ان طريقي کي خاص ڪلا جو نمونو چئجي ٿو هر سيينا ۾ الڳہ الڳہ وقتن ۾ پرديشن ۾ ڪلائن جا خاص نمونا واڌ ڪائيندا آهن انهن نمونن جي آڌار تي انهن سيينائن جي ڪلا جي اتهاس جو اڀياس ڪري سگهجي ٿو.



**مرهٽا چتري نمونو :** ڪلائن جي نموني طوڙ مرهٽا چتري نموني جو ويچار ڪري سگهجي ٿو. عيسوي سن جي سترهين صديءَ جي پوئين اڌ کان مرهٽا چتري نموني جي شروعات ٿي. ان نموني ۾ رنگين چتر آهن جيڪي ڀت جي چترن ۽ هٿ لکيتن وارين ننڍين آڪاڻين جي روپ ۾ آهن. وائي، ميڻ ولي، ستارا وغيرهہ جڳهين جي جهونن واڙن ۾ مرهٽا چتري نموني جا ڀتين جا چتر ڏسجن ٿا. مرهٽا چتري نموني تي راجپوُت چتري نموني ۽ يورپي چتري نموني جو اثر ڏسجي ٿو.

ڪل خاص چتري نمونو جنهن وقت ۾ اُسريو اُن وقت جي رهڻي ڪرڻي، پوشاڪ، ريتيون رسمون وغيرهہ جو اڀياس انهن چترن ذريعي ڪري سگهجي ٿو.

## ۴.۲ ڀارت ۾ نظري ڪلا جي پرمپرا :



پٽ چتر : بوڌي ستو پدمپٽي

نظري ڪلائن جي چتر ڪلا ۽ شلپ ڪلا شامل آهن.

**چترڪلا :** چترڪلا ۾ ماپي هوندي آهي مثال قدرتي چتر، شين جا چتر، شخصي چتر، عمارتي چتر وغيره چتر ڪيڏڻ لاءِ غفائون، پٽيون. ڪاغ، سوٽي يا ريشمي ڪپڙو، مٽيءَ جا برتن وغيره، وسيلن جو اِستعمال ٿيندو آهي.

مثال : اجنتا غفائن ۾ بوڌي ستو پدمپٽيءَ جو پٽ چتر

**لوڪ چترڪلا نمونو :** پھڻ يڳ زماني جا غفا چتر انيڪ ديشن ۾ مليا آهن. ڀارت ۾ مڌيہ پرديش، اُتر پرديش، بھار، اُترانچل، ڪرناٽڪ، آنڌر پرديش ۽ تيلنگانا راڄين ۾ غفا -چتر مليا آهن. مڌيہ پرديش جي ڀيم بيٺڪا جا غفا چتر مشهور آهن. ڀيم بيٺڪا کي دنيا جي سپيٽڪ ورثي وارن هنڌن ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

غفا چترن ۾ انساني تصويرون، ساهوارا ۽ ڪن جاميٽريڪل شڪليون شامل آهن. پھڻ يڳ کان اڳتي ڪان ڪيتيءَ جي شروعات ٿيڻ تائين انهن چترن جو ڍنگ، وشيہ انهن ۾ تبديل ٿيندي ويئي. چترن ۾ نوان ساهوارا ۽ نباتات شامل ڪيا ويا آهن انسانن کي چٽڻ جي طريقن ۽ رنگن ۾ به فرق آيل آهي. انهن چترن ۾ ڪارو، ڳاڙهو، اڇو وغيره قدرتي پدارٿن مان تيار ٿيل رنگ واپرايل آهن. انهن چترن مان خبر ٿي پوي ته ان وقت جي ماڻهن جو ماحول بابت ڄاڻ ۽ قدرتي وسيلن کي واپرائڻ جي تڪنيڪ جو وڪاس ڪيئن ٿيندو ويو.

لوڪ چتر ڪلا جي پرمپرا جو ناتو غفا چترن جي پرمپرا سان آهي. گھر ۾ شادي وواهه ۾، ڏڻ وار تي پٽ تي چتر ڪيڏڻ، اڱڻ ۾ رنگولي ڪيڏڻ ۽ چترن وسيلي ڪھاڻي ٻڌائڻ انهن مان ڀاڱائي لوڪ ڪلائن جي پرمپرا واريون جدا جدا چتري نمونا وڌيا.

### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟



مهاراشتر جي وارلي چتر پرمپرا ۽ شيلي، پنگل يا چتر ڪَٿي پرمپرا اهي لوڪ ڪلا شيليءَ مثال جا آهن. ٿاڻي جي جويا سوميا مشي جو وارلي چترڪلا مشهور ڪرڻ ۾ وڏو هٿ آهي. ڪيس وارلي چترن لاءِ پارتي ۽ عالمي سطح تي انيڪ انعام مليا آهن. سنہ ۲۰۱۱ ۾ هن کي پدم شري لقب مليو.

### ڄاڻي وٺو.



عيسوي سنہ جي ٻارهين صديءَ ۾ چالوڪيہ راڄا سوميشور جي لکيل 'مانسولاس' يا 'آڀلشتارٿ چنتامڻي' گرنٿن ۾ چتر ڪٿي پرمپرا جو ورڻن ڪيل آهي. ان مان اها پرمپرا پراچين آهي

ان ڄاڻ ملي ٿي. ڪنپٽلين جا چترن جي مدد سان راماڻ، مهاڀارت جي ڪٿا ٻڌائڻ کي چتر ڪٿي پرمپرا چئجي ٿو.

ان ۾ چتر ڪاغذ تي چٽي قدرتي انگن سان رنگيا ويندا آهن. هڪ ڪٿا لاءِ رواجي طور ٣٠ کان ٥٠ چتر چٽيا ويندا آهن. الڳ الڳ ڪٿائون ٻڌائيندڙ اهي ڌرمي ڪتاب چترڪٿي پرمپرا ۾ پيڙهي در پيڙهي سانڍيا ويندا آهن. پوين پساهن ۾ پيل ان پرمپرا کي زندهه ڪرڻ لاءِ سرڪار ۽ ڪلاڪارن طرفان ڪوششون ٿي رهيون آهن.

**پراچين چتر ڪلا :**

پراچين ڀارتي ساهت ۾ الڳ الڳ ڪلاڪن جو سمورو ويچار ڪيل آهي. ان ۾ ٦٤ ڪلائن جو ذڪر آهي. ان ۾ چترڪلا کي 'آليکيم' يا 'چٽ وديا' چيو ويو آهي. چٽ وديا جا ڇهه اهم جُزا آهن. انهن جو پراچين ڀارتي ماڻهن اونهي نموني ويچار ڪيو هو. انهن ۾ روپ ڀيد (الڳ الڳ آڪار) پٺمانو (پٺمانيدار بناوت ۽ ماپ) ڀاو (چهري تي اظهار) سونهن حقيقت سان ويجهڙائي، رنگن جو ڍنگ شامل آهن.

جدا جدا ڌارمڪ پستڪن جو ويد، پراڻ ۽ معماريءَ جي ڪتابن مان چترڪلا، شلپ ڪلا وغيرهه جو ويچار مندر ٻڌڻ سنبت ڪيل آهي.

**هٿ لکتن ۾ ننڍا چتر :**

هٿ لکتن جي ننڍن چترن تي پهرين فارسي ڍنگ جو اثر هو. ڏکڻ ۾ مسلم حاڪمن جي هيٺ دکني ننڍا - چتر نمونو وڌيو. مغل سمراٽ اڪبر جي اياماڪاريءَ ۾ فارسي ۽ ڀارتي چتري نمونن مان مغل چتر نمونو اُسريو.

**يورپي چتر نمونو :** برٽش حڪومت ۾



مغل چتر نمونو

مغربي چتر نموني جو اثر ڀارتي چتر نموني تي ڏسجي ٿو پٽي جو شنيوار واڙا ۾ سوائي ماڌوراوَ پيشوا جي وقت ۾ جيمس ويلس ان اسڪاٽش چترڪار جي رهبريءَ ۾ هڪ ڪلا اسڪول اسٿاپن ڪيو ويو هو. هن سوائي ماڌوراوَ ۽ نانا فڙنويس جو چتر ڪڍيو هو. هتي جيمس ويلسن سان گڏ ڪم ڪندڙ مراٺي چترڪار گنگارام تانبٽ جو ذڪر ڪرڻ گهرجي ڇُو ويرول ۽ ڪارلي ۾ چتر چٽيا هئا.



سوائي ماڌوراءِ نانا فڙنويس.

هنجا ڪي چتر آمريڪا جي ييل ودياپيٺ جي 'ييل سينٽر آف برٽش آرٽ' ۾ چٽن ڪيل آهن.



گنگارام جو سندس گروءَ تانبٽ سان گڏ خود چتر

شيءِ جو هُوبهُو چٽ چٽڻ مغربي نموني جي خاصيت آهي. ممبئيءَ ۾ سن ١٨٥٧ ۾ اسٿاپن ٿيل جي جي اسڪول آف ارٽ ۽ اِنڊسٽري.

۱. مغربي چٽر نموني جي تعليم ڏيندڙ ڪلاجي اسڪول مان ڪيترائي مشهور چٽرڪار ٺهيا. انهن مان پيسٽن جي بومن جي اجنتا غفائن جي چٽرن جا آثارا ناهڻ جو ڪم ڪيو.

**شلپ ڪلا (سنگتراشي):** شلپ ڪلا - ماپي هوندي آهي. مثال، مورتي، پلو، ڪاريگريءَ وارا برتن ۽ شيون. شلپ (مورتيون وغيرهه) اُڪريا ويندا آهن.



**اشوڪ استنڀ**

ان لاءِ پٿر، ڌاتو ۽ مٽيءَ جو استعمال ڪيو ويندو آهي. ويرول جو ڪئلاش مندر هڪ ئي ڇپ کي اُڪري ناهيل عمدو شلپ آهي. سارنات جي اشوڪ ٿنڀي جي مٿيان چئن شينهن جي شلت جو چٽر ڀارت جو قومي نشان آهي.

**لوڪ شلپ ڪلا نمونو :** چٽرڪلا وانگر شلپ ڪلا پڻ پهڻ يگہ زماني جيتري پراچين آهي. پٿري هٿيار ناهڻ هڪ قسم جي شلپ ڪلا جي شروعات هئي. ڀارت ۾ ڌرمي ڪمن ۾ مٽيءَ جي مورتي ناهي انجي پوڄا ڪرڻ يا ارپڻ ڪرڻ جو رواج هڙپا سڀيتا جي زماني کان هو. اهو اڄ تائين بنگال، بهار، گجرات، راجستان وغيرهه راڄين ۾ آهي. مهاراشٽر ۾ نهندڙ گڻيش مورتيون گوريءَ جا چهرا، پولي لاءِ ناهيا ويندڙ مٽيءَ جا ٻئل، ابن ڏاڏن جي ياد ۾ ناهيل ڪاٺ جي چهري وارا ٿنڀا، ويرگل، آديواسي گهرن ۾ مٽيءَ جون ٽانڪيون وغيرهه شلپ ڪلا جي لوڪ پرمپرا جو مثال آهن.

**پراچين شلپ ڪلا نمونو :** هڙپا سڀيتا جا سڪا، پٿرائن ۽ ڪُٽ جا پتلا پنج هزار سال يا اُن کان وڌيڪ پراچين ڀارتي شلپ ڪلا پرمپرا جا شاهد آهن. موريہ سمراٽ اشوڪ جي وقت ۾ پٿرائن ٿنڀن کان ڀارتي پٿرن تي اُڪيل شلپ ناهڻ جي صحيح نموني شروعات ٿي ائين مڃيو وڃي ٿو. مڌيہ پرديش جو سانچي استوپ ڀهرين سمراٽ اشوڪ جي وقت ۾



**ڀارهوٽ استوپ**

ناهيو ويو. ان تي شلپ جي سجاوٽ پوءِ واري وقت ۾ ڪئي ويئي ائين مڃيو وڃي ٿو. ڀارت ۾ شلپ ڪلا جو واڌارو ايندڙ وقت ۾ ٿيندو رهيو. ان جي حام ڀارهوت جو شلپ پيري ٿو. ٻوڌي ڌرم جو ڦهلاءُ ڀارت کان ٻاهر پري تائين ٿيو ان سبب اُنهن ديشن ۾ بہ استوپ ناهڻ جو رواج شروع ٿيو. انڊونيشيا جو بوروبدر دنيا جو سڀ کان وڏو استوپ آهي. اهو عيسوي سن جي اٺين - نائين صديءَ ۾ ٺڊيو ويو. ۱۹۹۱ ۾ يونيسڪو بوروبڊر کي دنيا جي ورثي وارو استان ظاهر ڪيو.



**بوروبدر استوپ**

**ڀارتي موُرتي وگيان :** افغانستان ۽ آس پاس جي ايراضيءَ ۾ عيسوي سن کان اڳہ ٻين صديءَ ۾ گريڪ ۽ فارسي اثر وارو گانڌار شلپ ڪلا نمونو اُسريو.



عيسوي سن جي پهرين کان ٽين صديءَ درميان يعني ڪُشاڻ وجي وقت ۾ مٿُرا شلپ نمونو اُسريو. اهو نمونو پارٽي مورتي وگيان جو پايو ٽيو. ديوتائن جا عکس پهرين ڪشاڻ

نٽراج

سڪن تي آندا ويا. گيت سامراجيہ جي وقت ۾ پارٽي مورتي وگيان سامراجيہ جي وقت ۾ پارٽي مورتي وگيان جا نيم تيار ٿيا ۽ شلپ ڪلا جا پيمانا ٺهيا عيسوي سن جي نائين کان تيرهين صديءَ درميان چول راجائن جي اياماڪاريءَ ڪلا ۾ واڌارو ٿيو. اُتي شو - پاروتي، نٽراج، لڇمي، وشڻو وغيرهہ ديوتائن جون مورتيون ٺاهيون ويون.

**معماري ۽ شلپ ڪلا :** پارٽ ۾ انيڪ اُڪريل غفائون آهن. اُڪريل غفائن جو رواج پارٽ ۾ عيسوي سن کان اڳ ٽين صديءَ ۾ شروع ٿيو. تڪنيڪي طوَر سڀ غفا معماري ۽ اُڪريل شلپ جو گڏيل مثال هوندو آهي. پرويش دوار، اندريان ڪنيا ۽ مورتيون شلپ ڪلا جا عمدا مثال هوندا آهن. پٿين ۽ ڇت تي چترڪلا اچا بہ ڪن هنڌن تي مؤجود آهي. مهاراشٽر جي اجنتا ۽ ويرول غفائن کي عيسوي سن ١٩٨٣ ۾ دنيا جي ورثي جو درجو ڏنو ويو.



اجنتا غفائون : پرويش دوار ١٩

اجنتا غفائون : پرويش دوار ١٩ : پارٽ ۾ مندرن جي معماري عام طور عيسوي سن جي چوٿين صديءَ ۾ گيت راڄ جي وقت ۾ ٿي. گيت راڄ جي شروعات ۾ گرڀ گهر ۽ اُن کان ٻاهر چار ٿنڀا هوندڙ وراندو فقط ائين مندر هوندا هئا.

عيسوي سٺ جي انين صديءَ تائين پارٽ ۾ مندرن جي معماري ڪلا ۾ پوريءَ طرح واڌارو ٿي چڪو هو. اهو ويرول جي ڪئلاش مندر مان سمجهي سگهجي ٿو. وچولي زماني جي وقت تائين پارٽي مندر معماريءَ جي انيڪ نمونن جو واڌارو ٿيو.



ناگر نموني جي چوٽي

چوٽين جي بناوت موجب اهي نمونا طيءِ ٿيندا آهن. انهن ۾ اُتر پارٽ جي ناگر ۽ ڏکڻ پارٽ جو 'دراوڙ' نمونو مکيہ آهن ٻنهي جي گڏيل نموني کي 'ويسر' چئجي ٿو.

مڌيہ پرديش ۽ مهاراشٽر ۾ ڏسجندڙ 'يوُمڄ' نمونو ۽ 'ناگر' مندر نمونو انهن جي بناوت ۾ هڪجهڙائي آهي. يومڄ نموني ۾ چوٽي مندر جي پايي کان سوڙهي ٿيندي ويندي آهي.



دراوڙ نموني جو گوپوُر

**چاڪي وٺو.**

مهاراشٽر جي ٻارهين - تيرهين صديءَ ۾ ٺهيل مندرن کي هيماڊپنتي مندر چئجي ٿو. انهن مندرن جون ٻاهريون پٿيون گهڻو ڪري تاري جي شڪل جون هونديون آهن. تارن واري نموني ۾ مندر جي ٻاهرين پٽ انيڪ ڪنڊن ۾ ورهايل هوندي آهي. ان سبب انهن پٽن ۽ سنگتراشيءَ تي روشنيءَ جو سُهڻو اثر ڏسجي ٿو. پٿيون ڳنڍڻ لاءِ چونو نه واپرائڻ، هيما ڊپنتي مندرن جي خاصيت آهي. ڪانچيءَ چوڙ وارا اهڙا ڪتيل پٿر جيڪي هڪ ٻئي ۾ پڪا ٺهي بيهن ان سان پٽ ٻڌي ويندي آهي.

ممبئيءَ ويجهو امبرناٿ جو امبريشور مندر، ناسڪ ويجهو سِنر جو گونديشور، هنگولي ضلعي جو اؤنڍا ناگناٿ هيماڊپنتي مندرن جا عمدا مثال آهن. انهن جي بناوت تارن واري شڪل جي آهي. مهاراشٽر ۾ ٻين هنڌن تي به اهڙا مندر ڏسجن ٿا.



گونديشور مندر سنر

وچولي زماني ۾ مسلم حاڪمن جي اثر هيٺ فارسي وچ ايشيائي عربي ۽ اسلام کان اڳ وارو ڀارت اهڙيون انيڪ معماريءَ جون ڌارائون گڏ ٿيون ان مان ڀارت جو مسلم مهماري نمونو اُسريو ڪيترين ئي سهڻين عمارتن جو نرماڻ ٿيو. دهليءَ ۾ ميهروليءَ ويجهو قطب منار، آگري جو تاجمحل ۽ بيجاپور جو گول گمبذ اهي عمارتون مسلم مهاماري ڪلا جا مشهور مثال آهن. قطب دين عيبڪ (عيسوي سن ١٣ صدي) جي وچ ۾ قطب منار اڏڻ جي شروعات تي. ڪن التمش (ع.س.١٣ صدي) جي وقت ۾ چئن ماڙن جو ڪم ٿيو. فروج تُغلق جي وقت ۾ قطب منار جو ڪم پورو ٿيو. قطب منار دنيا جي سڀ کان اوچي منار آهي. انجي اوچائي ٧٣ ميٽر (٢٤٠ فوٽ) آهي. جنهن عمارتي ميڙ جو قطب کي يونسڪو دنيا جي ورثي جو هنڌ ظاهر ڪيو آهي.



قطب منار

مغل سمراٽ شاهه جهان پنهنجي بيگم ممتاز محل جي ياد ۾ اڏيو. تاج محل ڀارت ۾ مسلم معماري ڪلا جو سهڻو مثال آهي.



تاجمحل

دنيا ۾ مشهور هن عمارت کي يونيسڪو دنيا جي ورثي واري معار ظاهر ڪيو آهي.

عيسوي سن جي سترهين صديءَ ۾ اڏايل بيجاپور جي عاليشان عمارت گول گنبذ، مُحمد عادل شاهه جي قبر آهي. جنهن گنبذ سبب هن عمارت تي گور گنبذ نالو پيو انجي اندرئين گهيري ۾ گول ڪٿهڙو آهي. ان ڪٿهڙي ۾ بيهي هلڪي آواز ڪڍڻ تي به اُها سڄي عمارت ۾ ٻڌڻ ايندي آهي. تاڙي وڄائڻ جو پڙاڏو ڪيترائي دفعا ايندو آهي.



گول گنبذ

ڀارت ۾ برٽش حڪومت اسٿاپت ٿيڻ کانپوءِ هڪ نئون معماري نمونو اُسريو اُن کي اِنڊو - گوٿڪ معماري نمونو چئجي ٿو. برٽش اياملڪاريءَ ۾ ٻڌل سڀ چرچون، سرڪاري آفيسون، وڏن عملدارن جا گهر، ريلوي اِسٽيشن وغيره عمارتن ۾ اهو نمونو ڏسجي ٿو.



ڇترپتي شواجي مهاراج ريلوي ٽرمينس

ممبئيءَ جي ڇترپتي شواجي ٽرمينس عمارت ان نموني جو عمدو مثال آهي. يونيسڪو انکي دنيا جي ورثي واري اسٿانن ۾ شامل ڪيو آهي.

### ۴.۳ ڀارت ۾ للت ڪلا - فائين آرٽ جي پرمپرا :

لوڪ ڪلا : ڀارت جي هرهڪ ڀاڱي ۾ علعدن لوڪ گيتن، لوڪ سازن، لوڪ ناچن، لوڪ ناٽڪن جي پرمپرا آهي. مهاراشٽر ۾ به لوڪ ڪلائن جون انيڪ پرمپرائون آهن. اهي لوڪ ڪلائون ڌرمي ڏڻ وارَ ءِ سماجڪ جيون جو اڻٽٽ حصو رهيون آهن. ڪولي (مهاڻا) ناچ، تارنا ناچ، ڪونڪڻ جو دشاوتار، پوواڙا، ڪيرتن جاگر گونڌل (ماتا جو) انهن جا ڪُجهه مثال آهن.

**پراچين ڪلائون :** لوڪ ڪلائن وانگر ڀارت جي پراچين ڪلاڪن جو ورثو به عمدو آهي. ڳائڻ، وڄائڻ،نچڻ، ناٽڪ انهن ڪلائن بابت ڀرت مُنيءَ جو لکيل ’ناٽيه شاستر‘ سڀ کان پراچين گرنٿ سمجهيو وڃي ٿو. سينگار، ڪِلڻ. ديا، وير، خطرناڪ، فاحش، حيران ڪندڙ وشال، شانت اهي نوَ رَس ڀارتي فائين آرٽ ۾ بنيادي مڃيا ويا آهن.

ڀارتي ماڻهن جوہارين ماڻهن سان سانڌهه رابطو ٿيندو رهيو. انڪري ڪلاڪن جي پيش ڪش ۾ انيڪ ڌارائون ملنديون ويون انڪري اهي وڌيڪ شاهوڪار ٿينديون ويون. ڪلا سيڪل ڳائڻ، وڄائڻ، ناچ، وغيرهه جا الڳ الڳ نمونا ءِ اُنهنجو جتن ڪندڙ گهراڻا بڻيا.

ڀارتي ڪلاسيڪل ڳائڻ جون به مکيه شاخون آهن. ’هندستاني سنگيت‘ ءِ ’ڪرناٽڪ سنگيت‘. ڪلا سيڪل ۾ اپ - ڪلا سيڪش ائين به قسم به آهن. اپ ڪلاسيڪل ڳائڻ ۾ انيڪ لوڪ گيت نمونا به شامل آهن.

### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟



بيجاپور جي سلطان ابراهيم عادل شاهه ٻئين ڏکڻ اردو ۾ ’ڪتاب - اي - نورس‘ ڪتاب لکيو. اهو ڪتاب سنگيت تي لکيل آهي ٻائڻ جا گيت هوندڙ، ڏريد ٻائڻ کي اکين سامهون رکي گيتن وارو، اُتم درجي جي ڪاويه جو آزمودو پاڻکن کي ڏيندڙ آهي.

ان ڪتاب جو سمپادن ڊا. سعيد نشيت ڪيو آهي ۽ ان ڪتاب جو مراٺي ترجمو ڊا. اروڻ پريوءَ ڪيو آهي.
ان ڪتاب جي مکيه صفحي جي دوهي جو ترجمو آهي :-

” هي ماتا سرسوتي، تون جڳ جوت ۽ سرو گُڻي آهين. ابراهيم تي تنهنجي ڪرپا ۽ آشيرواد سان نورس جا گيت امر تي ويندا.“

اُتر ڀارت جي ڪٿڪ، مهاراشٽر جي لاوڻي، اوڙيشا جي اوڙيسي، تامل ناڊوءَ جو ڀرت ناٽيم، آنڌر جي ڪُچيپڙي، ڪيرل جي ڪٿڪلي ۽ موهني اَٽم انهن جي پيشڪش ۾ ڪلاسيڪل ڳائڻ، وڄائڻ ۽ ناچ جو سُريلو ميلاپ ڏسجي ٿو.
آزاد ڀارت ۾ ڪلاسيڪل سنگيت ۽ ناچ عام چاهيندڙن تائين پهچي ان مقصد سان ڪيترن ئي هنڌن تي سنگيت ۽ ناچ اُتسو ملهايا ويندا آهن. انهنجو لُطف ماڻڻ لاءِ ديش - وديش مان چاهڪ ايندا آهن. پُٽي ۾



لاوڻي ناچ - مهاراشٽر



ڪٿڪلي - ڪيرل

هر سال ٿيندڙ سوائي گنڌرو نالي سان ٿيندڙ سنگيت اتسو مشهور آهي.

هاڻوڪي وقت ۾ ڀارتي سنگيت ڪيترن ۾ خاص نموني يا گهراڻي تائين محدود نه رهي نوان تجربا ٿي رهيا آهن. ان ۾ مُغربي سنگيت، ناچ جو ڀارتي سنگيت سان ميلاپ ڪرڻ جي ڪوشش ڏسجن ٿيون. اهڙي نموني نئون نمونو ٺاهڻ ۾ اُديه شنڪر جو نالو اَڳرو آهي. هن ڀارتي ڪلاسيڪل سنگيت ۽ يورپ جي اسٽيج جي ناچ پرمپرا جو ميلاپ ڪيو. ان سان گڏ هن پنهنجي نموني ۾ لوڪ ناچن کي به شامل ڪيو آهي. اهڙيءَ ريت ڀارتي للت ڪلائن جو ڪيترن وڌي رهيو آهي.

ساڳي ڳالهه پارٽي نظري ڪلائن جي ڪيتر ۾
به ساندهه تي رهي آهي.

## ۴.۴ ڪلا، عملي ڪلا ۽ پيشيور موقعا

**ڪلا :** ڪلا جو اتهاس به گيان جي هڪ شاخ آهي. ان ڪيتر ۾ به ڌنڌي - واپار جا موقعا آهن :

(۱) ڪلاجي اتهاس جو اڀياس ڪندڙ اخبار نويسي جو ڪم ڪري سگهن ٿا.

(۲) ڪلا - شين جي خريد ۽ وڪري جو وڏو ڪيتر آهي. انهن شين جا ملهه طيءِ ڪرڻ لاءِ اهي نقلي ته نه آهن اهو پرکڻ جي ضرورت آهي. ان لاءِ ڪلا جي اتهاس جو اونهو اڀياس هوندڙ ماهرن جي گهرج آهي.

(۳) سيينٽڪ ورثي جو جتن ۽ واڌ، سيينٽڪ سئر سفر جو ڪيتر به واڌ ڪائي رهيو آهي. ان ڪيتر ۾ به ڪلا جي اڀياس ڪندڙن لاءِ انيڪ پيشيور موقعا آهن. ان ۾ عجائب گهر ۽ دستاويزي هنر،لئبرري ۽ ڄاڻ جي ڦهلاءُ جي تڪنيڪ آرڪيالاجيڪل سن شوڌن ۽ پارٽي گيان اهي ڪي مکيه ڪيتر آهن.

**عملي ڪلا :** نظري ۽ فائين آرٽ ۾ ڪلا جو نرماڻ ان لاءِ ٿيندو آهي ته چاهڪ انجو لطف ماڻي سگهن. سيني ڪلاڪارن جو اهو مکيه مقصد هوندو آهي. ڪلاتمڪ بناوت ۽ اپيوگ اهي مقصد رکي ڪلا نرماڻ ڪرڻ يعني عملي ڪلا.

(۱) هُنري ۽ اشتهارن جي ڪيترن ۾، گهرجي سجاوت اسٽيج تي ويس وڳا. فلمن ٽيلويزن لاءِ ضروري ڪلا جي رهنائي، ڇپائي، شايع ڪرڻ جي ڪيتر ۾ ڪتابن، مخزنن، اخبارن جي رچنا، سجاوت، گريٽنگ ڪارڊ، نيند پتر، سوڪژيون وغيرهه ڪيترن ۾ پڻ عملي ڪلا جي ماهرن جي گهرج هوندي آهي.

(۲) معماري ۽ فوٽو گرافي ڪيتر به عملي ڪلا، سري هيٺ ايندا آهن. هاڻوڪي زماني ۾ ڪامپيوٽر تي تيار ٿيل استر هلندڙ چتر، ڊزائين ۽ چتر واپرايا وڃن ٿا. اهي به عملي ڪلا جا پاڳا آهن. ڳهڻا، قيمتي ڌاتن جون شيون متيءَ تي رنگين ڊزائين وارا برتن، بانس ۽ ڪانن جون شيون، ڪانچ جون سندر شيون، ڪپڙا، وڳا وغيرهه ناهڻ اهي سڀ عملي ڪلا جي فهرست ۾ اچن ٿا.

متئين هرهڪ ڪيتر ۾ ڪو خيال دماغي سطح کان روبروُ ناهڻ تائين جي ڪم ۾ انيڪ ڏاڪا آهن. هرهڪ ڏاڪي ۾ لڪيل ۽ هنرمند شخصن جي گهرج هوندي آهي. ڪلاتمڪ شين جي ٺهڻ جي ترتيب ڪن خاص سيينٽڪ پرمپرائن سان ٻڌل هوندي آهي. هرهڪ ڏاڪي جي واڌاري جو اتهاس آهي. انجي سکيا جي اڀياسڪرم ۾ ڪلا - شين جي پئدائشي ترتيب ۾ هنري، سيينٽڪ ۽ پرمپرائن جو اتهاس شامل هوندو آهي.

متي ذڪر ڪيل ڪيترن ۾ تڪنيڪي ۽ پيشيور تعليم ڏيندڙ انيڪ سنستائن پارت ۾ آهن. گجرات جي نئشنل انسٽيوٽ آف ڊزائين، احمدآباد اهڙي سکيا ڏيندڙ دنيا جي هڪ اڳري سنستا آهي. سنه ۲۰۱۵ ۾ ان سنستا هڪ آن لائين اڀياسڪرم شروع ڪيو آهي.
ايندڙ باب ۾ اسين ڦهلاءُ جا ماڌيم - وسيلا بابت ڄاڻ حاصل ڪنداسين.

## ١. (الف) ڏنل متبدل جوابن مان مناسب جواب بيان پورا ڪريو.

(١) چترڪلا ۾ شلپ ڪلا ................ ۾ شامل ڪيا ويندا آهن.

(الف) نظري ڪلا (ب) فائين آرٽ

(ت) لوڪ ڪلا (پ) پراچين ڪلا

(٢) مَٿُرا شلپ نمونو ................ ۾ اُسري.

(الف) ڪُشاڻ (ب) گپت

(ت) راشتر ڪوٽ (پ) مؤريہ

## (ب) هيٺين مان غلط جوڙو سُڃاڻي لکو.

(١) قطب منار - مهرولي

(٢) گول گنبذ - بيجاپور

(٣) شترپتي شواجي مهاراج ريلوي ٽرمينس - دهلي

(۴) تاجمحل - آگرا

## (٢) نوٽ لکو:

(١) ڪلا (٢) هيما ڊپنتي نمونو

(٣) مرهٽا چتر نمونو

## ٣. هيٺين بيانن جا سبب ڏيئي سمجهايو

(١) ڪلا جي اتهاس جو اونهو اڀياس هوندڙ ماهرن جي ضرورت آهي.

(٢) چترڪٿي جهڙي پوين پساهن ۾ پيل پرمپرا کي زندهہ رکڻ جي ضرورت آهي.

## (۴) خاڪو پورو ڪريو.

| مندر معماري نمونو | ناگر | دراوڙ | هيمادپنتي |
|---|---|---|---|
| خاصيتون | | | |
| مثال | | | |

## ۵. هيٺين جا وستار ۾ جواب لکو.

(١) لوڪ چتر ڪلا نموني جي جاچ لکو.

(٢) ڀارت ۾ مسلم معماري نموني جون خاصيتون مثال ڏيئي سمجهايو.

(٣) صفحي ٢٣ تي ڏنل چتر کي جاچي هيٺين مُدن جي آڌار تي وارلي چترڪلا جي جاچ لکو.

(الف) قدرت جو چٽ (ب) انساني چٽ چٽڻ

(ت) ڌنڌوا واپار (پ) گهر

## مشغولي

(١) يونيسڪو طرفان ظاهر ڪيل ڀارت جي عالمي ورثي جي استانن جي وڌيڪ جاچ هٿ ڪريو.

(٢) توهان جي پسرگردائيءَ ۾ مُورتي ٺاهيندڙ ڪاريگرن جي ڪم کي جاچي سندن انٽرويوُ (ملاقات) وٺو.

# ۵. چوڏس ڦهلاءُ وسيلا ۽ اتهاس


۵.۱ چوڏس ڦهلاءُ وسيلن جي سڃاڻپ

۵.۲ چوڏس ڦهلاءُ جي وسيلن جو اتهاس

۵.۳ چوڏس ڦهلاءُ جي وسيلن جي ضرورت

۵.۴ چوڏس ڦهلاءُ وسيلي ملندڙ ڄاڻ جي جاچ

۵.۵ لاڳاپو رکندڙ ڪيتر


**ويچار ڪريو :**

مغلن جي وقت ۾ بهار ۾ ٿيل ڏڪر جي ڄاڻ دهلي ڪيئن پهچندي هوندي؟ ان تي سوچ ويچار ڪري دهليءَ جو سمرات جيڪي اُپاءَ ڪندو هو اُهي بهار ۾ پهچڻ لاءِ ڪيترو وقت لڳندو هوندو.

## ۵.۱ چوڏس ڦهلاءُ وسيلن جي سڃاڻپ :

’چوڏس ڦهلاءُ وسيلا‘ ان لفظ ۾ ’چوڏس ڦهلاءُ ۽ وسيلا ائين ٻہ لفظ آهن چوڏس ڦهلاءُ جي معنيٰ پري تائين پهچائڻ اَسين ڪا ڄاڻ ڪنهن چوڏس ڦهلاءُ جي وسيلي پري تائين پُهچائي سگهون ٿا. گذريل وقت ۾ راجا کي ڪا خبر پهچائڻي هوندي هئي تہ اُن کي ڪيترا ئي ڏينهن لڳندا هئا. هڪ ڪان ٻي ڏي، ٻئين ڪان ٽئين ڏانهن ائين خبر پهچندي هئي.

## ۵.۲ چوڏس ڦهلاءُ جي وسيلن جو اتهاس :

ڀارت ۾ انگريزن جي اَچڻ ڪان پوءِ ڇپائي ڪلا، اَخبارون شروع ٿيون. اَخبارن وسيلي ڇاپيل سماچار چؤطرف پهچائڻ ۾ مدد ملڻ لڳي.

**اخبارون :** اخبارون ڄاڻ ۽ گيان جي ڦهلاءُ جو وسيلو آهن. اسين اخبارن جي اِتهاس جو ابياس ڪنداسين. سماچار، سمپادڪيہ ليک، ماڻهن جا رايا، اِشتهار، منورنجن ۽ پورڪ مذڪور شامل هوندڙ طئہ ٿيل وقت تي نيما انوسار ڇاپي ورهاست ڪيل پرڪاش معنيٰ آهي. ’اخبارون‘.

اَخبارون مڪاني، راشٽريہ ۽ انترراشٽريہ الڳہ الڳہ سماچار پهچائڻ جو ڪم ڪن ٿيون. اَخبارون هلندڙ وقت جي گهٽنائن جون هڪ اتهاسڪ دستاويز آهن.

**اَخبارن جو اَڳوڻو روپ :** اِيجپٽ ۾ عيسوي سن اڳ واري وقت ۾ سرڪاري فرمان (حڪم) شلا ليکن تي کوري ساروجنڪ هنڌن تي لڳائيندا هئا. پراچين رومن سامراجيہ ۾ سرڪاري فرمان ڪاغذ تي لکي اُهي ڪاغذ هڪ پرانت کان ٻئي پرانت ورهايا ويندا هئا ان ۾ ديش ۽ راڄڌانيءَ جي گهٽنائن جي ڄاڻ هوندي هئي جو ايس سيريز جي اڏيڪار هيٺ اَڪٽا ڊايرنا (هر ڏينهن جي گهٽنا) نالي اَخبار، روم ۾ ساروجنڪ جڳہ تي لڳائيندا هئا ماڻهن تائين سرڪاري فرمان پهچائڻ جو هڪ اثردار طريقو هو. چين ۾ سٺين صديءَ ۾ سرڪاري فرمان ساروجنڪ هنڌن تي ورهايا ويندا هئا انگلئنڊ ۾ لڙاين جا يا اهميت وارين گهٽنائن جا پرچا وچ وچ ۾ ورهايا ويندا هئا. ڏرم شالائن ۾ ايندڙ مُسافر، گهورالو اُتان جي مڪاني ماڻهن کي ڳالهيون وڌائي چڙهائي ٻڌائيندا هئا راجائن جا عيوضي جدا جدا هنڌن تي هوندا هئا جيڪي تارو تازو سماچار راڄ دربار ۾ موڪليندا هئا.

**بئنگال گئجيٽ :** ڀارت جي پهرئين انگريزي اخبار ۲۹ جنوري ۱۷۸۰ ۾ شروع ٿي. ڪلڪتا جنرل ائڊورٽايزر يا بئنگال گجٽ جي نالي اها سڃاتي وڃي ٿي جيڪا جيمس آگسٽس هِڪي نالي برٽش ماڻهو شروع ڪئي.



جيمس آگسٽس هڪي

**درپڻ** عيسوي سن ۱۸۳۲ ۾ درپڻ اَخبار ممبئي ۾ شروع ٿي : باڙشاستري جانڀيڪر اِن جا سمپادڪ هئا

**فهرست ٺاهيو :**

آزاديءَ کان پهريون واري وقت ۾ ڪن نيتائن جي شروع ڪيل اَخبارن جي فهرست ٺاهيو.



بال شاستري جانڀيڪر

'درپڻ' اَخبار جي سماچارن مان اسانکي راڄنيتڪ، آرٿڪ، سماجڪ، سانسڪرتڪ اِتهاس جي ڄاڻ پوي ٿو. مثال (۱) ڪمپني سرڪار جي ٽن ڀاڱن جي جمع خرچ جي لسٽ (۲) ديش مٿان ٿيندڙ ريشيا جي ڪاهه جو ڊپ (۳) شهر کي صاف سٿرو رکڻ لاءِ منڊل جي مقرري ڪرڻ. (۴) هندُ وڌوائن جو پُنر وواهه (۵) ڪولڪاتا ۾ ٿئيٽر جي شروعات مان اُن وقت جي اتهاس جي ڄاڻ پوي ٿي. (٦) راجارام موهن راءِ جا انگلنڊ ۾ ڪيل ڪم.



**ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟**

'درپڻ' ان پهرين مراٺي اخبار جي سمپادڪ باڙشاستري جانڀيڪر کي شروعاتي سمپادڪ ڇيو ويندو آهي. ٦ جنوري اهو جنم جو ڏينهن 'پترڪار ڏينهن' ڪري مهاراشٽر ۾ ملهايو ويندو آهي.

**پرڀاڪر :** پرڀاڪر اَخبار ڀائوُ مهاجن شروع ڪئي ان ۾ فرينچ جي انقلاب، لوڪ هتوادي (گوپال هري ديشمکر) جي سماج جي ڄاڳرتا لاءِ ڇت پتر شايع ٿيا.

**گيانو اُديه :** 'گيانوديه' اخبار ۾ ۱۸۴۲ع ۾ ايشياکنڊ جي ۱۸۵۱ ۾ يورپ جي نقشي کي ڇاپيو ويو. مراٺي اخبارن ۾ پهريون چتر ڇاپڻ جو شرف گيانوديه کي وڃي ٿو بجلي جي مدد سان سماچار موڪلڻ جو يئنتر معني ٽيلي گراف ۱۸۵۲ کان شروع ٿيڻ جي ڄاڻ گيانوديه مان ملي ٿي ڀارت ۾ پهرئين ريلوي شروع ٿي ان جي ڄاڻ گيانوديه مان 'ڇاڪيه مهسوبا' سري هيٺ سان ڇپجي آئي. ۱۸۵۷ جي آزادي جي لڙائيءَ جون خبرون اخبارن ۾ ڇاپيل هيون.

اخبارون سماج کي ڄاڳرت ڪرڻ لاءِ اَهميت جو وسيلو هيون مثال طور 'اِندو پرڪاش' اَخبار وڌوا - وواهه جي پنيرائي ڪئي. موهمن، سماج جو مُکه پتر معنيٰ 'دين بنڌو' مهاتما جو تيراءُ ڀاليراءُ اِها اَخبار شروع ڪئي اِن اَخبار مان اَسانکي بهوجن سماج جي اُن وقت جي حالتن جي ڄاڻ پوي ٿي.



**ڪري ڏسو :**

ڪلاس جو هرهڪ شاگرد هڪ سماچار ڪٽري آڻي، اُنجي هڪ ڪاپي تيار ڪريو.

**ڪيسري ۽ مراٺا :** اَخبارن ۽ اِتهاس ان ۾ 'ڪيسري' ۽ 'مراٺا' اَهميت وارو رول اَدا ڪيو. ۱۸۸۱ ۾ گوپال گڻيش آگرڪر ۽ بال گنگاڌر تلڪ اهي اخبارون شروع ڪيون. اِنهن وسيلي اُن وقت جي سماجڪ ۽ راڄنيتڪ مسئلا اُٿاريا.

ديش جي حالت، ديشي ڀاشا جا گرنٿ ۽ ولايت (وديشي) راڄنيتي انهن وشين سان لاڳاپو رکندڙ ڳالهين کي ڪيسري ۾ لکڻ شروع ڪيو.

ايڪويهين صدي ۾ اَخبارون لوڪشاهيءَ جو چوٿون اِستنڀ طور اهميت وارو رول ادا ڪن ٿيون.

**مخزن :** مقرر عرصي کان پوءِ شايع ٿيندڙ ڇپيل ساهتيه معني آهي مخزن ان ۾ هفتيوار، پندرهين ڏينهن، مهني، ٻين مهني، ٽئين مهني، ڇهين مهني، سالياني وغيره شامل آهن.

اِن کان سواءِ وقتي ڇپجندڙ مخزن اِهو قسم پوراڻو آهي. انهن مخزن جي شايع ٿيڻ جو وقت مقرر ڪونه هوندو آهي.



**ڪري ڏسو.**

هاڻوڪي وقت ۾ انيڪ اَخبارن ٽڪنيڪي ڄاڻ جو اُپيوڳ ڪري اليڪٽرانڪ خبرون شروع ڪيون آهن پڙهندڙن وٽان ڪين سُني رد عمل ملي رهي آهي.

ماسترن جي مدد سان اِي اخبارون ڪيئن پڙهجن سمجهي وٺو.

ٻاڙا شاستري جانبيڪر مراٺي ٻاشا جي پهرئين مهني وار مخزن ”دگ درشن“ شروع ڪئي مغزن جو ويچار ڪنداس تہ ”پرگتي“ (١٩٢٩) جي اَهميت واري هفتوار آهي. ان جو سمپادڪ ترنبڪ شنڪر شيجولڪر هو. اُنهن ”پرگتي“ ذريعي اتهاس شاستر مهاراشٽر اِتهاس ۽ سماجڪ هلچل وغيرهہ اَلڳ اَلڳ وشين تي ڀرپور قلمبندي ڪئي آهي.

هاڻوڪي وقت ۾ ڀارتيہ اتهاس سان لاڳاپو رکندڙ انيڪ مخزن نڪرنديون آهن. مثال طور مراٺي ٻاشا جي ’ڀارتيہ اِتهاس ۽ سنسڪرتي‘، ’مرانواڙا اتهاس پريشد پتريڪا‘ وغيرهہ.

**اَچو کوج ڪريون :**

متين مثالن کان سواءِ مهاراشٽر ۾ مرڪزي سطح تي اتهاس کوج - سان لاڳاپو رکندڙ سنستا - وديا پيٺ مراٺي، هندي ۽ انگريزي ٻاشا ۾ مخزن شايع ڪن ٿيون اِنٽرنيٽ جي مدد سان اِن جي کوج ڪريو.

**وئب پترڪاريتا (Journalisam) :-** جديد مخزن ۾ ’وئب پترڪاريتا‘ پرڪار مشهور ٿيندڙ مخزن ۾ شامل آهي ان ۾ ’اتهاس هڪ مکيہ وشيہ آهي. وئب نيوز پورٽلس، سوشل ميڊيا، وئب چئنلس، يو ٽيوب تي انگريزي ۽ ڀارتيہ ٻاشائن ۾ پڙهندڙن ۽ ڏسندڙن لاءِ مواد ميسر ڪري ڏنو ويندو آهي.

**آڪاشواڻي :** آزادي کان پهريون واري وقت ۾ انڊين براڊ ڪاسٽنگ ڪمپني ان نالي سان ڪاريہ ڪرمن جو ڦهلاءُ ڪندڙ هڪ ١٩٢٤ ۾ مدراس ۾ خانگي ريڊيو ڪيندر شروع ٿيو. انڊين براڊڪاسٽنگ ڪمپني (آءِ بي سي) ان کان پوءِ برٽش سرڪار جو نالو بدلائي ’انڊين اسٽيٽ براڊڪاسٽنگ ڪمپني (ISBC) جي اسٿاپنا ڪئي. ٨ جون ١٩٣٦ تي ڪمپني جو نالو ’آل انڊيا ريڊيو (AIR) رکيو ويو.

ڀارت آزاد ٿيڻ کان پوءِ AIR ڀارت سرڪار جي ڄاڻ ۽ پرساڻ کاتي جو هڪ حصو بڻيو. سرڪاري پروگرامن ۽ يوجنائن جي ڄاڻ ڏيندڙ محيل مرڪز ائين ان جو شروعاتي روپ هو. مشهور ڪوي پنڊت نريندر شرما جي سُجهاوَ انوسار ’آڪاشواڻي‘ اهو نالو ڏنو ويو. آڪاشواڻي ڀاران الڳ - الڳ منورنجن ڄاڳرت ڪرڻ ۽ ساهتيہ سان لاڳاپو رکندڙ پروگرام پيش ڪيا ويندا آهن. ساڳي طرح ڪسان، پورهيت، جوان ۽ اِسترين لاءِ خاص پروگرام پرسارت ڪيا ويندا آهن. ’ووڌڀارتي‘ ان لوڪپريہ شيوا ذريعي ٢٤ ٻاشائن ۽ ١٤٦ ٻولي ٻاشائن ۾ پروگرام شروع ٿيا. هاڻوڪي وقت ۾ خانگي ريڊيو شيوائون بہ شروع ٿيون آهن. مثال - ’ريڊيو مرچي‘



**ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟**

ڀارت ۾ ٢٣ جولاءِ ١٩٢٧ تي ممبئي ريڊيو ڪيندر تان پهرين انگريزي ’نيوز بُلٽن‘ جو ڦهلاءُ ڪيو ويو. پوءِ ڪولڪاتا مان بنگالي ٻولي ۾ خبرون شروع ٿيون.

دوردرشن : ۱۵ سيپٽمبر ۱۹۵۹ تي ڀارت جي پهرين راشٽرپتي دهلي دوردرشن ڪيندر جو مهورت ڪيو. ۱ مئي ۱۹۷۲ تي ممبئي ڪيندر جو ڪاريہ ڪرم شروع ٿيو. ۱۵ آگسٽ ۱۹۸۲ تي رنگين دوردرشن جي شروعات ٿي. ۱۹۹۱ ۾ ڏيئي ۾ پرڏيهي، خانگي چئنلن ڪيبل (وائر) تڪنيڪ جي ذريعي ڪاريہ ڪرم جي چوڏس ڦهلاءُ جي اجازت ڏني ويئي. هن وقت ڀارتيہ ڏسندڙن لاءِ ۱۰۰ کان وڌيڪ چئنل موجود آهن.

## ۵.۳ چوڏس ڦهلاءُ وسيلن جي ضرورت :

سماج ۾ خبرن جي آزاد نموني چوڏس ڦهلاءُ جي وسيلن جي ضرورت ٿئي ٿي. سمپادڪيہ ليک، الڳہ الڳہ ڪالم، اهي اخبارن جا اٽوٽ انگ آهن. پڙهندڙ پتر وهنوار ذريعي پنهنجا ويچار ظاهر ڪندا آهن لوڪشاهيءَ کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي لاءِ اخبارون مدد ڪري سگهن ٿيون.

دوردرشن ڏسڻ ۽ ٻڌڻ وارو وسيلو هئڻ ڪري دوردرشن، اخبارن ۽ آڪاشواڻيءَ جي مدن کي پار ڪري ’روبرو ڇا ٿيو‘ اهو جنتا کي ڏيکارڻ شروع ڪيو. ڪنهن گهٽنا جون اکين ڏٺو احوال ڏسڻ لاءِ جنتا کي ٻيو ڪو رستو ڪونہ آهي.



**ڪري ڏسو:**

هاڻوڪي وقت ۾ الڳہ الڳہ چئنلن جي ڄاڻ دوستن جي گروهہ، گروپ ڪاريہ ڪري لکي وٺو.

## ۵.۴ چوڏس ڦهلاءُ وسيلي ملندڙ ڄاڻ جي جاچ :

چوڏس ڦهلاءُ وسيلي ملندر ڄاڻ جي جاچ ڪرڻي پوي ٿي هر وقت اخبارن وسيلي ملندڙ ڄاڻ اها حقيقت ڀري هوندي اهڙين ڪونہ آهي اسان کي اِن جي جاچ ڪرڻي پوي ٿي غلط خبر شايع ٿيڻ جو هڪ مشهور مثال آهي. ’اسٽرن‘ نالي جي هڪ هفتيوار مخزن ايڊالف هٽلر جي اکرن جا انيڪ روزناما خريد ڪيا ۽ اهي ٻين ڪمپنين کي وڪڻيا. هٽلر جي هٿ اکري روزنامو ملڻ جي خبر شايع ٿي پر اڳتي هلي روزنامو ڪوڙو هئڻ جي ڄاڻ ظاهر ٿي. تنهن ڪري چوڏس ڦهلاءُ جي وسيلن مان ملندڙ ڄاڻ جو اُپيوگ ڪرڻ وقت ساوڌاني وٺڻي پوي ٿي.

## ۵.۵ لاڳاپو رکندڙ ڪيٽر :

اخبارن کي هرروز تازو سماچار پڙهندڙن تائين پهچائڻو پوي ٿو، اهو ڪم ڪندي وقت پوئين خبر ٻڌائڻي پوي ٿي اهڙي وقت اخبارن کي اِتهاس جي ضرورت پوي ٿي ڪنهن سماچار جي وستار سان وچوڙ وٺڻ وقت گذريل وقت ۾ ساڳئي قسم جي ٻيو ڪٿي ٿيل گهٽنا، اخبارن ۾ سماچار کي چوڪنڊي ۾ ڇپن ٿيون. اِن سان پڙهندڙن کي وڌيڪ ڄاڻ ملي ٿي ۽ گهٽنا جي ڦِڻ تائين پهچي سگهجي ٿو.

اخبارن ۾ ڪالمن ۾ ۵۰ سال پهريون ۱۰۰ سال پهريون اهڙي قسم جا ڪالم هوندا آهن. جيڪي اتهاس جي ساڌنن ۽ اِتهاس تي مدار رکندڙ هوندا آهن. اِن قسم جي ڪالمن مان اسان کي ماضيءَ جي آرٽڪ، سماجڪ، راڄنيتڪ، اِتهاسڪ گهٽنائن جي ڄاڻ پوي ٿي. ماضيءَ جي آڌار تي زمان حال سمجهڻ ۾ مدد ملي ٿي.



اخبارن کي خاص موقعن تي ضميمو (سپليمينٽ) يا خاص ڇاپو ڪڍڻو پوي ٿو. مثال ١٩١٤ ۾ پهرين مهاڀاري لڙائي شروع ٿي اُن کي ٢٠١٤ ۾ ١٠٠ سال پورا ٿيا. اِن لڙائيءَ جي سموري ويچار واري ڇاپي کي ڪڍڻ وقت اُن گهٽنا جي اِتهاس جي ڄاڻ هئڻ گهرجي. ١٩٤٢ جي هلي وڃو آندولن کي ٢٠١٧ ۾ ٧٥ سال مڪمل ٿيا. اهڙي موقعي تي اخبارون ليک، سمپادڪيه ليک، خاص ڏينهن، تفصيل ذريعي اُن گهٽنا جي ڄاڻ ڏينديون آهن. اهڙي وقت تي اِتهاس جو اڀياس اُپيوگي ٿئي ٿو.



**ڪري ڏسو.**

اخبارون ڳجهارتون پڇڻ لاءِ پڻ اتهاس جو آڌار وٺنديون آهن. توهان پڻ الڳه الڳه ڳجهارتون تيار ڪري سگهو ٿا مثال قلعن جا نالا.

آڪاشواڻيءَ جي لاءِ به اتهاس اهميت وارو وسيلو هوندو آهي. ١٥ آگسٽ ١٩٤٧ يا اُن کان پوءِ واري وقت جي پرڌان منترين جي آزادي واري ڏينهن ڪيل ڀاشڻ آڪاشواڻي وٽ سانڊيل ٿين ٿا اُن جو اُپيوگ اُن وقت جي حالتن سمجهڻ لاءِ ٿئي ٿو.

**ڄاڻي وٺو.**

١٩٤٢ جي آندولن ۾ زير زمين ريڊيو ڪيندر جي ڪيل ڪمن جي ڄاڻ ماسترن جي مدد سان هٿ ڪيو.

آڪاشواڻيءَ کي ڪن خاص ڪاريه ڪرمن لاءِ اِتهاس جي اڀياس جي ضرورت پوي ٿي راشٽريه نيتائن جي جينتي ۽ پُڻيه تٿي ڪنهن خاص اِتهاسڪ گهٽنا جي سال، ٢٥ سال، ٥٠ سال، ١٠٠ سال يا اُن کان وڌيڪ سال پورا ٿيندا هوندا ته اُن بحث - مبحث ڪرڻ لاءِ اُن گهٽنا جي ڄاڻ جي ضرورت پوي ٿي. راشٽريه نيتائن جي ڪاريه تي ڀاشڻ ڏيڻ وقتائن کي اتهاس جو آڌار، وٺڻو پوي ٿو آڪاشواڻيءَ جي ڏينهن تي پڻ خاص ڪاريه ڪرم جو چوڏس ڦهلاءُ ٿئي ٿو.

دوردرشن ۽ اتهاس جو ويجهو لاڳاپو آهي اتهاس بابت چاهه پيدا ڪرڻ، جاڳرتي ڪرڻ جو ڪم دوردرشن ۽ الڳه الڳه چئنل ڪن ٿا. دوردرشن جي رامائڻ، مهاڀارت ۽ پوراڻڪ سيريل ڀارت جي هڪ ڪوچ، راجا چترپتي اِنهن اِتهاسڪ سيريلن تمام گهڻن ڏسندڙن ڇڪيو آهي. رامائڻ، مهاڀارت جهڙن سيريلن جي ناهڻ وقت اُن وقت جي واتاورڻ پوشاڪ، هٿيار رهڻي ڪرڻي، ڀاشا جي ڄاڻ جي مدد جي ضرورت ٿئي ٿي. ان لاءِ اِتهاس جو چڱيءَ طرح اڀياس ڪرڻو پوي ٿو.

هاڻوڪي وقت ۾ ڊسڪوري، نئشنل جاگرافي، هسٽري جهڙن چئنلن تي چوڏس ڦهلاءُ ٿيندڙ سيريلن مان دنيا جي اتهاس جو خزانو ڏسندڙن لاءِ کوليو ويو آهي. اُن وسيلي ماڻهو اتهاس، جاگرافي گهر ويني ڄاڻي سگهن ٿا اهي سيريل وڌيڪ وڻندڙ بڻائڻ جي لاءِ ڪيترائي دفعا اِتهاس جي چٽرن وسيلي پيش ڪيو وڃي ٿو.

مثال : خاص قوت وارا استري پُرش رانديگر، سئنيڪ وغيرهه ان کان سواءِ عمارتون قلعن سامراجيه جو اُسرڻ نه صرف اينرو پر رڏڻ پڇائڻ جي اتهاس تي سيريل ماڻهو چاهه سان ڏسندا آهن.

متين سيني ڪيترن جي لاءِ اتهاس جو اونهي اڀيان جي ضرورت آهي.

**سمجهي وٺو.**

ڀارت جي پراچين ۽ جديد اتهاس بابت دوردرشن تان چوڏس قھلاءُ ’ڀارت هڪ کوج‘ اها هڪ اهميت واري سيريل آهي. پنڊت جواهرلال نهروءَ جي ڊسڪوري آف انڊيا اِن گرنٿ تي مدار رکندڙ اها سيريل هئي شيام بينيگل جي ٺاهيل اِن سيريل ۾ پراچين ڪال کان جديد ڪال جي سماجڪ سنسڪرتڪ ۽ راڄنيتڪ اتهاس کي پيش ڪيو. اونهي کوج ۽ پيش ڪرڻ جي سطح تي هيءَ سيريل عُمدي ثابت ٿي.

هڙاپا سنسڪرتي، ويدڪ ڪال، رامائڻ، مهاڀارت جو لاڳاپو، موريه ڪال کنڊ، ترڪ افغاني ۽ مغلن جي ڪاهه، مغلن جي وقت ۽ مغل بادشاهه جو يوگدان، ڀڳتي هلچل، ڇترپتي شواجي مهاراج جا ڪاريه، سماج سڌاري لاءِ هلچل ۾، هلچل ۽ آزاديءَ جي لڙائي اِن سيريل ذريعي پيش ڪيون ويون.

سيريل ۾ نَاٽُ، لوڪ ڪلا، ڄاڻرتي جو آڌار وٺي نهروءَ جي روپ ۾ ڪلاڪار روشن سيٺ پرستاويڪا ۽ جُملا چوندو رهي ٿو. نهروءَ جو اتهاس ڏانهن ڏسڻ جو نظريو ۽ اُن جو اثردار پيش ڪري اها سيريل سچي ڀارت ۾ جس کٽيو.



## اڀياس

**١. (الف) ڏنل متبدلن مان ٺهڪندڙ متبدل چونڊي جُملا پورا ڪريو.**

(١) ڀارت جي پهرئين انگريزي اخبار ............ شروع ڪئي.

(الف) جيمس آگسٽس مِڪي

(ب) سرجان مارشل (ڀ) ائلن هيوم

(پ) بال شاستري جا ڀيڪر

٢. دوردرشن ............... وسيلو آهي.

(الف) ڏسڻ جو (ب) ٻڌڻ جو

(ب) ڏسڻ ۽ ٻُڌڻ جو (پ) ڇُهڻ جو

**(ب) هينين مان غلط جوڙي سُڃاڻي وري لکو**

(١) پرڀاڪر - آچاريه پر. ڪي. اَتري

(٢) درپڻ - باڙي شاستري جانڀيڪر

(٣) دين بنڌو - ڪرشڻ راءِ ڀاليڪر

(۴) ڪيسري - بال گنگاڌر تلڪ

**٢. نوٽ لکو :**

(١) اخبارن جا آزادي جي لڙائي ۾ ڪم

(٢) چودس قھلاءُ جي وسيلن جي ضرورت

(٣) چوڏس قهلاءُ سان لاڳاپو رکندڙ ڪيتر.

**٣. هينيان جملا سبب ڏيئي سمجهايو.**

(١) چوڏس قهلاءُ وسيلن ذريعي ملندڙ ڄاڻ جي ڇاچ ڪرڻي پوي ٿي.

(٢) اَخبارن کي اِتهاس وشيه جي ضرورت پوي ٿي.

(٣) چوڏس قهلاءُ جي وسيلن ۾ دوردرشن سڀ کان وڏيڪ لوڪپريه وسيلو آهي.

### ۴. هيٺ ڏنل ٽڪر پڙهي اُن هينان ڏنل سوالن جا جواب ڏيو.

**آڪاشواڻي :** آزادي کان پهريون واري وقت ۱۹۲۴ ۾ انڊين براڊڪاسٽنگ ڪمپني (IBC) خانگي ريڊيو ڪيندرشروع ٿيو. جيڪو روزانو ڪاريہ ڪرم ڦهلاءُ ڪندو هو. ان کان پوءِ برٽش سرڪار ان ڪمپنيءَ جو نالو ڦيرائي انڊين اِسٽيٽ براڊڪاسٽنگ ڪمپني (ISBC) جي اِستاپنا ڪئي. ۸ جون ۱۹۳۶ تي ڪمپني جو نالو آل انڊيا ريڊيو (AIR) رکيو ويو.

آزاد ڀارت ٿيڻ کان پوءِ (AIR) ڀارت سرڪار جي چاڻ ءِ پرسارڻ کاتي جو هڪ حصو بڻيو. سرڪاري پروگرامن ۽ يوجنائن جي چاڻ ڏيندڙ اختياري ڪيندر ائين ان جو شروعاتي روپ هو. مشهور ڪوي پنڊت نريندر شرما جي سُجهاوَ انوسار 'آڪاشواڻي' اهو نالو ڏنو ويو. آڪاشواڻيءَ پاران الڳ - الڳ منورنجن جاڳرت ڪرڻ ۽ ساهتيہ سان لاڳاپو رکندڙ پروگرام پيش ڪيا ويندا آهن. ساڳي طرح ڪسان، پورهيت، جوان ۽ استرين لاءِ خاص پروگرامن جو چوڏس ڦهلاءُ ڪيو ويندو آهي.

'ووڊ ڀارتي' ان لوڪپريہ شيوا ذريعي ۲۴ ڀاشائن ۽ ۱۴۶ ٻولي ڀاشائن ۾ پروگرام شروع ٿيا. هاڻوڪي وقت ۾ خانگي ريڊيو شيوائون بہ شروع ٿيون آهن. مثال : 'ريڊيو مرچي'

(۱) آڪاشواڻي ڪهڙي کاتي ۾ ايندي آهي؟

(۲) آءِ بي سي جو نالو ڇا رکيو ويو؟

(۳) ووڊ ڀارتي تان ڪيترن ڀاشائن ۽ ٻولين ۾ پروگرام اَچن ٿا؟

(۴) آڪاش واڻي اهو نالو ڪيئن پيو؟

### ۵. هيٺيون تختو پورو ڪريو

| | اخبارون | آڪا واڻي | دوردرشن |
|---|---|---|---|
| شروعات - پوميڪا | | | |
| ڄاڻ - ڪاريہ ڪرمن جو سروپ | | | |
| ڪاريہ | | | |

عملي ڪم

توهانجي ڏنل ڪنهن اتهاسڪسيريلجي ڄاڻ لکو.

5PHKC4

# ٦. وندر جا وسيلا ۽ اتهاس


٦.١ وندر جي ضرورت

٦.٢ لوڪ نرتيہ

٦.٣ مراٺي رنگہ منچ

٦.٤ پارتيہ سئنيما

٦.٥ وندر جي کيتر ۾ ڌنڌي جا موقعو


هن ڪي آنند ڏيندڙ ڳالهيون معنيٰ وندر جا ساڌن هئا ڏار - ڏار شؤنق رانديون، ناٽڪ، سئنيما، منورنجن جا ساڌن لکڻ پڙهڻ جي عادت وغيرهہ وندر جي وسيلن ۾ اچي وڃن ٿا.

## ٦.١ وندر جي ضرورت :

سني قسم جي نِجُ وندر ماڻهوءَ جي سني واڌ لاءِ اهميت واري آهي دائري ۾ رهي جيئڻ جي نيرستا پري ڪري من ۾ خوشي، تازگي، شرير کي اُتساهہ ۽ شڪتي ڏيڻ جو ڪم وندر ڪري ٿي. شؤنق ۽ راندين جي سنڀال ڪرڻ سان شخصيت جو وڪاس ٿئي ٿو. ڀارت ۾ پراچين ۽ وچولي يڳہ واري عرصي ۾ اُتسؤ ڪيل نچڻ - ٽپڻ ڳائڻ وغيرهہ وندر جا ساڌن هئا. جديد وقت ۾ وندر جا انيڪ ساڌن ميسر آهن.

**فهرست ٺاهيو**

: وندر جا ڏار ڏار قسم ٻڌائي اُن جو ورگيڪرڻ ڪريو.

وندر جو ٻن قسمن ۾ ورگيڪرڻ ڪري سگهجي ٿو. ڇُر پر وسيلي يا بنا ڇُر پُر وسيلي ڇُرپر وسيلي وندر مهني ڪنهن ڪريا ۾ اُن شخص جي جنسي شاريرڪ ۽ مانسڪ حصيداري هئڻ. راند هٿ جي ڪلا ڇرپر واري وندر جو مثال آهي. اسين جڏهن راند جو مقابلو ڏسندا آهيون، گيت - سنگيت ٻڌندا آهيون، سئنيما ڏسندا آهيون تڏهن اِهي وندر جا بنا ڇُرپر وارا هوندا آهن. اسان اُن وقت فقط درشڪ هوندا آهيون.

**ڪري ڏسو.**

اتهاس سان لاڳاپو رکندڙ چرپر ۽ بنا چرپر ڪندڙ وندر جي فهرست تيار ڪريو.

## ٦.٢ لوڪ نرتيہ :

**ڪٺپتلين جو کيل :** موهن جو دڙو، هڙپا، گريس ۽ ايجپٽ جي کوٽائي ۾ متيءَ جي گڏي جا نشان لڌا آهن. جيڪي ڪٺپتلي وانگر واپرايون ويندڻون هونديون اهڙي خاطري آهي. ان تان اها ڳالهہ جاڻ پوي ٿي. پنچتنتر ۽ مهاڀارت ۾ ان کيل (راند) جو ذڪر ڪيل آهي.



ڪٺپتلين جو کيل

پراچين ڀارت ۾ ڪٺپتليون ٺاهڻ لاءِ لڪڙي، اُن، چمڙو، سڱ ۽ هاٿي ڏندن جو اُپيوگ ڪندا هئا. اِن کيل جا ٻہ طريقا آهن راجستاني ۽ دکني.

اُتر پرديش، مھاراشٽر، راجستان، آسام، اولهہ، بينگال، آنڌرپرديش، ڪرناٽڪ، ڪيرالا ، راجين ۾ڪنپتليءَ جو اُپيوگ ڪندڙ ڪلاڪار آهن ڪنپتليءَ جو اُپيوگہ ڪندڙ ڪلاڪار آهن ڪنپتلي جو تماشو ڏيکاءُ لاءِ خاص هُنر هئڻ بيحد ضروري آهي.

**ننڍو چبوترو** (Stage) روشنيءَ ۽ آواز جو اُپيوگ ڪري ڏيکاريو ويندو آهي پاچي واري ڪنپتلي، هٿ واري ڪٺپتلي لڪڙي واري ڪنپتلي ۽ ڌاڳي واري ڪنپتلي اهي ان جا قسم آهن.

دشاوتاري ناٽڪ : دشاوتري ناٽڪ مھاراشٽر جو هڪ لوڪ ناٽڪ جو قسم آهي. سوگيءَ ڪانپوءِ ڪونڪن ۽ گوئا ۾ دشاوتاري ناٽڪن جو اُپيوگ ٿئي ٿو. دشاوتاري ناٽڪ متسيہ، ڪرم، نرسنھ وامن، پرشورام، رام ڪرشن، ٻُڌ ۽ ڪَلڪي انهن ڏهن اوتارن تي مدار رکندڙ هوندا آهن. سڀ کان پهريون مکيہ ڪلاڪار گڻپتيءَ جي پوڄا ڪندا آهن.

دشاوتاري ناٽڪ جي ڪردارن جي اَداڪاري رنگن، ويش وڳا، پرمپرا موجب هوندا آهن. ناٽڪ



**دشاوتاري ناٽڪ**

جو گھڻو حصو ڪاويہ نموني هوندو آهي. ڪجھہ سنواد ڪردا ڦڙتي سان چوندا آهن، ديوتائن لاءِ لڪڙيءَ جو نقاب واپرائيندا آهن ناٽڪ جي آخر ۾ دلي (هنڊي) پڇي دهيءَ ورهائڻ ۽ آرتي ڪئي ويندي آهي. ١٨ صديءَ ۾ شام جي نائڪ ڪاڙي دشاوتاري ڪيل ڏيکاريندڙ هڪ ٽولي تيار ڪئي هئي اُها ٽولي ڪٿي سڄي مھاراشٽر ۾ ڦرندا هئا.

وشٽوداس ڀاوي دشتاوتاري ناٽڪ وارو طريقو واپرائي پنهنجا ناٽڪ پيش ڪيا. ان لاءِ مراٺي ناٽڪن جي صفري دشتاوتاري ناٽڪن تائين وڃي ٿي.

**ڀڄن :** تاڙيون امردنگہ يا پکواج وغيرهہ سازن سان ايشور گڻ -گان ۽ نام سمرڻ ڪاوي نموني ڳائڻ کي ڀڄن چوندا آهن. ڀڄنن جا ٻہ قسم آهن چڪري ڀڄن ۽ سوانگہڀڄن.

**چڪري ڀڄن :** گول ڦيرا پائي ڀڄن ڳائڻ.

سوانگہ ڀڄن : ديو ڀڳت جو ڪردار ڪٿي سنواد جي روپ ۾ ڀڄن ڳائڻ ويجھڙائي واري وقت ۾ سنت تڪڙوجي مھاراج ’ڪنجري ڀڄن‘ لوڪپريہ ڪيو.

اُتر ڀارت ۾ سنت تلسيداس، مھاڪوي



**ڪري ڏسو :**

تلسي داس، سورداس، ميراٻائي ۽ ڪبير اُنهن سنتن جا ڀڄن ٻڌو ۽ اُهي سنگيت ماستر جي مدد سان يا ڄاڻن جي مدد سان سمجھي وٺو.

سورداس، سنت ميراٻائي ۽ سنت ڪبير جا ڀڄن مشهور آهي. ڪرناٽڪ ۾ پورندرداس ڪنڪداس، وجيہ داس، ٻوڏيندر گُروسوامي تياڳ رچا وغيرهہ جي رچنا ڀڄنن ۾ ڳائي وڃي ٿي.

گجرات ۾ سنت نرسي مھتا ڀڳتيءَ کي وڌايو. مھاراشٽر ۾ سنت نامديو وارڪر پنٿ ذريعي ڀڄن ڪيرتن کي همٿايو. وارڪري پنٿ نام سمرڻ جي ذريعي ڀڄن کي اُوج تي پهچايو.

**ڪيرتن :-** پرمپرا انوسار ائين مڃيو ويندو آهي تہ ڪيرتن پرمپرا جو شروع ڪندڙ ناردمني آهي. سنت نامديو کي مھاراشٽر جو شروعاتي ڪيرتن ڪار مڃيندا آهن. ان کان پوءِ ٻين سنتن ان پرمپرا جو ڦھلاءُ ڪيو. ڪيرتن ڪندڙ کي هري داس يا ’ڪٿاڪاري ٻوا‘ چوندا آهن. ڪيرتن ڪندڙ کي پوشاڪ

ودوتا، ڀائڻ، ڀالهائڻ، ساز، نرتيہ آنند وغيرھ ڏي ڌيان ڪرڻو پوي ٿو. ھو ھڪ سنو ٻڌندڙ ھجڻ گھرجي ڪيرتن مندر ۾ يا مندر جي پسگردائي ۾ ڪيو ويندو آھي.

**ڄاڻي وٺو.**

ڪيرتن جون نارديءَ يا ھري داسي ءَ وار ڪري بہ مکيہ ريتيون آھن. ھري داسي ڪيرتن ۾ ھڪ شخص ئي ڪيرتن ڪندو آھي ان ڪيرتن ۾ 'پوروَرنگ' ۽ 'اُترنگ' ھو ندا آھن. نمن (نمسکار) بيان جو اينگ ۽ بيان کي پوُرورنگ ۽ مثالن ذريعي سمجھائڻ کي اُترنگ چوندا آھن. وارڪري ڪيرتن ۾ ميڙ تي زور ھوندو اُھي ڪيرتن ڪارين سان گڏ تاڙي وڄائڻ وارين جي اھميت ھوندو آھي. ڪيرتن ڪارن سان گڏ تاڙن وڄائڻ وارين جي اھميت ھوندي آھي. آزادي جي آندولن واري وقت ۾ راشتريہ ڪيرتن نالي جو نئون قسم وجود ۾ آيو. اھو ڪيرتن نارديءَ آزادي جي آندولن جي نيتائن، وگيانڪن ۽ سماج سڌارڪن ۽ مھان شخص جي جيونيءَ جي آڌار تي سماج ۾ ڄاڻ ڏني ويندي آھي. ان جي شروعات وائيءَ جي دتوپنت پتوردن ڪئي. ان کان سواءِ مھاتما جوتيراءُ ڦولي جي ستيہ شوڌڪ سماج بہ ڪيرتن ذريعي سماج ڄاڳرتيءَ جو ڪم ڪيو سنت گاڙگي مھاراج جا ڪيرتن ستيہ شوڌڪ ڪيرتن سان لاڳاپو ڏيکاريندڙ ھئا. جاتي ڀيد متائڻ، صفائي، انشامکت جھڙن وشين تي ڪيرتن وسيلي ڄاڻ ڏيندا ھئا.

**للِت :** مھاراشٽر جي وندر جو ھڪ جھونو قسم للت آھي. نارديءَ ڪيرتن ريت واري قسم ۾ شامل ٿئي ٿو. ڪونڪن ۽ گوئا واري حصي ۾ ان جي گھڻي اھميت آھي.

للت جي پيشڪش ۾ ڊرامڪ اُتسو وقت اُتسو ديوتا گدي تي وينو آھي اھو مڃيو اُن کان گُھرون ڪيون وينديون آھن. **جنھن جي جھڙي خواھش تھڙو اُن کي ملي. سڄو ڳوٺ خوشيءَ سان ايندڙ للت تائين خوش رھي ھڪ ٻئي جو ساڙ للت ۾ متجي ڪنھن جي بہ من ۾ نفرت نہ بچي. صاف من سان وھنوار ھلندي سداچار سان سماج ھلي اھڙي آش ڪئي ويندي آھي.**

ناٽڪ وانگر ئي للت پيش ڪبو آھي جنھن ۾ ڪرشن ۽ رام ڪٿا ۽ ڀڳتن جي ڪٿا چوندا آھن ڪي للت ھندي ڀاشا ۾ بہ آھن. جديد مراٺي رنگ ڀوميءَ کي للت جو پس منظر آھي.

**ڀاروڙي :-** اڌياتمڪ ۽ نيتڪ سکيا ڏيندڙ مراٺيءَ جو گيت معنيٰ ڀاروڙ پٽ ناٽڪ وانگر ڀاروڙ جو اُپيوگ ڪبو آھي مھاراشٽر ۾ سنت ايڪناٿ جا ڀاروڙي نرالاٽپ وارا ناٽڪي نموني وندر ۽ سُريلو ھئڻ ڪري لوڪپريہ آھن. لوڪ سکيا لاءِ سنت ايڪناٿ ڀاروڙي جي رچنا ڪئي.

**تماشو :** 'تماشو' ھي اکر پرشين ڀاشا جو آھي. ماڻھو جي چت (من) کي خوش ڪندڙ اھا ھنجي معنيٰ آھي الڳہ الڳہ لوڪ ڪلائون شامل ڪري صدي ۾ تماشو وجود ۾ آيو روايتي تماشو ٻن قسمن جو ٿئي ٿو. سنگيت باري ۽ ڍولڪي جو ڦڙ. سنگيت باري ۾ ناٽڪ کان وڌيڪ نرتيہ ۽ سنگيت تي زور ڏنل ھوندو آھي. مکيہ طوُر نرتيہ ۽ سنگيت ھوندڙ تماشي ۾ ڪجھہ وقت ڪانپوءِ 'وگہ' ھن ناٽڪي روپ کي شامل ڪيو ويو. ڦرتي ۽ مذاق جي آڌار تي وگہ رنگجندو آھي تماشي جي شروعات ۾ 'گڻ' معنيٰ گڻيش وندنا ڳائي وڃي ٿي. ان ڪانپوءِ

گوڙڻ پيش ڪئي ويندي آهي.

تماش جو هيو ڀاڱہ مکيہ ناٽڪ معنيٰ 'وڳ' پيش ڪيو ويندو آهي 'اِڇا ماجهي پوري ڪرا' ۽ 'ڳاڙواچي لڳن' مراٺي رنگہ ڀومي تي تماشي جا هاڻوڪا روپ آهن.

**پوواڙا :-** هي هڪ نثر ۽ نظم گڏيل پيش ڪش آهي پوواڙي ۾ اِستري - پُرش جي پراڪرمن جو وڏي آواز ۾ قرتي سان ڪٿن ڪيو ويندو آهي. شترپتي شواجي مهاراج جي وقت ۾ اگيانداس ڪويءَ جو رچيل اَفزل خان جو وڌ (خاتمو) ۽ تلسيداس جي رچيل سنگهڙه جي جو پوروواڙو مشهور آهي.

برٽش جي وقت ۾ اُما جي نائڪ، چاپيڪر ڀائر، مهاتما گانڌيءَ تي پوواڙا رچيا ويا. امر شيخ اَنا ڀاءُ ساٺي ۽ گوٽڪر جهڙن شاعرن جي رچيل پوواڙن جي مدد سان مهاراشٽر گونججڻ لڳو ۽ پوواڙن جي مدد سان جاڳرندي آندي ويئي.

## ٦.٣ مراٺي رنگہ منچ :

**للت ڪلا :** ماڻهن يا جماعت ذريعي پيش ڪرڻ جي جاءِ معنيٰ مراٺي ناٽڪ گهر للت ڪلا ۾ ڪلاڪار ۽ درشڪن جو حصو ونڊ اهميت وارو آهي. ناٽڪ جا نيم ڊائريڪٽر، ڪلاڪار، ويس، رنگہ، رنگہ منچ، پس منظر، روشني جو بندوبست ناٽڪ ڏيکارڻ جو درشڪن جو جاچيندڙ اهڙا ۽ انيڪ جُزا رنگہ منچ سان لاڳاپو رکندڙ هوندا آهن. ناچ ۽ سنگيت ڪي بہ ناٽڪ ۾ شامل ڪري سگهبو. ناٽڪ ڪيترائي ڀيڙا سنواد ذريعي پيش ڪبو آهي. پر ڪيترائي ناٽڪ ۾ گونگي اداڪاري پڻ هوندي آهي. انهن ناٽڪن کي گونگو ناٽڪ چوندا آهن.

ڇترپتي شواجي مهاراج، ڇترپتي سمياجي مهاراج، مهاتما جوتيراءُ ڦُلي، لوڪمانيہ تلڪ، ڊاڪٽر بابا صاحب امبيڊڪر جي جيون سان لاڳاپو رکندڙ ناٽڪن جي ڄاڻ حاصل ڪريو.

تنجا ورجي ڀونسلي راج ونش مراٺي ۾ ڏکڻ جي ڀاشائن ۾ ناٽڪن کي اُتساهہ ڏنو. اُن راج ونش جي راجا پڻ ناٽڪ لکيا ۽ سنسڪرت ناٽڪن جو ترجمو ڪيو، مهاراشٽر جي رنگہ منچ جي وڪاس ۾ اُڻويهہ صديءَ جي اهميت واري آهي. وشٽوداس ڀاوي کي مراٺيءَ جو رنگہ منچ جو جنڪ ڪري سڏجاتو ويندو آهي. ('سيتا جو سويمبر') رنگہ منچ تي آندل پهريون ناٽڪ هو. وشنوداس ڀاوي جي لکيل ناٽڪ کان پوءِ مهاراشٽر ۾ اِتهاسڪ پوراڻڪ ناٽڪن سان گڏ هلڪا ڦُلڪا ناٽڪ بہ رنگہ منچ تي آئي. جنهن ۾ مذاقي سماجڪ ويچار پيش ڪيو ويندو آهي.

شروعاتي جي ناٽڪن جا نيم ليکہ روپ ۾ نہ هئا، ڪيترائي ڀيرا اُن ۾ گيت لکيل هوندي بہ نثر روپ ۾ قرتيءَ سان رهي تي. ڇپيل روپ ۾ نيم هوندڙ پهريون ناٽڪ وي جي ڪيرتني جو ١٨٦١ سال ۾ لکيل 'ٿورلي ماڌو راوَ پيشوا' هو. اِن ناٽڪ جي ڪري سموري مليل ناٽڪن جي نئين ريت شروع ٿي.

اُڻويهہ صديءَ جي آخري اڌ ۾ هندستان جي خيال سنگيت مهاراشٽر ۾ شروع ڪرڻ جو ڪم بال شنڪر بوا ابچلڪرنجيڪر ڪيو.

اُن کان پوءِ اُستاد اَلاديان خان، اُستاد عبدل ڪريم خان ۽ اُستاد رحمت خان مهاراشٽر جي ٻڌندڙن ۾ سنگيت جي لاءِ چاهہ پئدا ڪيو. اُن جي اثر سبب سنگيت رنگہ منچ جي شروعات تي ۽ ڪريوسڪر جماعت جي ناٽڪ ڪمپنيءَ جا سنگيت ناٽڪ لوڪپريہ ٿيا. اُنهن ۾ ''سنگيت شاڪُنتل '' انا صاحب ڪريوسڪر جو لکيل ناٽڪ بيحد گهڻو مشهور ٿيو. سنگيت ناٽڪن ۾ گووند بلاڙ ديول جو لکيل سنگيت شاردا ناٽڪ گهڻو اهميت وارو آهي. اُن ناٽڪ ۾ جرنڪماري وواهہ ۾ اُن وقت جي غلط ريتين تي مذاقي طريقي

پرچُبندر ٽيڪا ڪئي آهي. ان کان سواءِ سريپد ڪرشنا ڪولهٽڪر جو 'مُوڪ نائڪ' ڪرشنا جي پرڀاڪر کاڊيلڪر جو 'سنگت ماناپمان'، رام گڻيش گڊڪريءَ جو 'ايڪچ پيلا' اهي ناٽڪ رنگ منچ جي اتهاس ۾ اهميت وارا آهن.

**ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟**

مهاڀارت - مهاڪاويہ جي گهٽنا ڪٽي اُن وقت جي برٽش سامراجيہ، شاهي تي ٽيڪا ڪندڙ 'ڪيچڪ وڌ' ناٽڪ کاڊيلڪر لکيو ڪيچڪ وڌ جي دروپتي معني لاچار ڀارت ماتا، يڌيشٽر معني نرم ڌر، ڀيم معني گرم ڌر ۽ ڪيچڪ معني سٽاڌاري وائيسراءِ لارڊ ڪرزن اهڙي روپ ۾ درشڪ ناٽڪ ڏسن ٿا ۽ اُنهن جي من ۾ برٽش حڪومت لاءِ غصو نرماڻ ٿئي ٿو.

مراٺي رنگ منچ جي پُڄاڻ واري عرصي ۾ آچاريہ اَتري جو ''ساشٽانگ نمسڪار''، 'آديا چا سنسڪار'، گهراباهر جهڙن لوڪپريہ ناٽڪن رنگ منچ کي سنوارڻ ۾ مدد ڪئي. ويجهڙائي واري عرصي ۾ وسنت ڪانيٽڪر جي رائگڙهہ لاجهوان جاگ يتي، اتي اوشاڙلا مرتيو وجيہ تينڊولڪر جو گاسي رام ڪوتوال وشورام بيڙڪر جو 'تلڪ ۽ آگرڪر' وغيرهہ ناٽڪ مشهور آهن.

ڏار - ڏار وشين تي ناٽڪ ۽ ناٽڪن جي ڪوچ ڪري مراٺي رنگ منچ پريو پاڇيو ٿيو. ناٽڪ ڪلاڪار طور گڻپتراءِ جوشي، بال گنڌرو ۽ نارائڻ راءِ راج هنس، ڪيشو راءِ ڀوسلي چنتامڻ راءِ ڪولهٽڪر، گڻپتراءِ بوڙس وغيرهہ جو نالو عزت سان ورتو ويندو آهي. اُنهن جا نتڪ ڪليل ميدان ۾ ٿيندا هئا برٽش سرڪار پهريون ممبئي ۾ پلي هائوس ريپن وڪٽوريا اهي ناٽڪ گهر ٺاهيا (نهرايا ) تنهن کان پوءِ مراٺي ناٽڪ بہ بند ناٽڪ گهرن ۾ ٿيڻ لڳا.

**ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟**

مشهور ساهتيڪار وي. و. شرواڏڪر ۽ ڪُسماگرج، شيڪس پيئر جي ''ڪنگ - ليئر'' ناٽڪ جي طرز تي لکيل نَٽ سمراٽ ناٽڪ گهڻو مشهور ٿيو. ان ناٽڪ جو شو ڪالم نايڪ گڻپتراءِ بيل ولڪر پاتر شرواڏڪر پهريون ئي مشهور گڻپتراءِ جوشي ۽ نانا صاحب ڦاٽڪ جهڙن ناٽڪي پاترن جي شخصيت ۾ ڪردارن جي ميلاپ سان تيار ڪئي آهي.

## ٦.٤ ڀارتيہ سئنيما :

**سئنيما :** سئنيما (فلم) ڪلاڪاريتا ۽ ٽڪنيڪي ڄاڻ جي ميلاپ جو وسيلو آهي. هلندڙ چترن جي ڪوجنا کان پوءِ سئنيما جي شروعات ٿي. ان سان گونگي سئنيما يُگ شروع ٿيو. اڳتي هلي آوازي ڳالهائڻ واري سئنيما جو يگ شروع ٿيو.

**ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟**

سئنيما جا قسم :- مذاقي سئنيما، نيوز ويل دستاويزي فلم، ٻارن لاءِ سئنيما، مشهوري فلم، سنگي سئنيما (فلم) ڪٿا چترپٽ، چڙهائي سان لاڳاپو رکندڙ فلم وغيرهہ.

ڀارت ۾ پهرين وڏي فلم ناهڻ ۾ شايع ڪرڻ جو شرف مهاراشٽر کي آهي. 'ڀارتيہ فلمن جي جنني' مهاراشٽر آهي ائين سندس ناموس آهي. فلمن جي وڪاس ۾ مدن راءِ ماڌوراءِ پنڙي، ڪلياڻ جي پٽورڌن پريوار ۽ هريش چندر سکارام ڀاٽوڊيڪر عرف ساوي دادا جو يوگدان آهي.

اڳتي هلي ڊائريڪٽر گوپال رامچندر ۽ دادا صاحب تورڻي ۽ اَ.پ. ڪرنڌيڪر، ايس اين پاٽڻڪر، وي پي دِو ويڪر وديشي ڄاڻ ٽڪنيڪ جي مدد سان پُنڊلڪ'' ڪٿا فلم ١٩١٢ ۾ ممبئي ۾ ڏيکاري ١٩١٣ ۾ دادا صاحب ڦالڪي جي ناهيل ڊائريڪٽ ڪيل ۽ سموري پرڪريا ڀارت ۾ ڪئي.

’راجا هريش چندر‘ اها فلم ممبئي ۾ شايع ڪئي. تنهن کان پوءِ موهني - ڀسماسور، ساوتري - ستيوان جهڙيون گونگيون فلمون ۾ ويرول



**دادا صاحب تروٽي**

غفائن ۾ ناسڪ، ترمبڪيشور تيرٿ آستانن تي ڦرڪي دستاويزي فلم ناهي. اِتان اڳتي پوراٽيڪ ۽ اِتهاسڪ فلمن ناهڻ جي ريت شروع ٿي.

ڀارت ۾ پهرين فلمن لاءِ ڪيميرا تيار ڪندڙ آنند راءُ پينٽر فلم ناهڻ ۾ چاهه ڏيکاريو.



**دادا صاحب ڦالڪي**

سندس ماسٽ بابو راءُ پينٽر ۽ مستري ۾ ١٩١٨ ۾ ”سيرنڌري“ فلم تيار ڪئي. ’سنهه ڳڙ‘ پهرين اِتهاسڪ گونگي فلم، ڪلياڻ جو خزانو باجي پربو ديش پانڊي، نيتاجي پالڪر جهڙيون اتهاسڪ فلمون هُنن ڪڍيون. ان کان سواءِ ساوڪاري پاش اهو پهريون واستوادي فلم اُنهن ناهي. ١٩٢٥ ۾ ’باجي راءُ - مستاني‘ فلم ناهيندڙ ڀالجي پينڍارڪر جي اِتهاسڪ فلم مان راشٽريه ويچارن جو ڦهلاءُ ٿي رهيو آهي اهو ڏيان تي اچڻ کان پووءِ برٽشن اُن تي روڪ آندي.

## ڄاڻي وٺو.

اڳي سئنيما گهر ۾ فلم شروع ٿيڻ کان پهريون دستاويزي فلم ڏيکاري ويندي هئي. اُنجي ناهڻ لاءِ ڀارت سرڪار ’فلم ڊويهجن‘ اسٿاپن ڪئي انهن دستاويزي فلمن جو اُپيوگ جنتا کي ڄاڻ - سمجهه لاءِ ڪيو ويندو هو. ان جي ڄاڻ وٺي وٺو.

ڪملا ٻائي منگروڙڪر مراٺي جي پهرين اِستري فلم ٺاهيندڙ هئي. هنن ساوڙيا تانڏيل ۽ پناداٺي (هندي) ڳالهائيندڙ فلم تيار ڪئي. ١٩٣٤ ۾ پربات ڪمپنيءَ جي ’رام شاستري‘ فلم مشهور ٿي. آزاديءَ کان پوءِ واري عرصي ۾ آچاريه اَتري ’مهاتماڦلي‘ جي جيون تي وشرام بيڙڪر واسديو جي جيوني تي مدار رکندڙ فلم تيار ڪئي. دنڪر د. پاٽيل ’ڌنيه تي سنتاجي ڌناجي‘ فلم تيار ڪئي. پراڪر پئنڍارڪر جي ’بال شواجي‘ فلم اهميت واري آهي. ڀارتيه سئنيما

## ڄاڻ آهي ڇا توهان کي؟

ڀارتيه سئنيما کي انترراشٽريه سطح تي آستان ڏيندڙ پهرين فلم هئي سنت تُڪارام اِها فلم پئرس ۾ اَنترراشٽريه فلم - مهو تسو ۾ ڏيکاري ويئي ان فلم ۾ وشٹو پنت پاگنيس سنت تڪارام جو ڪردار نڀايو.

## اَچ ڳولهيا ڪريو :

هن باب ۾ ذڪر ڪونه آيل پر اتهاس سان لاڳاپو رکندڙ فلمن جي ياداشت انٽرنيٽ جي مدد سان تيار ڪريو.

کي انترراشٽريه سطح تي آستان ڏيندڙ پهرين فلم هئي سنت تُڪارام اِها فلم پئرس ۾ اَنترراشٽريه فلم - مهو تسو ۾ ڏيکاري ويئي ان فلم ۾ وشٹو پنت پاگنيس سنت تڪارام جو ڪردار نڀايو. مراٺي ڀاشا ۾ جهڙي طرح اِتهاسڪ فلمون ٺهيون ساڳيءَ طرح هندي ڀاشا ۾ به انيڪ فلمون ٺهيون. آزادي کان اڳ واري عرصي ۾ ٺهيل هندي فلمون ۾ سڪندر، تانسين، سمراٽ چندرگپت، پرٿوي ولڀ، مغل - اي- آظم، وغيره فلمون اتهاس جي آڌار تي ٺاهيون ويئون. ڊا. ڪوٽنئيس کي اَمرڪهاڻي : اها فلم ستيه گهٽنائن تي مدار رکندڙ هئي. آزادي جي آندولن تي مدار رکندڙ ’آندولن‘ ’جهانسيءَ جي راڻي‘ فلمون اَهميت واريون هيون. بامبي ٽاڪيز، فلمستان، راجڪمل پرڀاڪشنس آر. ڪي اِستوڊيئو ج، نوڪيتن، وغيره ڪمپنين فلم جي نرماڻ ڪيتر ۾ اهميت وارو يوگدان ڏنو.

**اَچو ڳولها ڪريون .**

انٽرنيٽ جي مدد سان ٢٠١٥ - ١٩٧٠ تائين اتهاسڪ وشين جي مراٺي فلمن جي ڳولها ڪريو.

## ٦.٥. وندر جي کيتر ۾ ڏنڊي جا موقعا :

ناٽڪ ۽ فلمن جي کيتر ۾ اتهاس جي شاگردن کي ڀرپور موقعا آهن.

**ناٽڪ :** (١) پردو، ويس وڳا، سينڊ سُرما وغيره جا تفصيل تز هئڻ لاءِ اتهاسڪ ڪال جي چترڪلا، شلپ ڪلا، معماري وشين جو اونهو هوندڙ ماهرن کي ڪلا ڊائريڪشن يا ان لاءِ صلاحڪار طور ڪم ڪري سگهجي ٿو.

(٢) گفتگو لکڻ وقت ليکڪ ۽ انجي صلاحڪار لاءِ ٻولي ۽ سڀيتا جي ماهرن جي ضرورت هوندي آهي.

**فلمون :** فلمن جي ڪهاڻيءَ سان نسبتي وقت جو ماحول ناهڻ لاءِ ڪردارن جا ويس وڳا سينڊ، وغيره رٿڻ جو ڪم ڪلا ڊائريڪٽر ڪندو آهي. ان کيتر ۾ به اتهاس جا ڄاڻوءَ ڪلا ڊائريڪٽر يا اُنجي صلاحڪار طور ڪم ڪري سگهن ٿا.

(٣) فلمن ۾ گفتگو لکڻ لاءِ ٻولي ۽ سڀيتا جي ڄاڻ جي ضرورت هوندي اهي.



## اڀياس

**١. (الف) : ڏنل متبدل جوابن مان مناسب جواب چونڊي بيان پورا ڪريو.**

(١) مهاراشٽر جو شروعاتي ڪيرتنڪار ............... کي مڃيندا آهن.

(الف) سنت گيانيشور (ب) سنت تُڪارام

(ب) سنت نامديو (پ) سنت ايڪناٿ

(٢) بابوُراو پينٽر ...............فلم ٺاهي

(الف) پُنلڪ (ب) راجا هريش چندر

(ب) سئرنڌري (پ) باجيراوَ مستاني

**(ب) هيٺين مان غلط جوڙي سُڌاڳي لکو.**

(١) رائيگڙهه لاجيوها جاڳه ييتي - وسنت (رائيگڙهه ڇڏي جاڳندو آهي) ڪانيٽڪر

(٢) تلڪ ۽ آگرڪر - وشرام بيڊيڪر

(٣) ساشٽانگ نمسڪار - آچاريه اتري

(٤) ايڪچ پيالا - انا صاحب ڪرلو سکر

**٢. هيٺيون خاڪو پورو ڪريو**

| | ڀڄن | ڪيرتن | للت | پاروڙ |
|---|---|---|---|---|
| خاصيتون | | | | |
| مثال | | | | |

**٣. نوٽ لکو**

(١) وندرجي ضرورت

(٢) مراٺي رنگه يومي (رنگه منچ)

(٣) رنگه منچ ۽ فلمن سان جڙيل واپاري کيتر

**٤. هيٺيان بيان سبب ڏيئي سمجهايو.**

(١) فلمن مو اتهاس وشيه اهم آهي.

(٢) سنت ايڪناٿ جا پاروڙ مشهور ٿيا.

**٥. هيٺين سوالن جا جواب وستار ۾لکو.**

(١) مهاراشٽر جي خياتي (نالو) پارتي فلمن جي جنني ائين چو آهي؟

(٢) پوواڙا جي معني سمجهايو.

**مشغولي :**

سنت ايڪناٿ جو ڪوبه پاروز حاصل ڪري اسڪول جي سڀيتڪ ڪاريه ڪرم پيش ڪريو.

5PHGDR

# ٧. راند ۽ اتهاس


٧.١ راندين جي اهميت
٧.٢ راندين جا قسم
٧.٣ راندين جو انترراشٽريڪرڻ
٧.٤ راندين جو ساهتيہ ۽ رانديڪا
٧.٥ رانديڪا ۽ اتهاس
٧.٦ راند ۽ لاڳاپو رکندڙ ساهتيہ ۽ سئنيما
٧.٧ راند ۽ ڏڻڏي جا موقعا


وندر ۽ شاريرڪ ڪسرت لاءِ کيل کوبہ ڪم معنيٰ راند

راندين جو اتهاس، ماڻهن جيترو پُراڻو آهي ڇاڪاڻ تہ ڪيڏڻ ماڻهوءَ جو قدرتي سڀاءُ آهي. شروعاتي عرصي ۾ الڳ الڳ قسمن جون رانديون ڪيڏيون هيون شڪار ڪرڻ پيٽ گذار جو ذريعو هو. ساڳيءَ طرح راند ۽ وندر جو هڪ حصو آهي.



ڪُستي

### چا توهان کي ڄاڻي آهي؟

وڙودرا (بڙودا)جي مشهور پهلوان ڄما دادا ۽ ماڻيڪراءُ جي ڪسرت شالا، پٽيالا جي راند جي وديا پيٺ، گجرات جي ’سورڻيم گجرات اِسپورٽس وديا پيٺ‘ ڪولهاپور جي خاص باغ ۽ موتي باغ تاليم، امراوتيءَ جي هنومان وياپام پرسارڪ منڊل، پٽي جي بالي واڙي جي شري شو ڇترپتي ڪريڙا سنڪول ڪُستي ۽ ٻين راندين جي تعليم، لاءِ مشهور آهي.

ڀارت جي پراچين ساهتيہ ۾ مهاڪاويہ گهوڙن جي ڇتاپيتيءَ ۽ ڇترنج جو ذڪر اچي ٿو.

### ڄاڻ آهي ڇا توهانکي؟



راند ۽ گريڪ لوڪن جو ناتو پراچين وقت کان آهي. راندين کي باقاعدي سهي روپ ڏيڻ جو ڪم گريڪن ڪيو. ڊُڪڻ، ٽالهي، اُڇلڻ، رٿ ۽ گهوڙن جي ڇتاپيتي، ڪشتي مُڪيبازي وغيره ڇتاپيتيون هنن شروع ڪيون. پراچين اولمپڪ راندين جي ڇتاپيتي اولمپيا نالي گريڪ شعر ۾ ٿيندي هئي. ان ڇتاپيتي ۾ حصو وٺڻ ۽ جيت حاصل ڪرڻ عزت ڀريو سمجهيو ويندو آهي.

## ٧.١ راندين جي اهميت :

راندين کي اسانجي جيون ۾ اهميت واري جاءِ آهي. زندگيءَ جي دک ۽ چنتا کي وسارڻ جي سگهہ راندين ۾ آهي. من کي آنند ڏيڻ ۽ من کي تازو - توانو ڪرڻ جو ڪم راند ڪري ٿي. جن راندين ۾ ڀرپور محنت يا شاريرڪ هلچل ڪرڻي پوي ٿي انهن راندين سان رانديگرن جي ڪسرت ٿئي ٿي. شرير مضبوط ڪرڻ ۾ راند مددگار ٿئي ٿي. راندين سبب ڌيرج چپڪاءُ، رانديگر ورتي وغيره گڻن جو وڪاس ٿئي ٿو. سنگهہ ۾ ڪيڏڻ (گڏجي) ڪري هڪ ٻئي سان سهڪار جي ڀاونا وڌڻ

لڳي ٿي ۽ اڳواڻي جي ڳڻ جو وڪاس ٿئي ٿو.

## ۷.۲ راندين جا قسم :

راندين جا وهڻ ۽ مئداني اِهي ٻہ قسم آهن.

**وهڻ واريون رانديون :-** وهڻ معني وهي کيڏڻ جي راند مثال :- شطرنج، تاس، چدا، ڪيرم، ڳوٽيون، اهي رانديون کٽي ٻہ ويهي کيڏي سگهجن ٿيون، ساگر - پٽر اِهو وهڻ وارو آند قسم مکيہ طور ڇوڪريون کيڏنديون آهن، رڌڻ پچائڻ اها راند ننڍن ڇوڪرين جي سمجهي ويندي آهي پر ان ۾ سڀ شامل ٿي سگهن ٿا. خاص طور ڳڏڻ - ڳڏين جي شادي هڪ پاريوارڪ آنند جو موقعو آهي.



شطرنج

**مئداني راند :-** مئداني راندين ۾ ديسي ۽ وديسي ٻہ قسم آهن. ديسي راندين ۾ لنگڙي، ڪبڊي، وانجهين، ڪوکو وغيرهہ شامل آهن.



ڪبڊي

ڇوڪرا- ڇوڪرين ۾ چدن، لڳوري (ٺڪرين) ڏڪي ڏڪر، ڦرڪي، لاٽون، گول ڦيري، لنگڙي راندين لوڪپريہ آهن.



لنگڙي



**ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟**

**جهانسي جي راڻيءَ جي روزاني زندگي:**

’’بائي صاحبا کي شرير جو شوق تمام گهڻو هو. صُبح جو سوير اُٿي ملکنب تي چڙهي ٻہ ساعت ڪسرت ڪري پوءِ گهوڙ سواري ۽ هاٿي تي ويهي سئر ڪرڻ ۽ چار ساعت خوراڪ کائڻ ۽ کير پيئڻ ۽ سنان ڪرڻ ٿيندو هو.

(وشڻو ڀٽ گوڙسي جي ’’مهاجها پرواس‘‘ ان ڪتاب مان)

وديشي مئداني راندين ۾ بئڊمنٽن، ٽيبل ٽينس ٽيئن ٽي ڪرڪيٽ، فوٽ بال گولف، پولو وغيرهہ راندين شامل آهن. مئداني راندين ۾ ڊُڪڻ جي چٽاڀيٽي سڄي دنيا ۾ لوڪپريہ آهي. ان ۾ ۱۰۰ م ۽ ۲۰۰ م ميريٿان ۽ رُڪاوٽ واري چٽاڀيٽي ۾ شامل آهن.



ٽيبل ٽينس



## فوٽ بال

شاريرڪ سگهه تي آڌارت رڪندڙ راندين ۾ : گولو ڦٽي ڪرڻ، ٿالهي ڦٽي ڪرڻ، ڊگهو ٽپو ۽ وڏوٽپو، پاڻيءَ جي راندين ۾ ترڻ جون چٽاپيٽيون، واٽر پولو، ٻيڙي شرط تهڙي طرح شاريرڪ ڪسرت راندين ۾ ملکانپ نوريءَ وارو ملکانپ، جمناسٽڪ وغيره شامل آهن.



ملکانپ



## اِسڪيٽنگ

همت واري راند اِسڪيٽنگ ۽ اِسڪائنگ (گسڪڻ جي چٽاپيٽي) برف تي هاڪي کيڏڻ لوڪپريه آهي. همت واري ۽ آنندائڪ راندين ۾ جبل چڙهڻ، گلائيڊنگ، موٽر سائيڪل، موٽر ڪار جي چٽاپيٽي شامل آهي.

### اچو ته کوج ڪريون :

ماستر، مائٽن ۽ اِنٽرنيٽ جي مدد سان ڪستي ڪندڙ ڪاشبا جاڌو، ماروتي ماني، ڀارت رتن سچن تينڊولڪر جي جيون سان لاڳاپو رکندڙ ڄاڻ حاصل ڪيو.

## راندين جي چٽاپيٽي :

راندين جي چٽاپيٽيءَ کي سڄي دنيا مڃتا ڏني آهي. اولمپڪ، ايشياڊ، دوپانگ جي اولمپڪ، ڪرڪيٽ، عالمي مقابلو، ڪشتي، شطرنج وغيره راندين جو مقابلو عالمي سطح تي ٿئي ٿو. اسان جي ديش ۾ هاڪي ڪرڪيٽ راند لوڪپريه آهي هاڪي ڀارت



ڪرڪيٽ

### چا توهان کي ڄاڻ آهي؟

شريمتي منيشا باني جي کيل کوج جي مطابق ملکانپ ۽ اُن جي پکڙ ڪستيءَ لاءِ عملي طور پيشوائيءَ کان پوءِ جي مَلهه وديا گرو ڀاڻ ڀٽ ديودر جي آهي ڀاڻ ڀٽ اهو ڪسرت جو قسم باندر جي وڻن تي راند ڏسي سُهجيو ائين چيو آهي.

جي راشٽريه راند آهي اِن راند جا مقابلا مڪاني شهري، تعلقي، ضلع، راجيه، راشٽريه ۽ انتر راشٽريه سطح تي ٿين ٿا. راشٽريه ۽ انترراشٽريه مقابلي ۾ نالو ڪمائيندڙ رانديگر اِن ڪيتر ۾ پنهنجو آئينده ڪيرئر ٺاهي سگهن ٿا.

**ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟**

ميجر ڌيانچند هاڪيءَ جو رانديگر ۽ ٽيم جو ڪپتان هو. هن جي اڳوانيءَ هيٺ ۱۹۳٦ ۾ ڀارتيه هاڪي ٽيم برلين اولمپڪ ۾ سونو ٻلو کٽيو. اِن کان پهرين ۱۹۲۸ ۽ ۱۹۳۲ ۾ به ڀارتيه هاڪي ٽيم سونو ٻلو کٽيو هو. اُن وقت هو ڀارتيه ٽيم ڀاران کيڏيو هو. ۲۹ آگسٽ جنم جو ڏينهن اهوراشٽريه راند جو ڏينهن ڪري ملهايو ويندو آهي. هن کي هاڪيءَ جو جادوگر ڪري چيو ويندو آهي. ۱۹۵٦ ۾ هاڪيءَ ۾ ڪيل جلوي ڪري هن کي پدم ڀوشڻ سان نوازيو ويو.

## ۷.۳ راندين جو انترراشٽريه ڪرڻ :

ويهين - ايڪويهين صدي ۾ راندين جو انترراشٽريه ڪرڻ ٿيو آهي اولمپڪ، ايشيائي، برٽش راشٽرڪُل، ونبلڊن جهڙين چٽاڀيٽن ذريعي ٿيندڙ راندين جهڙوڪ ڪرڪيٽ، فوٽ بال، لان ٽينس وغيره راندين جو هڪ ٽي وقت چوڏس ڦهلاءُ الڳ الڳ چئنلن تان ڪيو ويندو آهي. جن ديشن راند ۾ حصو ڪونه ورتو آهي اُهي پڻ راند جو آنند وٺندا آهن. مثال طور عالمي ڪرڪيٽ مقابلي ۾ ڀارت فائينل مئچ ۾ پهچڻ تي سڄي دنيا جي درشڪن مقابلو ڏٺو، دنيا جي درشڪن راند جو مالي روُپ متي چڙهيو آهي راند جو شوقين سڪڻ جي لاءِ راند ڏسندا آهن. درشڪ وندر لاءِ ڏسندا آهن. ڪمپنيون اشتهار موقعو ڄاڻي راندين کي ڏسنديون آهن. سکيل رانديگر درشڪن کي راند بابت سمجهائيندا آهن.

## ۷.۴ راندين جو ساهتيه ۽ رانديڪا :

ننڍن ٻارن جي وندر لاءِ ۽ سکيا لاءِ جيڪي رنگبرنگي جدا جدا ساڌن ۽ اوزار هوندا آهن اُن کي رانديڪا چوندا آهن پراچين هنڌن جي کوٽائيءَ ۾ مٽيءَ مان ٺاهيل رانديڪا لڌا آهن. اهي رانديڪا ٺاهيندا آهن.

پراچين ڪال جي ڀارتيه ساهتيه ۾ نرتڪيءَ جو ذڪر آهي. سندر جي هڪ ناٽڪ جو نالو مُرش ڪٽيڪا آهي. مُرش ڪاٽيڪا معني مٽيءَ جي گاڏي.

**توهان کي ڇا ڄاڻ آهي؟**

ڪٿاسرتساگر ۾ انيڪ وندرائيندڙ رانديون ۽ راندين جو ذڪر ڪيل آهي. اُن ۾ اٽڪيل لڪڙيءَ جي نرتڪيه جو ذڪر آهي. اُن نرتڪيه جو ٻٽڻ دٻائڻ سان متي اُڏامي ٿي. ڪي نچن تي آواز ڪن اهڙو ذڪر ڪيل آهي.

**اچو کوج ڪريون**

اوير ڀارتيه ۾ انيڪ هنڌن تي لڪڙيءَ تي نرتڪي ٺاهي ويندي هئي مهاراشٽر ۾ نڪي نالي سان سڃاتل لڪڙيا جي نرتڪي ٺاهي ويندي هئي.

اهڙي لڪڙي جون نرتڪيون ٺاهڻ جي ريت ڀارت ۾ بين کهڙن ڀاڱن ۾ هتي آهي. اچو ته کوج ڪريون.

اُنهن پرانتن ۾ اُنهن نرتڪين کي کهڙو نالو هو، اُهو کوج ڪريو.

## ۷.۵ رانديڪا ۽ اِتهاس :

رانديڪن مان اتهاس ۽ ٽيڪنڪ جي واڌ جي ڄاڻ پوي ٿي. ڌارمڪ ۽ سانسڪرتڪ جي ڄاڻ پوي ٿي.

مهاراشٽر ۾ ڏياريءَ تي قلعا ٺاهڻ جو وڏو رواج آهي.ان مٽيءَ جي قلعي تي ڇترپتي شواجي مهاراج ۽ اُن جي ساٿين جي مورت رکندا آهن. مهاراشٽر جي قلعن جي مدد سان گذريل اتهاس تي روشني وجهڻ جو هڪ قسم آهي.

اٽليءَ جي پانپئي شهر جي کوٽائي ۾ هڪ پارٽيءَ عام جي نرتڪي لڌي، اها پهرين صديءَ جي هوندي ائين اتهاس ڪارن جو انداز آهي. ان تان پارٽ ۽ روم جي وچ ۾ آپسي لاڳاپي جو انداز لڳائي سگهجي ٿو اهڙي طرح کوجنا ۾ لڌل رانديڪا پراچين وقت ۾ ديشن وچ ۾ لاڳاپي بابت ڄاڻي ڏيئي سگهجن ٿا.

## ۷.٦ راند ۽ لاڳاپو رکندڙ ساهتيہ ۽ سئنيما :

راند سان لاڳاپو رکندڙ ساهتيہ اها هڪ نئين گيان جي شاخا آهي. راندين سان لاڳاپو رکندڙ ڪتاب ڪوش نئين نموني تيار ٿين ٿا. مراٺي ڀاشا ۾ ملڪنپ جو اتهاس ويجهڙائيءَ ۾ شايع ٿيو ڪسرت اِن وشيہ تي ڪوش آهي. راند ان وشيہ بابت چٽڪار نالي مغرن پهريون مشهور هئي. انگريزي ۾ راند اِن وشيہ تي پرپور انداز ۾ ساهتيہ موجود آهي. راند اِن وشيہ کي جاري رکڻ جو ڪم دوردرشن چئنل ڪن ٿا.

ويجهڙائيءَ واري عرصي ۾ راند ۽ رانديگرن جي جيون تي کي هنديءَ کي انگريزي فلمون ٺهيون آهن ،مثال ميري ڪوم ۽ دنگل. ميري ڪوم اولمپڪ ۾ حصو وٺندڙ ۽ پٽل جو ٻلو حاصل ڪندڙ پهرين باڪسر عورت ۽ ڦوڳٽ ڀينرون ۽ پهريون ڪُشتي عورتن جي جيون تي مدار رکندڙ فلم آهي.
فلم ٺاهڻ وقت اُن وقت ڀاشا پوشاڪ
عام جيون جو اونهائيءَ جو اڀياس ڪرڻو پوندو اُنهن ڳالهين جو اونهائيءَ سان اڀياس ڪرڻ اتهاس جي شاگرد لاءِ ممڪن آهي. ڪوش ۾ ۽ اخبارن يا ٻئي ڪنهن هنڌ راند وشيہ تي لکڻ وقت راندين جي اتهاس جي ڄاڻ هئڻ ضروري آهي.

## ۷.۷ راند ۽ ڌنڌي جا موقعا :

راند ۽ اتهاس وري وري ڏسڻ ڪان پوءِ ٻہ جدا لڳن ٿہ ٻہ اُن جو ويجهو لاڳاپو آهي اتهاس جي شاگردن کي راند جي کيتر ۾ انيڪ موقعا آهن. اولمپڪ يا ايشيائي راند يا ڪنهن ٻہ قسم جي راشٽريہ يا انترراشٽريہ چٽاپيٽي بابت لکڻ يا ڄاڇڻ جي لاءِ اِتهاس جي مدد ونٽي پوندي آهي.

راندين جي چٽاپيٽي شروع هوندي ماهرن جي سمجهائي جي ضرورت هوندي آهي. اِنهن ماهرن کي راند جي اتهاس پوئين ڄاڻ جا انگہ راند ۾ کيل رڪارڊ مشهور رانديگر، راند سان لاڳاپو رکندڙ اِتهاسڪ يادگيرين جي ڄاڻ ڏيڻ ضروري آهي. اِن لاءِ اِتهاس جي اهميت آهي.

دوردرشن تي هاڪي، ڪرڪيٽ ۽ فوٽ بال، ڪبڊي، شطرنج وغيرهہ راندين جو سڌو مقابلو چوڌس ڦهلاءُ ڪيو ويندو آهي. الڳہ الڳہ چئنلن سبب راندين بابت ڄاڻ رکندڙن کي اهميت حاصل ٿيندي آهي. راند سان لاڳاپو رکندڙ چئنل (۲۴) چوويهہ ڪلاڪ هلندا آهن. ان لاءِ اِن کيتر ۾ روزگار جا انيڪ موقعا آهن.

راند جي چٽاپيٽيءَ ۾ امپاير جي ضرورت هوندي آهي. امپاير ٿيڻ لاءِ لياقت جو امتحان ٿيندو آهي لياقت حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ ضلع، راڄيہ، راشٽريہ، انترراشٽريہ سطح تي ڪم ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي. سرڪار ۽ خانگي سطح تي راندين کي اُتساهت ڪرڻ جي ڪوشش چالو آهي. رانديگرن لاءِ وظيفي (اسڪالرشپ) جو بندوبست ڪيو ويو آهي. سرڪاري ۽ خانگي نوڪرين ۾ رانديگرن جي لاءِ جڳهيون محفوظ رکيون ويون آهن.

### ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟



ڪرڪيٽ راند جو مراٺي ڀاشا ۾ تبصرو پهريون ڀال جي پنڊت ڪندا هئا. آڪاش واڻيءَ تان چالو راند کي پوري ڏيان سان ٻُڌندا هئا. تبصرو ڪرڻ وقت ٻال پنڊت اُن مئدان جي اِتهاس رانديگرن جي اِتهاس راند سان لاڳاپو رکندڙ يادگري ۽ پهريون کيل ڪرتب جي ڄاڻ ڏيندا هئا. اُنهن کي راند ۽ راند جي اتهاس جي عمدي ڄاڻ سبب تبصرو ڪرڻ وڻندڙ لڳندو آهي.

## ابياس

**١. (الف) ڏنل متبدلن مان صحيح متبدل چونڊي جملو پورو ڪريو.**

**(١)** اولمپڪ چٽيبتيءَ جو رواج ............... ۾ شروع ٿيو.

(الف) گريس (ب) روم (ب) ڀارت (پ) چين

**(٢) مهاراشٽر ۾ لڪڙيءَ مان ٺهندڙ ڪاٺ جي نرتڪيءَ کي ................. چوندا آهن.**

(الف) نڪي (ب) ڪالي چنڊيڪا

(ٿ) گنگاوتي (د) چمپاوتي.

**(ب) هيٺيون غلط جوڙيون سُڌاري لکو.**

(١) ملکانب - شاريرڪ ڪسرت جي راند

(٢) واٽر پولو - پاڻيءَ جي راند

(٣) اِسڪيٽنگ - همت واري راند

(۴) شطرنج - مئداني راند

**٢. نوٽ لکو :**

(١) راند ۽ اُتسؤ

(٢) راند ۽ فلم

**٣. هيٺيان بيان سبب ڏيئي سمجهايو :**

(١) هاڻوڪي وقت ۾ راند جو مالي روُپ بدليل آهي.

(٢) کيڏڻ سان اتهاس تي روشني (اثر) پوي ٿو.

**۴. هيٺين سوالن جا جواب وستار سان ڏيو.**

(١) ڀارت جي راندين جي ساهتيہ جي اتهاس بابت ڄاڻ ڏيو :

(٢) راند ۽ اتهاس ۾ ڪهڙو آپسي لاڳاپو آهي سمجهايو.

(٣) مئداني راند ۽ وهڪ جي راند ۾ فرق ڪهڙو آهي سمجهايو.

**عملي ڪم :**

(١) اوهان کي وڻندڙ راند ۽ اُن راند سان لاڳاپو رکندڙ رانديگرن جي ڄاڻ حاصل ڪريو.

(٢) رانديگرن تي ڪتاب - ڊاڪيومينٽري - فلم ان مان رانديگرن کي اُن راند لاءِ ڪيتري محنت ڪرڻي پوندي آهي اُن تي چرچا ڪريو.

506CFE

# ٨. سئر - سفر ۽ اتهاس

٨.١ سئر سفر جي ريت
٨.٢ سئر - سفر جا قسم
٨.٣ سئر - سفر جو وڪاس
٨.٤ اتهاسڪ هنڌن جو جتن ۽ وڌائڻ
٨.٥ سئر سفر ۽ مهمانوازي ڪيتر ۾ ڌنڌي جا موقعا

## ٢.١ سئر سفر جي ريت :

اسان جي ديش ۾ سئر سفر جي ريت (رواج) پراچين وقت کان هلندڙ آهي. تيرٿ ڪيترن تي وڃڻ مڪاني ميلن - جلسن تي وڃڻ، وديا اڀياس ڪرڻ لاءِ پرين پاڳن ۾ وڃڻ، واپار وڃڻ، ان ڪارڻ پهريون سئر - سفر ٿيندو هو. ٿوري ۾ چئجي ته ماڻهوءَ کي گهٽو اڳه کان گهمڻ جي دلچسپي هئي.

### ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟

ماڻهن کي سمجهائڻ لاءِ گوتم بڌ ڀارت جي انيڪ پراچين شهرن ۾ ويا. ان جي ڄاڻ ٻوڌي ساهتيه ۾ ڏنل آهي. ٻوڌي ڀڪشون تي لاڳيتو گهمڻ - ڦرڻ ضروري هو. ساڳي طرح جين مُني ۽ ساڌو به لاڳيتو گهمندا - ڦرندا هئا.

عيسوي سنه ٦٣٠ ۾ چيني سيلاني يوئان شوانگ چين مان ڀارت ۾ آيو هو. وچ واري يگ ۾ سنت نامديو، سنت ايڪناٿ، گُرو نانڪ ديو، رامداس سوامي ڀارت ۾ گهمندا (ڦرندا) هئا.

**سئر سفر :** ڪنهن خاص مقصد سان پرين هنڌ جي مسافري ڪرڻ معني جي سئر سفر.

### ڄاڻ آهي ڇا توهان کي؟

دنيا جو پهريون يورپي ڪوڄنيڪ مسافر بئنجامين ٽيوڊيلا مشهور آهي هنجو جنم اسپين ۾ ٿيو هو. ١١٥٩-١١٧٣ درميان فرانس، جرمني، اٽلي، گريس، سيريا، عربستان، ايجپٽ، ايراق، پريشا (ايران) ڀارت ۽ چين ديشن ۾ ويو. هن پنهنجي سفر جو انيؤ جو ورڻن لکيو آهي. اهو روز نامو اِتهاس جو اهميت وارو دستاويز آهي.

**مارڪو پولو :** تيرهن صديءَ جي مارڪو پولو اٽلي جي مسافر ايشيا کنڊ ۽ خاص ڪري چين جي ڄاڻ يورپ کي ڏني هو ١٧ سال چين ۾ رهيو. هن ايشيا جي قدرتي سماڄڪ جيون، سانسڪرتڪ جيون ۽ واپار جي ڄاڻ دنيا کي ڏني.انڪان پوءِ يورپ ۽ ايشيا وچ ۾ گفتگو واپار شروع ٿيو.

**اِبن بتوتا :** اسلامي دنيا جو تمام وڏو سفر ڪندڙ چوڏهين صديءَ جو مسافر اِبن بتوتا هو ٽيهه سال دنيا گهميو. هڪ ئي رستي تان ٻه دفعا نه وڃڻو آهي اهو هن جو مقصد هو. مڌيه يگ جو اتهاس ۽ سماڄڪ جيون سمجهڻ لاءِ اِبن بتوتا جا ليک اَهميت وارا آهن.

**گير مارٽ مارڪيٽر :** سورهين صديءَ جو گيرهارٽ مارڪيٽر دنيا جو نقشو ۽ ڌرتيءَ جو گول ليڪندڙ طور مشهور آهي. ان سبب يورپ جي کوج ڪاريه کي رفتار ملي.

اڻويهن صديءَ جي پوئين اڌ ۾ ٿامس ڪوڪ ٦٠٠ ماڻهن جي ليسٽر کان لا فبرو تائين ريلوي جي سئر جي يوجنا ڪئي. سڄي يورپ جي گول آڪار ۾ سئر ڪاميابي سان پورو ڪريو. ڪوڪ ئي سئر سفر جي ٽڪيٽ وڪڻندڙ ايجنسيءَ جو ڏندو شروع ڪيو. انسان جديد سئر سفر يگہ جي شروعات تي.



**ڇا توهان کي ڄاڻ آهي ؟**

تيرٿ ياترا لاءِ ديش جي هڪ ڪناري کان ٻئي ڪناري تائين سفر ڪرڻ جو رواج ڀارت ۾ ڦهريون کان ئي هلندڙ هو مهاراشٽر کان پاسي سفر جو ورڻن وشڻو ڀٽ گوڊسي پاڻ وٽ لکي رکيو آهي. ’ماجھہ پرواس‘ اهو اُنجي سفر جي ورڻن جو ڪتاب جو نالو آهي. ان ڪتاب جي اها خاصيت آهي تہ وشڻو ڀٽ اهو سفر ١٨٥٧ جي آزادي جي لڙائي وقت ڪيو هو. آزادي جي لڙائي جي انيڪ گهٽنائن جاهو روبرو شايد آهن انڪري آزاديءَ جي لڙائي ۽ خاص طور راڻي لڪشمي ٻائيءَ جي جيون بابت انيڪ ڄاڻ اسانکي ملي ٿي. نہ صرف ايترو پر مراٺي ڀاشا جي روپ جي بہ ڄاڻ پوي ٿي. هو ڪتاب اُن وقت جي اِتهاس جو هڪ اهميت وارو ساڌن آهي.

## ٨.٢ سئر سفر جا قسم :-

هاڻوڪي وقت ۾ سئر سفر هڪ آزاد مڪاني، انترديشي (انترراجيہ) راشٽريہ ۽ انترراشٽريہ ڏنڌو ٿيو آهي. عمارتون، اِتهاس پرسِڌ ۽ قدرتي نظارن وارا هنڌ، پراچين ڪلاڪاري جا ڪيندر، تيرٿ ڪيتر، اُديوگ ۽ ٻين پروزيڪٽن تي وڃڻ اهو سئر سفر جو مقصد هوندو آهي.

قدرتي رچيل ۽ ماڻهو ذريعي رچيل شين جي وشالتا ۽ نزاڪت جو روبرو اَنيو وٺڻ جو چاهہ دنيا جي سفيرن کي هوندو آهي انڪري برفيليون چوٽيون سامونڊي ڪنارا، گهاٽا جهنگل ۽ نظر انداز ڪيل پرديش سئر -سفر ۾ آيا انهن تي ٻڌڻ ۾ ڏسڻ وارا چوڏس ڦهلاءُ جا ڪاريہ ڪرم ٿيا ٿيڻ لڳا. سئر سفر جا مڪاني انتر راجيہ انترراشٽريہ، ڌارمڪ، اتهاسڪ، صحت بخش سائنس، ڪيٽي، ڪم سانگي، راند وغيرهہ سئر سفر جا قسم آهن.

**مڪاني ۽ انتر راجيہ سفر :** هيءَ مسافري سولي ڪا هوندي آهي اها ديش جو ديش ۾ هئڻ ڪري هن ۾ ڀاشا، ناٽي، ڪاغذ پٽن جي رُڪاوٽ ڪونہ ٿي ٿئي. خاص ڪري اسين پنهنجي سهوليت انوسار رٿ رٿي سگهون ٿا.

**انترراشٽريہ سئر سفر :** جهاز، ريلوي ۽ هوائي جهاز ڪري انترراشٽريہ سفر ڪرڻ ڦهريان کان سؤلو ٿيو آهي. جهازن ڪري سامونڊي ڪناري وارا ديش جوڙيا ويا. ريلوي رستي سان يورپ جوڙيل آهي. هوائي جهازن سان دنيا ويجهو آئي آهي. کليل آرٽڪ سرشتي کان پوءِ ڀارت مان وديش ويندڙن ۽ وديش مان ڀارت ايندڙن جو عدد وڌيو آهي. اَيپاس، وندر، هنڌن جو درشن ڪرڻ، ڌنڌي وارا ڪم (ميٽنگون قرار وغيرهہ) فلمن لاءِ فوٽو ڪيڻ جهڙن ڪمن سبب ديش وديش ۾ ايندڙ - ويندڙن سفيرن جو اَنداز وڌيو آهي.

**اتهاسڪ سئر -سفر :**

سڄي دنيا جو هڪ اهميت وارو سفر جو قسم آهي. ماڻهن جو اتهاس بابت جڳياسا ڌيان ۾ رکي اتهاسڪ سئر -سفر جي رٿ ڪئي ويندي آهي. مهاراشٽر ۾ شواجي مهاراج سان لاڳاپو رکندڙ قلعن تي درگ آڀيسيندڙ گوپال نيلڪنٺ داڻڊيڪر درگ ڀرمڻ ياترا جي رٿ ڪندا آهن ڀارتيہ سطح تي راجستان جا قلعا، مهاتما گانڌي ۽ آچاريہ ونوبا ڀاوي سان لاڳاپو رکندڙ آشرم ١٨٥٧ جي آزاديءَ جي لڙائيءَ سان لاڳاپو رکندڙ هنڌن لاءِ سئر - سفر رٿيو وڃي ٿو.

**جاگرافيڪل سئر سفر :** هن ۾ جُدا جُدا جاگرافيڪل خاصيتون ڄاڇڻ لاءِ سئر -سفر ڪيو ويندو آهي.

اَپيارڻ (جانورن جي بچاءَ وارا هنڌ) وئلي آف ڦلاورس (اُترانچل) ساموندي ڪنارا جاگرافيڪل خاصيتن وارا هنڌ (مثال : لوڻار ڍنڍ نگهوچ جو متڪي ڪڏو وغيره) جاگرافيڪل سئر -سفر ۾ ايندا آهن. انهن مان ڪيترن قدرتي هنڌ ڪي جاچڻ يا خواهش ۽ جڳياسا سبب نيڪ سفيرا اُتي ويندا آهن.



وهلي آف ڦلا ورس

**جاڻي وٺون.**

سچي دنيا جي جدا جدا سماجن جا ماڻهو انيڪ هنڌن تي پکڙيل آهن. اُنهن ۾ ڪٿندڙ پوراڻ ڪٿا ۽ اُن سان لاڳاپو رکندڙ جاگرافيڪل هنڌ ان سان ايڪتا جي ڀاونا تڪيل رهي ٿي. انهن هنڌن تي وڃڻ اهميت وارو آهي. ان سان ئي ڌارمڪ سفر جي شروعات ٿئي ٿي. مثال : چار ڌام ٻارهان جو تير لنگ انهن مان ڪيترنهنڌن ماڻهن جي سهوليت لاءِ پوٽيه شلوڪ اَهليابائيءَ هولڪر پنهنجي خانگي بچت مان لوڪ اُپيوگي ڪم ڪيا آهن.

**صحت سئر -سفر :** ڀارت جي ڊاڪٽري سيوا ۽ سهوليتون اولهه جي ممڪن جي ڀيٽ ۾ سيستيون ۽ درجيدار آهن. ان ڪارڻ سبب وديشي ماڻهو ڀارت ۾ اَچڻ لڳا آهن. ڀارت ۾ ڀرپور سج جي روشني آهي ان جو فائدو وٺڻ لاءِ ڪيترائي ماڻهو ڀارت ۾ ايندا آهن. يوگا سکيا ايور - ويدڪ علاج لاءِ وديشي سعيرا ڀارت ۾ ايندا آهن.

**ڪيتي لاءِ سئر -سفر :-** شهري سنسڪرتيءَ ۾ پليل ۽ ڪيتي بابت ڄاڻ نه هوندڙن لاءِ ڪيتي سئر -سفر قسم ويجهڙائي ۾ اڳتي آيو آهي. ويجهڙائي واري عرصي ۾ ڀارتيه ڪسان پري وارن ڪيتي کوڄ ڪيندر ڪيتي ودياپيٺ، ازرائيل جهڙي ڪيتيءَ جي ڪيتر ۾ نوان تجربن ذريعي نئين تڪنيڪ وکست ڪندڙ ديش اهڙن هنڌن تي ڪيتي جو پد تڪنيڪ جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ وڃي رهيا آهن.

**راند سئر -سفر :** سئر -سفر جي هڪ قسم ويهين صديءَ ۾ اُسريو دنيا جي سطح تي اولمپڪ، ونبلڊن ۽ عالمي چترنج چتاپيتي، اَنترراشٽريه ڪرڪيٽ جي چتاپيتي ته ڀارتيه سطح تي هماليٰن ڪار ريلي ۽ مهاراشٽر سطح تي مهاراشٽر ڪيسري ڪستي مقابلو جهڙا قسم آهن. اهو ڏسڻ لاءِ وڃڻ معنيٰ راند سئر -سفر .

**موقائتو سئر -سفر :** ماڻهو سئر سفر لاءِ (occassional) ڪار ڳولهيندو آهي. ايڪوهين صديءَ ۾ اهڙا انيڪ موقعو حاصل ٿيا اهن. مثال دنيا جي الڳ الڳ ديشن ۾ فلم فيسٽيولس، سميلن، انترراشٽريه ڪتابن جو نماءُ، وغيره اهڙن ڪارڻ سبب ماڻهو ٻين هنڌن تي ويندا آهن. مهاراشٽر جا ساهتيا پريمي هر سال اکيل ڀارتيه مراٺي ساهتيه سميلن ۾ شريڪ ٿيندا آهن.

**اچو کوڄ ڪريون :**

مٿين قسمن کان سواءِ ، وڳيان وشيه سان لاڳاپو رکندڙ (سئر - سفر ) وندرا سانسڪرتڪ سئر - سفر ۽ ميڙ سموهه ۾ سئر - سفر اها ڄاڻ ماستر ۽ انٽرنيٽ جي مدد سان ڳولهيو.

## ٨.٣ سئر سفر جو وڪاس لاءِ :

ڏيهي ۽ پرديشي سفيرن جو ذهن روشن ڪرڻ

سڀ کان وڏو اهميت وارو مُدو آهي.سفيرن جي باربرادري ۽ بچاءُ ، سفر ۾ سک سهوليتون سُني درجي جا رهڻ جا هنڌ ميسر ڪري ڏيڻ سفر

**چاڻ حاصل ڪريو :**

صاف سٽرو پارت آندولن جي چاڻ حاصل ڪريو.

۾ ڪاڪوسن جي سهوليت ان ڳالهه ڏانهن سئر -سفر ۾ اهميت ڏيڻ ضروري آهي. ان ۾ ويانگ سفيرن جي گهرجن ڏانهن خاص ڌيان ڏيڻ ضروري آهي.اتهاسڪ ورثي جي جتن لاءِ اسانکي ڪجهه ساوڌاني وٺڻ ضروري آهي. اتهاسڪ ورثي جي هنڌن جي شڪل بگاڙڻ ٽارڻ پٿين تي اَکر لکڻ، پراڻيون جايون گهاٽن رنگن سان رنگڻ، پسگردائي واري هنڌ سهوليتن جي ڪمي هئڻ جنهن سان گندگي وڌي ٿي. اهي ڳالهيون ٽارڻ گهرجن.

**ٻڌايو ڏسون؟**

- سفيرن لاءِ اسانکي ڪهڙيون سهوليتون مئسر ڪري ڏيڻ گهرجن.
- سفيرن سان توهان مڪاني رهاڪو طور ڪيئن وهنوار ڪندا؟

دنيا جي سطح تي اهميت وارين پاشائن ۾ چاڻ ڏيندڙ ڪتاب، مارگ درشڪا، نقشا اتهاس سان لاڳاپو رکندڙ ڪتاب ميسر ڪري ڏيڻ اهميت وارو آهي. سفيرن کي گاڏي ۾ چاڙهي گهمائيندڙ ڊرائيورن کي پاشا جي سکيا ڏيڻ. اُنهن کي مارگ درشن ڪرڻ جو ڪم ڪرڻ ايندو.

## ٨.۴ اتهاسڪ هنڌن جو جتن ۽ وڌائڻ :

اتهاسڪ هنڌن جو جتن ۽ وڌائڻ هڪ وڏي للڪار اهي. اسانجي ديش کي پراچين، مڌيہ يگ ۽ هاڻوڪي اتهاسڪ هنڌن جو ورثو مليل آهي. ان سان گڏ قدرتي ملڪيت جو ورثو بہ اسان کي مليل آهي. ان ورثي جا قدرتي ۽ هٽرادو (سانسڪرتڪ) بہ قسم آهن. سڄي دنيا ۾ مشهور ڪي اهميت وارا هنڌ پارت ۾ آهن. تاجمحل ۽ جنتر منتر تارن جاچڻ جي جاءِ، ان سان گڏوگڏ مهاراشٽر جي اجنتا، ويرول گاراپوري ايلي فنتا غفائون ڇترپتي شواجي مهاراج ريلوي اِستيشن، اولهہ گهاٽن ۾ ڪاس مٿاهون پٽ شامل آهن.



گاراپوري غفائون

**ڪري ڏسو :**

انٽرنيٽ جي مدد سان پارت جي سانسڪرتڪ، قدرتي ۽ گڏيل اِتهاسڪ ورثي جي هنڌن جا چٽر گڏ ڪريو.



ڪاس مٿاهون پٽ.

دنيا جي ورثي وارن هنڌن تي وڃڻ جي اِڇا دنيا ڀرجي سفيرن کي هوندي آهي. اهي ورثي وارا هنڌ ڏسڻ لاءِ اسانجي ديش ۾ هزارين ماڻهو ايندا آهن. دنيا جي ورثي وارن هنڌن ۾ ڀارت جي ڪنهن هنڌ جي چونڊ ٿيڻ تي اسان ڪپڙن ۾ نه ماپيندا آهيون پر اسان جڏهن اِتفاقي اهڙن هنڌ تي ويندا آهيون تڏهن اسان ڪهڙو هال ڏسندا آهيون؟ هنڌن جي پسگردائيءَ ۾ سفيراچاڪ سان، ڪوئلي سان پنهنجو نالو لکندا آهن، چتر ڪڍندا آهن. ان جو اُبتو اثر اسان جي ديش جي شبيمه تي پوي ٿو. سئر سفر جي جتن لاءِ پڪو ارادو ڪرڻ ضروري آهي.(۱) مان سئر -سفر جي هنڌن جي صفائي رکندس، ڪچرو ڪونه ڪندس.

(۲) ڪنهن اِتهاسڪ ساڌن کي ڪونه بگاڙيندس.

## ۸.۵ سئر -سفر ۽ مهمان نوازي کيتر ۾ ڌنڌي جا موقعا :

سئر -سفر ، اهو سڀ کان وڏيڪ روزگار جا موقعا پيدا ڪندڙ اُديوگ (ڌنڌو) ٿي سگهي ٿو جيڪڏهن اسان ان ڏانهن ڌنڌي طور ڌيان ڏنو ته هي هڪ قائم طور ڌنڌو آهي ان ۾ نوان تجربا ڪرڻ جا وڏا موقعا آهن.

سئر -سفر ماڻهن کي روزگار جا موقعا ملن ٿا، وديشي سفيرا هوائي اَڏي تي لهڻ کان پهريون سفر ڪندڙ ديش کي ڪمائي ڏين ٿا. اُن جي ڀريل ويزا فيس سان اسان جي ديش محصول ملي ٿي سفر ۾ خرچ، هوٽل ۾ رهڻ، ڪائڊ، دوياشيه جي مدد وٺڻ، هوٽل ۾ رهڻ، ڪائڊ، دوياشيه جي مدد وٺڻ، اَخبارون، مخزنون ساهتيه خريد ڪرڻ، يادگري طور مڪاني شيون خريد ڪرڻ جهڙيون سفيرا پنهنجي ديش موٽڻ تائين ڪندا رهن ٿا. سئر -سفر جي مرڪز ويجهو بازار جو وستار ٿئي ٿو. اُتي هٿن مان نهيل شيون ۽ ننڍي پئماني وارن اُديوگن جو وڪاس ٿئي ٿو. اُنهن شين جي خريدي وڪري ۾ واڌ ٿئي ٿي. مڪاني کاڌي جا پدارٿ، اُتان جي هٿ جي ڪاريگري جون شيون وغيره سفيرا چاهه سان خريد ڪندا آهن. انڪري مڪاني ماڻهن جو روزگار وڌي ٿو.

### ورثي مُسافري (هيري ٽيز واڪ) :

اِتهاسڪ ورثي هنڌن تي وڃڻ معنيٰ ’هيري ٽيز واڪ‘ ائين چوندا آهن. جتي اتهاس ٿيو اُتي روبرو وڃي اِتهاس سمجهڻ اهو انڀوُ هيري ٽيز واڪ ۾ ايندو آهي.

سڄي دنيا ۾ اهڙي قسم جا عملي ڪم هلندا آهن. ڀارت کي سوين سالن جو اِتهاس آهي. ڀارت جي هرهڪ راجيه ۾ اتهاسڪ هنڌ آهن جنهن ۾ پراچين، مڌيه يگه جا ۽ جديد هنڌ شامل آهن.

گجرات جي احمدآباد شهر جي هيري ٽيز واڪ مشهور آهي. مهاراشٽر ۾ ممبئي پٽي وغيره شهرن ۾ اُپڪرمن جي رٿا ڪئي ويندي آهي. ان لاءِ اِتهاسڪ ساڌن جتن ڪرڻ، اُن جي ڄاڻ گڏ ڪرڻ ۽ اُها دنيا ۾ جدا جدا طريقن سان پهچائڻ وغيره اُپڪرم هلايا ويندا آهن. اتهاسڪ ماڻهن جا گهر پڻ اتهاسڪ ورثو هونداآهن. ڪجهه هنڌن تي نيرا بورڊ لڳائڻ جو رواج آهي.



### ڪري ڏسو

اوهانجي پسگردائيءَ جي اتهاسڪ هنڌن تي وڃڻ لاءِ ماسترن جي مدد سان وارث مسافري جي رٿ ڪريو.

### مهاراشٽر جي سئر سفر جو وڪاس :

مهاراشٽر سئر -سفر جي لحاظ کان وڏ ڀاڱي وارثي ۾ مليل راجيه آهي. ويرول، گهاراپوري، ايلي ڦينٽا جهڙيون دنيا ۾ مشهور رعنائون، چتر

۾ شلپ، پنڍرپور، شرڊي، شيگانءُ، تُلجاپور، ڪولهاپور، ناسڪ، پئٺڻ، ترمبڪيشور، ديهو، آلندي، جيجوري اهڙا انيڪ ديو آستان، حاجي ملنگ، نانديڙ جو گُردوارو، ممبئي جي مائونٽ ميري چرچ، مهابليشور، پنچگني، ڪنڊالا، لوناوالا، ماٿيران، چڪلدرا اهي ٿڌي هوا ڪان مشهور هنڌ ڪوئنا نگر جائڪواڙي پاٿگرهہ، چاندولي اهي بند، داجيپور، ساگريشور ، تاڙوبا

اهي پناهہ گهر اهي مهاراشٽر جا اهميت وارا سئر -سفر هند آهن.

عيسوي سنہ ۱۹۷۵ ۾ مهاراشٽر پريٽن وڪاس مهامنڊل جي اِسٿاپنا ڪئي ويئي، ان سان سئر - سفر جي وڪاس ۾ واڌ آئي ان مهامنڊل طرفان راجيہ ۾ ۴۷ هنڌن تي سفيرن جي رهڻ جي سهوليت ڪئي ويئي آهي. انهن ۾ چار هزار کان بہ وڌيڪ سفيرن جي رهڻ جي سهوليت آهي اُن سان سواءِ انيڪ خانگي ڏنڌي وارا بہ ان ڌندي ۾ آيا آهن.



چا ڄاڻ آهي توهان کي؟

**ڀارت جو پهريون نرالو ’ڪتابن جو ڳوٺ‘**

مهابليشور جي ويجهو ڀلار ڳوٺ قدرتي نظاري وارو ۽ اِسٽرابيري ۾ وارو ڳوٺ. ان ڪتاب جي ڳوٺ ۾ انيڪ گهرن ۾ سفيرن لاءِ ڪتاب آهن. پڙهڻ جو چاهہ وڌي، مراٺي ڀاشا جا نوان - پراٽا - ليکڪ، سنت ساهتيہ ڪٿا ناويل، ڪويتا للت چرتر آتم چرتر، اِستري ساهتيہ راند بال ساهتيہ جي دنيا ۾ توهان آنند ماڻيو. ان لاءِ مهاراشٽر سرڪار اهو پرڪلپ شروع ڪيو آهي.

- توهان سئر سفر لاءِ مهابليشور وڃو تہ ڀلار ڳوٺ يعني ڪتابن جي ڳوٺ ۾ ضرور وڃجو.



چا ڄاڻ آهي توهان کي؟

مهابليشور، پنچگني ٿڌي هوا وارا هنڌ آهن. انهن هنڌن تي هزارين سفيرا ويندا آهن. اتي رهبري ڪندڙ سفيرن کي اهميت وارن هنڌن جي ڄاڻ ڏيندا آهن. هنڌ ڏيکاريندا آن. ڪن خاص هنڌن تي فوٽو گرافر فوٽو ڪڍي ڏيندا آهن. گهوڙي وارا گهوڙي تي ڦيرائي ايندا آهن، گهوڙي گاڏي ۾ گهمائيندا آهن. اهي سڀ ڪم اُتان جا مڪاني ماڻهو ڪندا آهن. انهن ڪمن سان اُنهن کي سٺو روزگار ملندو آهي يعني سئر - سفر اُنهن جي آ جيوڪا جو ساڌن بڻيو آهي.

**سمجهي وٺو :**

درجيدار تعليمي سنسٿائن ۾ وڃڻ ڪنهن هنڌ جي مڪاني سنسڪرتيءَ اتهاس، پرمپرا ۽ اتهاسڪ اِسمارڪن وٽ وڃڻ، اُتان جي ماڻهن جي جدا جدا حاصل ڪيل ڪاميابيءَ کي ڄاڻڻ ساڳي طرح اُتان جو نرتيہ، سنگيت، مهوتسوُ ۾ حصو وٺڻ وغيرهہ مقصد سان ڪيل سفر معنيٰ سانسڪرتڪ سئر سفر.



ٻڌايو ڏسون؟

- سئر سفر سبب توهانجي پسگردائيءَ ۾ ڪهڙا ڏنڌا اُسريا آهن؟
- سئر سفر سبب پسگردائيءَ جي ماڻهن جي رهڻي ڪرڻيءَ تي ڪهڙي بدلاءُ ڏسجي ٿو.

**١. الف ڏنل متبدلن مان صحيح جواب چونڊي جملو پورو ڪريو.**

(١) ٺڪ ................ وڪڻڻ جي ايجنسي ڏنڊو شروع ڪيو.

(اي) هٿ جي ڪاريگريءَ جون شيون

(بي) رانديڪا

(سي) ڪاڏي جون شيون

(ڊي) سئر - سفر جون ٽڪيٽون

(٢) مهابليشور ويجهو پلار ............. طور مشهور آهي.

(اي) ڪتابن جي

(بي) ونسپتين جي

(سي) انبن جي

(ڊي) قلعن جي

**(ب) هيٺين مان غلط جوڙي ڳولي لکو.**

(١) ماٿيران - ٿڌي هوا جو هنڌ

(٢) تاڙوبا - غفا

(٣) ڪولهاپور - ديواستان (مندر)

(۴) اجنتا - دنيا جي ورثي وارو هنڌ

**٢. هيٺيان بيان سبب ڏيئي سمجهايو.**

(١) هاڻوڪي وقت ۾ وديشين ۾ وڃڻ جو انداز وڌي رهيو آهي.

(٢) اسانکي پنهنجو قدرتي ۽ سانسڪرتڪ ورثو بچائڻ گهرجي.

**٣. نوٽ لکو :**

(١) سئر - سفر جي ريت (٢) مارڪو پولو (٣) ڪرشي سفر

**۴. هيٺين سوالن جا جواب وستار ۾ لکو.**

(١) سئر - سفر جي وڪاس لاءِ ڪهڙي خبرداري وٺڻ ضروري آهي؟

(٢) سئر سفر ڏنڌي سبب مڪاني سطح تي روزگار نرماڻ ڪيئن ٿئي ٿو؟

(٣) اوهانجي پسگردائيءَ جو سئر - سفر جي لحاظ کان ڪيئن وڪاس ڪندا؟

**٥. هيٺيون چتر پورو ڪريو.**




**٦. هيٺين سوالن جا وستار سان جواب لکو.**

(١) سئر سفر سان لاڳاپو رکندڙ ڪيتر سمجهايو.

(٢) سئر سفر جا ڪي ٻه ٽي قسم سمجهايو.

**اُپڪرم**

اِتهاسڪ هنڌن جو جتن ۽ واڌ جي ضرورت سمجهايو. ان لاءِ ڪهڙا اُپاءَ -يوجنائون ڪري سگهجن ٿيون. انجي چرچا ڪريو.

# ٩. اتهاسڪ امانت جو جتن

٩.١ اتهاسڪ ساڌن ۽ اُنجو جتن
٩.٢ ڪي مشهور عجائب گهر
٩.٣ ڪتاب گهر ۽ دستاويزي گهر
٩.٤ کوش ساهت

انيڪ اتهاسڪارن جي محنت جو ڦل آهي. اڄ مؤجود اتهاس جا ساڌن ۽ انهن ساڌنن جي آڌار تي لکيل گرنٿ ان بيحد ملهائتي امانت کي جتن ڪرڻ ۽ چونڊ دستاويز، گرنٿ، پراچين، وستوُ نمائش ڪرڻ جو ڪم عجائب گهر، دستاويزي گهر ۽ لئبرريون ڪنديون آهن. ماڻهن تائين ان ڪم جي وڳيانڪ ڄاڻ ملي ان لاءِ سنشوڌن مخزنوُن ۽ ٻيو ساهت شايع ڪيو ويندو آهي.

جيڪي دستاويز، پراچين شيون وغيره شايع نه ٿينديون آهن پر اتهاسڪ نظريي کان اهم آهن اهي دستاويزي گهرن ۾ جتن ڪيون ويندون آهن. کوجنيڪن کي اهي دستاويز ۽ پراچين شيون ضرورت موجب مؤجود ڪري ڏنيون وينديون آهن. لئبرريون ڪتابن جو جتن ۽ بندوبست ڪنديون آهن.

## ٩.١ اتهاس جا ساڌن ۽ انهن جو جتن

اتهاس جا ساڌن حاصل ڪرڻ، اُهي حاصل ڪري يادداشت ناهڻ، هٿ لکت، جهونا ڪتاب، پراچين وستن جي روُپ ۾ طبعي (پؤتڪ) ساڌنن جي صفائي، اهي نماءُ ڪرڻ اهي ٻالهيون خبرداريءَ سان ڪرڻيون پونديون آهن. انهن ڪمن لاءِ الڳ الڳ وشين ۾ سکياجي ضرورت هوندي آهي. مناسب سکيا ڪانپوءِ اهي ڪم ڪري سگهبا آهن.

### ١. زباني ساڌن

- لوڪ پرمپرا جا گيت، ڪهاڻيون وغيره گڏ ڪرڻ.
- گڏ ڪيل شين جو ورگيڪرڻ ۽ چنڊڇاڻ ڪرڻ، اهي سمجهڻ
- کوجنا ڪيل زباني ساڌن شايع ڪرڻ

**ڪارائتي سکيا :** (١) سماجڪ شاستر (٢) سماجڪ انساني شاستر (٣) خيالي ڪٿائون ۽ ڀاشا شاستر (٤) لئبرري بندوبست (٥) اتهاس ۽ اتهاس سنشوڌن طريقا (٦) سنشوڌن جا ليکڪ

### ٢. لکيل ساڌن

- تامرپٽ، درٻاري دستاويز، خانگي خط، ڊائري، اتهاسڪ گرنٿ، هٿ لکتوُن، چٽر، فوٽو گراف، جهونا گرنٿ وغيره دستاويز گڏ ڪرڻ - سنپادت ڪرڻ.
- دستاويز جي بچاوَ لاءِ ضروري صفائي ۽ ٻيون ڪيميائي ڪريائون ڪرڻ.
- دستاويزن جو اِتهاسڪ ملهه طيءِ ڪرڻ.
- چونڊ دستاويز شايع ڪرڻ
- سنپادت ساهت ۽ سنشوڌن جا نتيجا شايع ڪرڻ.

**ڪارائتي سکيا**

١. براهمي، موڙي، فارسي وغيره لپيون ۽ انهن جي وڪاس جي سلسلي جي ڄاڻ.

٢. اتهاسڪ سماج رچنا ۽ پرمپرا، ساهت ۽ سيپيتا، ستا، سرڪاري سرشتو وغيره جي ابتدائي ڄاڻ.

٣. الڳ الڳ چٽر نمونا، شلپ ڪلا نمونو ۽ انهن جي وڪاس جي سلسلي جي ڄاڻ.

٤. ڪاغذن جا قسم، مِسُ ۽ رنگن جي ڄاڻ.

۵. اُڪريل ليڪن لاءِ واپريل پٿر، ڌاتوُ انهن جي بناوت جي جاچ.

۶. دستاويزن جي صفائي، بچاءَ لاءِ ضروري ڪيميائي ترتيبن لاءِ گهربل اپڪرڻ ۽ ڪيميائي شين جي جاچ.

۷. عجائب گهرن ۾ نمائش بندوبست ۽ جاچ جي تڪنيڪ.

۸. سنشوڌن وارا ليک

### ۳. طبعي (پؤتڪ) ساڌن

- پراچين شين کي گڏ ڪرڻ، عرصو ۽ قسم انهن موجب ورگيڪرڻ ۽ ياداشت ٺاهڻ.
- پراچين شين جي بچاءَ لاءِ ضروري صفائي ۽ بي ڪيميائي ترتيب ڪرڻ.
- چونڊ پراچين شين جا انهن جا ماڊل نماءُ ڪرڻ
- پراچين شين بابت ڪوجنا تمڪ ليک شايع ڪرڻ.
- نباتات ۽ ساهوارن جي نشانن جو ورگيڪرڻ ڪرڻ، ياداشت ٺاهڻ.
- چونڊ نشان يا انهن جا ماڊل نماءُ ڪرڻ

### ڪارائتي سکيا

۱. آرڪيلاجيڪل اپياس طريقو، سڌانت ۽ پراچين سيينا جي سُڃاڻپ.

۲. پراچين شيون ٺاهڻ لاءِ اوپرايل پٿر، معدني شيون، ڌاتوُ، چڪي مٽي، وغيره. ماڊيمن جا وسيلا سندن ڪيميائي ترتيبن جي جاچ.

۳. پراچين شين جي صفائي ۽ بين ڪيميائي ترتيبن لاءِ گڏريل سامان ۽ ڪيميائي شين جي جاچ.

۴. الڳ الڳ ڪلاڪ نمونا ۽ سندس وڪاس جي سلسلي جي جاچ.

۵. پراچين شين ۽ نشانن جا ماڊل ٺاهڻ جو هنر.

۶. عجائب گهرن ۾ نمائش بندوبست ۾ جاچ تڪنيڪ.

۷. سنشوڌن وارا ليک.

## ۹.۲ ڪي مشهور عجائب گهر

وچولي زماني ۾ يورپ جي راڄ گهراڻن جا ماڻهو ۽ شاهوڪار ماڻهن جي گڏ ڪيل ڪلاتمڪ شين جي بندوبست جي گهرج مان عجائب گهرن جو ويچار اُسريو.

### لُور عجائب گهر



مونا ليسا

**فرانس** : پئرس شهر جي لُور عجائب گهرجي استاپنا ع.س جي اڙهين صديءَ ۾ ٿي. فرينچ راڄ گهراڻي جي شخصن جي گڏيل ڪيل شين جو ميڙ لُور عجائب گهر ۾ پهرين نماءُ ڪيو ويو. ان ۾ جڳ پرسڌ اِٽالين چتر لئونارڊو ڊَ ونچي جو ٺاهيل ’مونا ليسا‘ چتر شامل آهي. لئوناردوءَ ونچي فرانس ۾ سورهين صديءَ ۾ ٿي گذريل راجا فرانسس پهرئين جي دربار ۾ هو. نيپولين بوناپارٽ جي حملن دؤران آندل ڪلاتمڪ شين سان نور عجائب گهر جو ميڙ چڱو وڌيو. هاڻي ان عجائب گهر ۾ پٿر يگ کان جديد زماني تائين جي عرصي جون اٽڪل ۳ لک ۸۰ هزارن کان وڌيڪ شيون آهن.

**برٽش عجائب گهر، انگلئنڊ** : لنڊن شهر جي برٽش عجائب گهر جي استاپنا ۾ س. ارڙهين صديءَ ۾ ٿي. سر هئنس سلوئن ان قدرتي وگيانڪ پنهنجوُن گڏ ڪيل اٽڪل ۷۱ هزار شيون انگلئنڊ جي راجا جارج ٻئين کي سپرد ڪيوُن ان ۾ انيڪ ڪتاب، چتر، نباتات جا نمونا شامل هئا. اڳتي انگلئنڊ پنهنجين ٻئنڪن مان آندل ڪلاتمڪ شين، پراچين نشانن

سان برٽش عجائب گهرن جو عدد وڌندو ويو. اڄ ان عجائب گهر ۾ اٽڪل ۸۰ لک شين جو ميڙ آهي. ڀارت جي انيڪ پراچين شيون ان ۾ شامل آهن.



برٽش عجائب گهر، انگلئنڊ

نئشنل ميوزيم آف نئچرل هسٽري، يونائيٽيڊ **اسٽيٽس آف آمريڪا :** آمريڪا جي سمٿ سونين انسٽيٽيوشن سنستا جي انتظام هيٺ هوندڙ قدرتي اتهاس جو هي عجائب گهر سنہ ۱۸۴۶ ۾ شروع ٿيو. اُتي نباتات، ساهوارن جا نشان ۽ عضوي مدني پدارٿ، پٿر، انساني ذات جا نشان ۽ پراچين شين جا ۱۲ ڪروڙن کان وڌيڪ نمونا گڏ ڪيل آهن.

**جاڻي وٺو**

**ڀارت جا مشهور عجائب گهر**

انڊين ميوزيم، ڪولڪاتا، نئشنل ميوزيم، دهلي، ڇترپتي شواجي مهاراج عجائب گهر، ممبئي : سالارا جنگ ميوزيم، حيدرآباد : د ڪئلڪو ميوزيم آف ٽيڪسٽائيل، احمد آباد اهي ڀارت جا ڪي مشهور عجائب گهر آهن.

**ڀارت جا عجائب گهر :** ڪولڪاتا جو : ڀارتيہ سنگهرهاليہ اهو ڀارت جو پهريون عجائب گهر ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال، ان سنستا دوران سنہ ۱۸۱۴ ۾ اسٿاپن ڪيو ويو. چينئيءَ جو سن ۱۸۵۱ ۾ شروع ڪيل گورمينٽ ميوزيم اهو ڀارت جو ٻيون عجائب گهر هو. سنہ ۱۹۴۹ ۾ دهليءَ جي راشٽريہ وستو سنگرهاليہ (نئشنل ميوزيم) جي اِسٿاپنا ٿي. اڄ ڀارت جي الڳ الڳ راڄين ۾ گهڻائي عجائب گهر آهن. گهڻو ڪري وڏن عجائب گهرن جا پنهنجا دستاويزي گهر ۽ لئبرريون هونديون آهن ڪي عجائب گهر وديا پيٺن سان جڙيل هوندا آهن.انهن طرفان 'ميوزيم وگيان' وشيہ جا ڪورس هلايا ويندا آهن. ميوزيم سائنس جي ڊگري ۽ ڊپلوما ڪورس هوندڙ ڀارت جون مکيہ سنسٿائون ۽ وديا پيٺ :

۱. راشٽريہ وستو سنگرهاليہ، دهلي

۲.مهاراج سياجيراو وديا پيٺ، بڙودا

۳. ڪولڪاتا وديا پيٺ، ڪولڪاتا.

۴. بنارس هندوُ وديا پيٺ، واراڻسي

۵. اليگرهہ مسلم يونيورسٽي، اليگرهہ

۶. جواجي وديا پيٺ، گواليئر.



نئشنل ميوزيم آف نئچرل هسٽري

**چترپتي شواجي مهاراج وستو سنگرهاليه، ممبئي :** سن ١٩٠٤ ۾ ممبئيءَ جي ڪن ناميارن ناگرڪن گڏ ٿي پرنس آف ويلس جي ڀارت دؤري جي ياد ۾ هڪ عجائب گهر ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو. سن ١٩٠٥ جي نومبر ۾ ان عجائب گهر جي عمارت جو پايو وڌو ويو. ان عجائب گهر جو نالو پرنس آف ويلس ميوزيم آف ويسٽرن انڊيا طيءِ ڪيو ويو. سنه ١٩٩٨ ۾ انجو نالو بدلائي ’شواجي مهاراج وستو سنگرهاليه‘ رکيو ويو.



شواجي مهاراج وستو سنگرهاليه، ممبئي

عجائب گهر جي عمارت انڊو - گوٿڪ نموني جي آهي. ان کي ممبئي شهر جي پهرئين درجي سيڻيٽڪ ورثي جي عمارت اهو درجو حاصل آهي. عجائب گهر ۾ ڪلا، آرڪيالاجي ۽ قدرتي اتهاس انهن ٽن ڀاڱن ۾ ورهايل اٽڪل پنجاهه هزار شيون گڏ ڪيل آهن.

## ٩.٣ لئبرري ۽ دستاويزي گهر

ڪتاب گهر ڄاڻ ۽ گيان جا ڀنڊار آهن. لئبرري سائنس جو بندوبست وگيان، ڄاڻ ٽڪنيڪ، تعليم وگيان وغيره وشين سان اونهو لاڳاپو آهي. ڪتابن کي گڏ ڪرڻ، ڪين باترتيب رکڻ، جتن ۽ واڌارو ڄاڻ جي وسيلن جو ڦهلاءُ اهي ڪم اهم لئبررين طرفان ڪيا ويندا آهن. انهن مان گهڻا ڪم جديد ڪمپيوٽرائيزڊ طريقي ڪيا ويندا آهن. پڙهندڙن کي سندن گهر ۾ موجب ڪتاب ميسر ڪري ڏيڻ، ان ڳالهه کي لئبرري بندوبست ۾ اهميت آهي.

تڪششلا وديا پيٺ جو ڪتاب گهر (ع.س کان اڳ پنجين صديءَ کان ع.س. پنجين صديءَ) ميسوپوٽيمياجي اسيرين سامراجيه جو سمراٽ اسُر بانيپال جو ڪتاب گهر (ع.س. کان اڳ ستين صدي) ۽ ايجپٽ جي اليڪزينڊريا لئبرري (ع. سان کان لاڳ چوٿين صدي) اهي دنيا جا وڏ ۾ وڏ پراچين ڪتاب گهر هئا ائين مڃيو وڃي ٿو.

تامل ناڊوءَ جي تنجاور جو ’سرسوتي مهال ڪتاب گهر‘ ع.س. سورهين - سترهين صديءَ جي نايڪ راجا جي وقت ۾ اڏيو ويو. ع.س. ١٦٧٥ ۾ وينڪوجي راجا ڀوسلي تنجاور کٽيو ۽ پنهنجو راڄ اسٿاپت ڪيو، ونيڪوجي راجا ڀوسلي ۽ سندس وارثن سرسوتي مهال ڪتاب گهر وڌيڪ شاهوڪار ڪيو. ان ۾ سرفوجي راجا ڀوسلي جو وڏو هٿ هو. سندس عزت سنه ١٩١٨ ۾ هن ڪتاب گهر کي هنجو نالو ڏنو ويو. هن ڪتاب گهر ۾ اٽڪل اٺونجاهه هزار ڪتاب آهن.

ڀارت جي ڪتاب گهرن مان ڪي ڏاڍا خاص آهن. انهن ۾ ڪولڪاتا جي نئشنل لئبرري دهليءَ جي نهروُ ميموريل ميوزم ۽ لئبرري، حيدرآباد جي اِسٽيٽ سينٽرل لئبرري، ممبئيءَ جي لئبرري آف ايشيا ٽڪ سوسائٽي ۽ ڊيوڊ سسُون لئبرري وغيره شامل آهن.

دستاويزي گهر بندوبست ٽڪنيڪي طور ڪتاب گهر جي بندوبست جو ئي هڪ حصو آهي. اهم ڪاغذپٽن کي بنا تبديل جي محفوظ رکڻ، سندن فهرست ٺاهڻ ۽ اها گهربل وقت تي ميسر ڪري ڏيڻ اهي ڪم دستاويزي بندوبست ۾ اهم آهن.

ان ڪري اهي ڪاغذ اتهاسڪ طور تمام پروسيمند ليکيا ويندا آهن. ڪمپيوٽرائيزڊ طريقي سبب ڪتاب گهرن ۾ دستاويزي گهرن جو بندوبست خود بہ خود جاڳ ۾ ٽيڪنيڪ سان جڙي ويو آهي.

ڀارت جو پهريون سرڪاري دستاويزي گهر ع.س ١٨٩١ ۾ امپيريل رڪارڊ ڊپارٽمينٽ نالي سان ڪولڪاتا ۾ اسٿاپت ٿيو. ١٩١١ ۾ دهليءَ ۾ آندو ويو.

سنہ ١٩٩٨ ۾ ڀارت جي ان وقت جي راشٽرپتي ڪي. آر. نارايڻن اهو جنتا لاءِ 'راشٽريہ دستاويزي گهر' طور کولڻ جي ڳالهہ ظاهر ڪئي، اهو ڀارت سرڪار جي سنسڪرتي منترالیہ هيٺ هڪ کاتو آهي.

سنہ ١٧٤٨ کان ڪاغذپت هتي سلسليوار رکيا ويا آهن. انهن ۾ انگريزي عربي، فارسي، سنسڪرت، اردوُ ڀاشائن ۾ موڙي لپيءَ جا داخلا شامل آهن. انهن داخلن جو ورگيڪرڻ عام، پراچين وديا نسبت هٿ لکت ۾ خانگي ڪاغذپت انهن چئن قسمن ۾ ڪيو ويو آهي.

ڀارت ۾ هرهڪ راڄيہ ۾ دستاويزي ڪتاب گهر آهي. مهاراشٽر راڄيہ سرڪار جي دستاويزي گهرن جون شاخون ممبئي، پڻي، ڪولهاپور، اؤرنگاباد ۾ ناگپور ۾ آهن. پڻي دستاويزي گهر ۾ مراٺن جي اتهاس جا جڙيل اٽڪل ٥ ڪروڙ موڙي لپيءَ جا ڪاغذپت آهن. انکي پيشوا دفتر چوندا آهن.

## ٩.٤ ڪوش - لُغت ساهت

ڪوش -لُغف يعني لفظن، ڄاڻ ۾ گيان جو باترتيب ميڙ ان ۾ گيان جي خاص طريقي ميڙ ۾ پيش ڪش هوندي آهي. مؤجود گيان جو بندوبست ۾ سؤلي طريقي ميسر ٿيڻ جي سهوليت اهي مقصد هوندا آهن.

**ڪوش جي ضرورت :** ڪوش سبب پڙهندڙن تائين گيان پهچندو آهي، انجي ڄڻياسا پوري ٿيندي آهي. ڪنهن مُدي جو وستار کيل هوندو آهي. پڙهندڙ کي ان بابت شوق پيدا ٿيندو آهي. جيکي اپياسڪ، سنشوڌڪ هوندا آهن سندن گيان ۾ واڌ ڪرڻ، سنشوڌن ڪرڻ جي گهرج ڪوش پيدا ڪندا آهن، ڪوش ساهت، راشٽر جي سپيتڪ حالت جو اهڃاڻ آهي سماج جي جنهن قسم جي دماغي ۾ سپيتڪ ضرورت هوندي ان قسم جي ڪوش ساهت جي پيدائش ان سماج ۾ ٿيندي آهي.

ڪوش جي ڄاڻ جي پيشڪش ۾ تزپٽو، قبوليت، يڪمشتي ۾ نئين ڄاڻ اهي ڳالهيون ضروري آهن. ڄاڻ نئين هئڻ لاءِ طيءِ وقت ڪوش جو سڌريل ڇاپو ڪڍڻو پوندو آهي.

ڪوش رچنا ڪرڻ وقت آڪار وار ۾ وشيہ وار، اهي بہ طريقا گهڻو ڪري واپرايا ويندا آهن. ان لاءِ پڙهندڙ جي سهوليت ۾ ڄاڻ ڳولهڻ جي سهوليت خيال ۾ رکيو ويندو آهي. ڪوش جي آخر ۾ فهرست سان پڙهندڙ جي سهوليت ٿئي ٿي.

اها ڪوش رچنا ڪو شخص يا سمپادڪ منڊل ڪري سگهي ٿو. ان رچنا وقت الڳہ الڳہ وشين جي ماهرن جي ضرورت هوندي آهي.

**ڪوش جا قسم :** ڪوش کي رواجي طور چئن ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

(١) شبدڪوش (٢) وشوڪوش .

(٣) ڪوش جهڙو ساهت (٣) فهرست ساهت.

**(١) شبدڪوش :** ان ۾ لفظن جي ميڙ، لفظن جي معنيٰ، ٻيا لفظ، اشتقاق ڏنل آهن، سر سنگراهڪ، خاص شبدڪوش، وصفي ڪوش، اشتقاق ڪوش، ساڳي معنيٰ وارا ۾ ضدن وارا ڪوش، پهاڪا وغيرهہ سنگرهہ ڪوش اهي انجا مکيہ قسم آهن.

**(٢) وشوڪوش :** وشو ڪوش جا ٻه پاڱا ٿيندا آهن (الف) سرو سنگراهڪ ( مثال اين سائڪلو پيڊيا برٽانڪا، مهاراشٽريه گيان ڪوش، مراٺي، وشو ڪوش وغيره) (ب) خاص وشيه وار ڪوش - اهي ڪنهن خاص وشيه بابت هوندا آهن. مثال، ڀارتيه سنسڪرتي ڪوش، ويايام گيان ڪوش وغيره.

**(٣) ڪوش جهڙو ساهت :** ان ۾ ڪنهن وشيه جي سموري پيش ڪش هوندي آهي. ان ۾ ڪنهن وشيه تي ماهرن ذريعي ليک لکايا ويندا آهن. مثال، مهاراشٽر جيون کنڊ - ١، ٢، شهر پٽي کنڊ ١، ٢، ايئر بُڪ (منورما، ٽائيمس آف انڊيا)

**(٤) فهرست ساهت :** گرنٿ جي آخر ۾ ڏنل ان ڪتاب جي شخصتن، وشيه، استانن ۽ ڪتابن جي ياداشت، لفظن جي ياداشت کي فهرست (سوُچي) فهرست يا ضميو گهڻو ڪري آڪار نسبت هوندي آهي. اها ڪتاب جي پڙهڻ ۾ مدد ڪندي آهي. مثال مراٺي مخزن جي داتي دوران ناهيل فهرست.

**ڪوش ۽ اتهاس :** اتهاس ۽ ڪوش وشيه ۾ قبوليت کي اهميت آهي. اها ٻنهي ۾ ساڳي ڳالهه آهي. هرهڪ ديش، ڀاشا ۾ الڳ الڳ ڪوش هوندا آهن، ڇو ته انهن جون پنهنجون پسنديون آهن. ديش جون نيتيون، ملهه، آدرش انهن جو اثر ڪوش تي پوندو آهي. فيلصوفي ۽ پرمپرا جو به اثر شبد ڪوش تي پوي ٿو. ديش جو ايمان جاڳائڻ جو ڪم به وشو ڪوش ذريعي ٿئي ٿو. مثال. مهاديو شاستري جو شيءِ جو سنپادت ڪيل ڀارتيه سنسڪرتي ڪوش، جيون جي جدا جدا کيترن جو گيان سيني لاءِ ميسر ڪرائڻ، اهو ڪوش رچنا جو هڪ مقصد هوندو آهي. گيان حاصل ڪرڻ ۽ ڦهلائڻ اهو زندگيءَ جو هڪ مقصد سمجهي اُن لاءِ ڪوششون ڪيون



**ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟**

مغربي ديشن ۾ (١) ننچرل هسٽري (ع.س. پهرين صدي) اهو پلينن وڏي جورچيل پهرين ڪوش(٢)١٨ صديءَ جو فرينچ وشو ڪوش اهو ڊِڊيرو جو اهم ڪوش آهي. (٣) اين سائڪلوپيڊيا آف برٽانڪا وشو ڪوش پهرين ١٧٦٧ ۾ شايع ٿيو. اهو وشوڪوش رچنا ۾ اهم ڏاڪو هو.

سنسڪرت ڀاشا ۾ نگهنٽوُ ڏاتو پاٺ انهن شبدڪوش جي پرمپرا پراچين آهي. وچولي زماني ۾ مهانُ ڀوپنٽ وارن جي ڪوش رچنا، شواجي مهاراج جي ايامڪاريءَ ۾ راڄ وهنوار ڪوش اهم آهن.

ويندون آهن. ان لاءِ ڪوشش يعني سماج جو آئينو مڃيل آهي. سماج جي هوشياري ۽ ٻڌي ڪوش ذريعي ڏسڻ اچي ٿي.

**اتهاس وشيه جا لاڳاپيدار ڪوش :**

اتهاس وشيه جي ڪوش پرمپرا جهوني آهي رگهوناٿ ڀاسڪر گوڙبولي جو ڀارت ورش پراچين اتهاسڪ - ڪوش(١٨٧٦) اهو شروعاتي ڪوش هو. ان ڪوش ۾ پراچين وقت جا ڀارتيه شخص ۽ استان شامل آهن.

ان ڪوش ۾ 'ڀارت ورش' جي مشهور پرشن، استرين، پٽن، سندن ڌرمن، ديش ۽ راڄڌانيون انهن ديشن جون نديون، جبل وغيره جو اتهاس اِن ۾ ڏنل آهي.

شريڌر وينڪٽيش ڪيتڪر جو مهاراشٽر ۾ گيان ڪوش جا ٽيويهه کنڊ آهن مراٺي ماڻهن جي ڄاڻي وڌي، سندن ويچارن جو کيتر وڌي ۽ دنيا جي ترقي ڪيل ماڻهن سان هوُ برابري ڪن اها ڪيتڪرجي گيان ڪوش رچنا پنيان سوچ هئي ان کندو وسيلي هن اتهاس جي ڪشادي پيش ڪش

ڪئي. ٻيو اهم ڪوش آهي ڀارت ورشيه چرترڪوش، سڌيشور شاستري چتراو ڀارتيه چرتر ڪوش منڊل جي اسٿاپنا ڪري ڀارت ورشيه پراچين چرتر ڪوش (١٩٣٢)، ڀارت ورشيه وچ وارو چرترڪوش (١٩٣٧) ڀارت ورشيه ارواچين چرتر ڪوش (١٩٤٦) اهي ٽي ڪوش سنپادن ڪري شايع ڪيا، انهن ڪوشن سمجهڻ لاءِ پراچين چرترڪوش جا داخلا ڏسي سگهجن ٿا. ان ڪوش ۾ شرتي، سمرتي، سوٽر، ويدانگ، اپ شد، پُراڻ ۽ جين، ٻوڌي ساهتيه جي خاص شخصن جي ڄاڻ ڏنل آهي.



### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

**ڪي خاص ڪوش :**

(١) سنگيت شاستر ۽ ڪلاڪارن جو اتهاس (لڇمڻ دتاتريه جوشي)

(٢) ڪرانتيڪارن جو چرتر ڪوش (ش. را. داتي) ان ۾ ڀارت جي اٽڪل ٢٥٠ ڪرانتيڪارين جون جيونيون ۽ تصويرون آهن.

(٣) سواتنتريه سئنڪ چرترڪوش (نه.ر.ڦاٽڪ) ان ڪوش ۾ آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ ڦاسي، جيل ٽيل ۽ ان ڪان اڳ واري وقت جي سماج جي الڳ الڳ ڪيترن ۾ ڪم ڪيل آزاديءَ جي سئنڪن جي ڄاڻ ڏنل آهي.

**اِستان ڪوش :** اتهاس جي اڀياس لاءِ ڄاگرافي اهم آهي جدا جدا اتهاسڪ استانن نسبت ڄاڻ ڏيندڙ ڪوش آهي.

(١) مهانيو پنت جي مُني وياس جي رچيل ستان پوٿي (١٤ صدي) گرنٿ ۾ مهان ڀوپنت جي پايي وجهندڙ شري چڪرڌر سوامي جنهن جنهن ڳوٺ ۾ ويا انهن ڳوٺن جي تفصيلوار داخلا آهي ان وقت جي مهاراشٽر جي ڄاڻ ان ڪتاب مان ملي ٿي. ليلا چرتر جا واقعا ڪڏهن، ڪٿي ۽ ڪهڙي حالت ۾ ٿيا. اهو به اِستان گرنٿ ڪار ٻڌائيندا آهن. شري چڪرڌر سوامي جي جيونيءَ بابت هي اُتم گرنٿ آهي.

(٢) پراچين ڀارتيه استل ڪوش (١٩٦٩) : سڌي شور شاستري چتراوَ ان ڪوش جي رچنا ڪئي. ويدڪ ساهتيه، ڪٽليه جو ارٿ شاستر، پاڻنيءَ جو وياڪرڻ، والميڪي رامايڻ، مهاڀارت، پراڻ، وچولي زماني جي سنسڪرت ۽ شبد ڪوش ساهتيه، ان ڪانسواءِ فارسي، جيني، ٻوڌي ۽ گريڪ ۽ چيني ساهت جي ڄاگرافيڪل استانن جي ڄاڻ ڪوش ۾ ڏنل آهي.

**وشو ڪوش :** مهاراشٽر راڄيه جي پهرئين مکيه منتري يشونتراوَ چوهاڻ مراٺي ڀاشا ۽ ساهت جي واڌاري لاءِ مهاراشٽر راڄيه ساهتيه ۽ سنسڪرتي منڊل ذريعي مراٺي وشو ڪوش ٺاهڻ لاءِ اڳرائي ڪئي. تڪ تيرٿ لڇمڻ شاستري جوشي جي اڳوانيءَ ۾ وشوڪوش ٺهڻ شروع ٿيو. دنيا ڀر جي گيان جو سار ان ڪوش ۾ آندو ويو. اتهاس وشيه سان جڙيل اهم داخلا ان ۾ آهن.

**ڀارتيه سنسڪرتي ڪوش :** مهاديو شاستري جوشيءَ جي سمپادن هيٺ ڀارتيه سنسڪرتي ڪوش جا ڏهه ڀاڱا ٺاهيا ويا. انهن ڪوشن ۾ آسيتوُ هماچل اهڙي ڀارت جو اتهاس، ڄاگرافي جدا جدا ٻولين جي ماڻهن ، انهن دوران ٺاهيل اتهاس، ڏڻ وار سيينٽڪ ڳالهيون داخل ڪيا ويا آهن.

**سنگيا ڪوش :** اتهاس جون سنگيا (وصفي لفظ) الڳ ڪري اهي سمجهائيندڙ ڪوش اتهاس ۾ ٺاهيندا آهن اڀياس ڪندڙن ڪي اهو ڪارائتو هوندو آهي.

اتهاس وشيه جي اڀياس ڪندڙن ڪي ڪوش رچنا جي ڪم ۾ ڀرپور موقعا آهن. ڪنهن به وشيه جو ڪوش ڇو نه هجي ان ۾ اتهاس جوڙڻ ضروري هوندي آهي.

هرهڪ وشيہ جو اتهاس هوندو آهي اتهاس جا اڀياس ڪندڙ ڪوشن جي اڀياس مان گهٽنائون ڪوش، ڏينهن ۾ خاص، شخصي ڪوش، سنگيا ڪوش، اسٽل ڪوش وغيرهہ ڪوش ٺاهڻ ۾ سمياڳي ٿي سگهن ٿا.

ان ڪتاب جي اڀياس ڪانپوءِ توهان اهو بہ سمجهو هوندو تہ اتهاس وشيہ ۾ ماهريت حاصل ڪرڻ سان انيڪ ڪيترن ۾ واپار جا موقعا ملندا آهن. هن ڪتاب ۾ ڏنل چاڻ جو اِستعمال ڪري توهان پنهنجي پسند جي نؤڪري - واپار چونڊي سگهو ٿا.



## اڀياس

**١. ڏنل جوابن مان مناسب جواب چونڊي جملا پورا ڪريو.**

(١) لئونارڊو ڊَ ونچي جي ان مشهور اٽالين چترڪار جو ڪڍيل .......... چتر لوُر عجائب گهر ۾ شامل آهي.

(الف) نيوپولين (ب) مونا ليسا

(ب) هئنس سلوئن (پ) جارج بيون

(٢) ڪولڪاتا جو ......... اهو ڀارت جو پهريون عجائب گهر آهي.

(الف) گورنمينٽ ميوزيم

(ب) راشٽريہ وستو سنگرهاليہ

(پ) ڇترپتي شواجي مهاراج وستو سنگرهاليہ

(ڀ) ڀارتيہ سنگرهاليہ

(ب) هيٺين مان غلط جوڙو سُڃاڻي لکو.

(١) مهاراج سياجيراو وديا پيٺ - دهلي

(٢) بنارس هندو وديا پيٺ - واراڻسي

(٣) اليگڙهہ مسلم يونيورسٽي - اليگڙهہ

(۴) جواجي وديا پيٺ - گواليئر

**٢. هيٺيان بيان سبب ڏيئي سمجهايو.**

(١) دستاويزي گهر ۽ ڪتاب گهر مخزنون ۽ ٻيا ڪتاب شايع ڪندا آهن.

(٢) جدا جدا وشين جي ڪمن لاءِ سکيا جي ضرورت هوندي آهي.

**٣. نوٽ لکو**

(١) اسٽل ڪوش (٢) وشوڪوش

(٣) سنگيا ڪوش (۴) سرسوتي مهال گرنٿاليہ (ڪتاب گهر)

**۴. هيٺين سوالن جا وستار سان جواب لکو**

(١) لئبرري بندوبست ضروري ڇو آهي؟

(٢) دستاويز گهر جي بندوبست ۾ ڪهڙا ڪم اهم آهن؟

**۵. ڳاڪو پورو ڪريو**




## مشغولي

انٽرنيٽ جي مدد سان مهاراشٽر جي مکيہ ڪتاب گهرن جي ڄاڻ حاصل ڪريو.

توهانجي پسگردائيءَ جي ڪتاب گهرن جو دؤر ڪري اُتان جي ڪم جو طريقو سمجهو.

# راجيہ شاستر

## فهرست

## جوڙجڪ جو سفر



| نمبر | باب جو نالو | صفحہ نمبر |
|---|---|---|
| .١ | جوڙجڪ جو سفر ................ | 69 |
| .٢ | چونڊن جي ترتيب ................ | 75 |
| .٣ | سياسي ڌرون ................ | 82 |
| .۴ | سماجڪ ۽ سياسي تحرڪ ................ | 91 |
| .۵ | پارٽي لوڪشاهي ۽ اڳيان للڪارون ....... | 97 |

## لياقتي بيان

| نمبر | باب | لياقت |
| --- | --- | --- |
| ١. | جوڙجڪ جو سفر | ▪ جوڙجڪ سبب ڀارت جي لوڪشاهي مضبوُط ٿي آهي اهو سمجهڻ<br>▪ جوڙجڪ جو سفر سماجڪ تبديلين ڏانهن ٿي رهيو آهي اهو ٻڌائي سگهڻ. |
| ٢. | چونڊن جي ترتيب | ▪ چونڊن جي منڊل جي اهميت ڄاڻڻ<br>▪ چونڊن ۾ هرهڪ ووٽر جو ووٽ ڪرڻ اها جوڙجڪي جوابداري آهي اها سمجهه پئدا ڪرڻ.<br>▪ چونڊن جي ترتيب ۾ ناگرڪن جي اهم ڀوميڪا آهي اهو سمجهڻ.<br>▪ چونڊن جي ترتيب جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ويڊيو ڪمپ جي مدد وٺڻ.<br>▪ تڪن ۾ جي نقشي ۾ پنهنجو تڪ ڳولهڻ ٻڌائي سگهڻ. |
| ٣. | سياسي ڌروُن (راشٽريہ) | ▪ سياسي ڌرن جي جوابداري ۾ ڪم ڄاڻڻ.<br>▪ نون نهنڌڙ ڌرن جا سبب ۽ نتيجا سمجهڻ.<br>▪ ڀارت جي راشٽريہ سياسي ڌرن جي نتيجن جي ڀيٽ ڪري نتيجا ڪڍڻ.<br>▪ سياسي ڌرن جي چونڊن جي نشانن جو ميڙ - خاڪو ناهڻ. |
| ٤. | سياسي ڌروُن پرانتڪ | ▪ مهاراشٽر جي پراديشڪ سياسي ڌرن جا تتو ۽ ڪم ٻڌائي سگهن.<br>▪ ڪنهن ڌر جي نيتائن، سندن ڀاشڻن جي خبرن جو ميڙ ڪرڻ.<br>▪ پراديشڪ ڌروُن مضبوط ڇو ٿيون ٿين ان بابت چرچا ڪرڻ. |
| ٥. | سماجڪ ۽ سياسي هلچل | ▪ سماجڪ ۽ سياسي تحرڪن جو مطلب سمجهڻ.<br>▪ سماجڪ تحرڪ ماڻهن ۾ جاڳرتا لاءِ ڪهڙا رستا اختيار ڪندا آهن اهو سُڃاڻڻ.<br>▪ عورتن ۽ ٻين ڪمزور جزن جي مضبوطيڪرڻ جو مطلب ٻڌائڻ.<br>▪ ڪسانن ۽ ڪامگارن جي گُهرن جي ڄاڻ هٿ ڪرڻ.<br>▪ شاگردن جي تحرڪن بابت اخبارن جي خبروُن گڏ ڪرڻ. |
| ٦. | ڀارت اڳيان للڪارون | ▪ 'علحدگيءِ ۾ ايڪتا' جو مطلب ٻڌائي سگهڻ.<br>▪ ڀارت ۾ علحدگين ڏانهن عزت پئدا ڪرڻ.<br>▪ الڳہ الڳہ للڪارن جو سچو روُپ سمجهائي سگهڻ.<br>▪ اندرين للڪارن کي ڪيئن منهن ڏيئي سگهبوان بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪري سگهڻ. |

# ١. جوڙجڪ جو سفر

راڄيه شاستر جي هاڻي تائين وارن درسي ڪتابن مان اسين مڪاني راڄ ڪاروباري سنستائن، پارٽي جوڙجڪ جهڙ ملهن ان مان ظاهر ٿيندڙ اصُول ۽ جوڙجڪ دواران ناهيل سرڪاري سرشتي، انترراشٽريه سطح تي سرڪاري سرشتي، انترراشٽريه سطح تي پارت جي بيهڪ جو وستار سان جائزو ورتو. پارت جي جوڙجڪ پارت کي هڪ مڪمل طور خود مختيار سماجوادي ڌرم نرپيڪش لوڪشاهي گڻراڄ بڻائڻ جو مقصد رکيو آهي. ناگرڪن کي نياءُ ملي. سندن آزادي بڻي رهي ان لاءِ جوڙجڪ، سماجڪ نياءُ ۽ برابريءَ جي آڌار تي هڪ ترقي ڪندڙ واڌارو ڪيل سماج بڻائڻ جو هڪ ساڌن آهي. جوڙجڪ موجب راڄ ڪاروبار هلائڻ جي شروعات پارت ۾ ٢٦ جنوري ١٩٥٠ کان ٿي. اُن وقت کان هاڻي تائين جوڙجڪ جي آڌار تي جيڪو راڄ ڪاروبار هليو اُن مان پارتي جي سياسي ترتيب ۾ ٿيل اهم بدلاءُ، سماجڪ نياءُ ۽ برابري آڻڻ لاءِ ڪنيل قدم انهن جو هن باب ۾ اسين مختصر جائزو وٺنداسين. اهو مواد ٽن مدن تائين محدود آهي. (١) لوڪشاهي (٢) سماجڪ نياءُ ۽ برابري (٣) عدالتي سرشتو.

## لوڪشاهي

**سياسي پختگي :** لوڪشاهي سرڪاري سرشتي جو فقط ڍانچو هجي فائدو نہ آهي. ان ڍانچي موجب روبرو وهنوار ڪرڻ سان ئي لوڪشاهي، سماج جي سياسي زندگيءَ جو اڻٽٽ حصو ٿيندي آهي. ان موجب اسانجي ديش ۾ ماڻهن کي سڌو عيوضيپڻو ڏيندڙ سنسد، راڄيه وڌان سڀا ۽ مڪاني راڄ ڪاروباري سنستائون آهن جنتا جي سمپاڳ ۽ سياسي ڇتاپيتيءَ جي نظر کان پارت جي لوڪشاهي گهڻي قدر ڪامياب ٿيل ڏسجي ٿي. مقرر وقت کانپوءِ آزاد ۽ واجبي ماحول ۾ ٿيندڙ چونڊون پارتي لوڪشاهيءَ جي وڏي ڪاميابي آهي. آدمشماري ۽ ايراضيءَ جي خيال کان اسانجي وڏي ديش ۾ الڳہ الڳہ سطحن تي چونڊون ڪرائڻ هڪ للڪار واري ڳالهہ آهي، وري وري ٿيندڙ چونڊن سان پارتي ووٽر جي سياسي سمجهہ وڌي آهي.چونڊن وقت سامهون ايندڙ عام نيتي ۽ سوالن بابت پارتي ووٽر پنهنجي راءِ رکي ٿو. مسئلن بابت ويچار ڪري ووٽ ڪرڻ جي سلسلي ۾ واڌ ٿي آهي.

**ووٽ جو حق :** پارت جي جوڙجڪ بالغن کي ووٽ جو حق ڏنو هو. ان موجب ووٽ جي حق جو دائرو اصل کان وشال هو. آزاديءَ کان اڳہ واري وقت ۾ ووٽنگہ ۾ حجاب جون سڀ ڳالهيون ختم ڪري ٢١ سال عمر واري جي هرهڪ ناگرڪ کي پارتي جوڙجڪ ووٽنگہ جو حق ڏنو هو. اهو اڃا وڌائيندي ووٽنگہ جي عمر ٢١ سال کان گهٽائي ١٨ سال ڪئي ويئي. آزاد پارت جي جوان پيڙهيءَ کي ان سب سياسي هتي ملي. اهڙن وشالتا وڌائيندڙ قيمت سبب پارتي لوڪشاهيءَ کي دنيا جي سڀ کان وڏي لوڪشاهي مڃيو ويندو آهي. ووٽرن جو ايترو تعداد ٻيو ڪنهن ديش ۾ نہ آهي. اها تبديل فقط عددي نہ پر وصفي پڻ آهي جوان ووٽرن جي پنيرائيءَ سبب ڪيترين ئي سياسي پارٽيون ڇتاپيتي ڪن ٿيون ان سان پارتي سياسي پارٽين جو روپ بدلجو آهي.

ماڻھن جي اچائن جو عيوضي بڻجڻ جي مقصد سان انيڪ پارٽيون ڇتاپيٽيون ڪن ٿيون.

**لوڪشاهيءَ جو غير مرڪزي پڙو :** ستا جو غير مرڪزي پڙو لوڪشاهيءَ جو پتو آهي. غير مرڪزي پڻي سبب طاقت جي غير استعمال تي بندش پوي ٿي ۽ عام جنتا کي ستا ۾ ڀاڱو وٺڻ جو موقعو بہ ملي ٿو. لوڪشاهي غير مرڪزي ڪرڻ جو جوڙجڪ جي رهبري ڪندڙ اصولن ۾ بندوبست آهي. انھن موجب مڪاني سطح تي ڪاروباري سنستائن کي واجب حق ڏيئي انھن ذريعي اصلي لوڪشاهي عمل ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪرڻي آهي. ان ڪري آزاد ڀارت ۾ لوڪشاهيءَ جي غير مرڪزي پڻي لاءِ چڱا قدم کنيا ويا. انھن ۾ وڏي ۾ وڏو قدم هو جوڙجڪ ۾ ۷۳ ۽ ۷۴هين درستي. انھن درستين سبب مڪاني راڄ ڪاروباري سنستائن کي جوڙجڪ جي مڃيتا تہ ملي ان سان گڏ سنڌن حقن ۾ واڌ ٿي.

> **هيٺيون تبديليون ڪيئن ٿيون اهو ٻڌائي سگھندا ڇا؟**
>
> - راڄ ڪاروبار ۾ عورتن جو سمياڱہ وڌي ان لاءِ ڪجھ پد محفوظ ڪري رکيا ويا.
> - سماج جي ڪمزور جُزن جو ستا ۾ سمياڱہ ٿئي ان لاءِ محفوظ پد رکيا ويا.
> - راڄيہ چونڊن جو منڊل برپا ڪيو ويو.
> - جوڙجڪ ۾ ۱۱ ۽ ۱۲ انھن نون ضميمن کي جوڙيو ويو.

**ڄاڻ جو حق (RTI-2005)** لوڪشاهيءَ ۾ ناگرڪن الڳہ الڳہ طريقن سان مضبوط بڻائڻ گھرجي. ناگرڪن کي سمياڱہ جا موقعا ڏيڻ سان گڏ انھنجو سرڪار سان رابطو وڌڻ گھرجي. سرڪار ۽ ناگرڪن وچ ۾ جيترو مفاصلو گھٽ ۽ رابطو وڌيڪ اوترو لوڪشاهي سرشتو مضبوط ٿيندو آهي. آپسي وشواس وڌائڻ لاءِ سرڪار ڇا

ٿي ڪري اها ناگرڪن کي ڄاڻ ملڻ گھرجي. ايمانداري ۽ جوابداري سُني ڪاروبار جون اهي بہ خاصيتون عمل ۾ آڻڻ لاءِ ڀارتي ناگرڪن کي ڄاڻ جو حق ڏنو ويو. ان حق سبب سرڪار جي ڪاروبار ۾ ڳجھائي گھٽ ٿي ۽ سرڪار جو وهنوار وڌيڪ آزاد ۽ شفاف ٿيڻ ۾ مدد ٿي.

سن ۲۰۰۰ ڪانپوءِ ناگرڪن لاءِ سُڌار ڪرڻ وقت اهو سندن حق آهي ائين سوچ رکي ويئي ان موجب ڄاڻ، تعليم ۽ کاڌي جو حق ڀارتي ماڻھن کي مليو. انھن حقن سبب ڀارتي لوڪشاهي خاطري طوَر مضبوط ٿي.



> **ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟**
>
> **حقن آڌارت نظريو (Rights based approach) :**
>
> آزاديءَ ڪانپوءِ جي ڏهاڪن ۾ ڀارتي لوڪشاهيءَ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ انيڪ سُڌارا ٿيا پر انھن ناگرڪن کي فائدي وٺندڙ طوَ ڏنو ويندو هو. پر گذريل ڪن ڏهاڪن کان سُڌار هن جا حق آهن ان نظر سان ٿي رهيا آهن. اهڙي نظريي سان سرڪار ۽ ناگرڪن جي ناتي ۾ ڪهڙيون تبديليون اينديون، ويچار ڪريو

> **ڳالھ ٻولھ ڪريو.**
>
> توهان کي لڳي ٿو ڇا ڀارتي ناگرڪن کي روزگار جو حق ملڻ گھرجي؟
>
> سيني کي اجھي جو حق ملڻ سان اسانجي لوڪشاهيءَ تي ڪهڙو اثر پوندو؟ ويچار ڪريو.

**سماجڪ نياءُ ۽ برابري**

سماجڪ نياءُ ۾ اسان جي جوڙجڪ جو مقصد آهي. اسانکي انھن بن تتون تي آڌارت سماج

بڻائڻو آهي. جوڙجڪ اسانکي انجو رستو ڏيکاريو آهي ۽ اسانجو سفر به ان طرف هلي رهيو آهي.

سماجڪ نياءُ برپا ڪرڻ يعني جن سماجڪ ڳالهين سبب ڪنهن شخص تي انياءُ ٿئي ٿو اهي دور ڪرڻ ۽ سڀ انسان هڪ درجي جا آهن انجي پوئواري ڪرڻ جات، ڌرم، ٻولي، جنس، جنم استان، ونش، پئسو وغيره جي آڌار تي اوچ - نيچ جو فرق نه ڪرڻ، سڀني کي واڌاري جا برابر موقعا موجود ڪري ڏيڻ، نياءُ ۽ برابريءَ جا مقصد آهن.

سماجڪ نياءُ ۽ برابري برپا ڪرڻ لاءِ سماج ۾ سڀني سطحن تي ڪوششون ڪرڻيون پونديون آهن پر سرڪاري نيتين ۽ ٻين ڪوشش جي خاص اهميت آهي. لوڪشاهي سمائيندڙ ٿيڻ لاءِ سماجڪ جُزا مکيه ڌارا ۾ اچڻ گهرجن لوڪشاهي سڀني سماجڪ جزن کي سمائڻ جي ترتيب آهي. ان سبب سماج ۾ ويڇا گهٽجن ٿا. ان لاءِ اسانجي ديش ۾ ٿيل ڪوشش کي ڏسُون.

- **محفوظ پدن جي نيتي :**

جيڪي ميڙ يا سماجڪ جزا تعليم ۽ روزگار کان ڊگهي عرصي تائين محروم رهيا انهن لاءِ محفوظ پدن جي نيتي اختياري ڪئي ويئي. ان موجب انوُسچت جاتين ۽ انوسوُچت جماعتن لاءِ تعليم ۽ سرڪارِي نؤڪرين ۾ ڪي پد محفوظ رکيا ويندا آهن. ان سان گڏ ٻين پنتي پيلن لاءِ به محفوظ پد آهن.

- **انوسوچت جاتين ۽ جماعتن تي ظلم کان بچاءَ جو قاعدو :**

سماجڪ نياءُ ۽ برابري برپا ڪرڻ لاءِ اهو اهم هڪ قلعو ٻڌايو ويو. انهن جُزن تي ڪوبه انياءُ ڪرڻ کان ان قائدي ذريعي روڪ لڳائي ويئي آهي ۽ ظلم ڪرڻ تي سزا جو بندوبست ڪيل آهي.



ڪري ڏسو.

مٿئين قاعدي جا انتظام پڙهو. ماسترن جي مدد سان اهي سمجهو. ظلم نه ٿين ان لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

- **ٿورائيءَ وارن لاءِ انتظام :** پارٽي جوڙجڪ ۾ ٿورائيءَ وارن جو بچاءُ ڪرڻ لاءِ انيڪ انتظام ڪيل آهن. ڪين تعليم ۽ روزگار جا موقعا ملن ان لاءِ سرڪار انيڪ رٿائون ٺاهيون آهن. جوڙجڪ جات، ڌرم، ونش، ٻولي ۽ پرانت وغيره نسبت پيدياءُ ڪرڻ تي روڪ وڌي آهي. ٿورائيءَ وارن لاءِ ڇِٽا انتظام آهن برابريءَ جو حق، آزاديءَ جو حق، پيڙڻ خلاف حق ۽ سيڀيتڪ ۽ تعليم حقن سبب ٿورائيءَ وارن کي بنيادي روُپ جو بچاءُ مليو آهي.

- **عورتن نسبت قاعدا ۽ عيوضيپڻي بابت انتظام :**

آزاديءَ کان پوءِ ۽ عورتن جي مضبوطيڪرڻ جي ڪوشش جي شروعات ٿي. عورتن کي تعليم ڏيڻ، ڪين واڌاري جا جهجا موقعا ڏيڻ ان لاءِ راشٽريه ۽ انتراشٽريه سطح تي عورتن جي مشڪلاتن ڌانهن ڌيان ڏيئي ڪي نيتيون طيءِ ڪيون ويون.

اباڻي ۽ مُڙس جي دؤلت ۾ عورتن جو برابر حصو، ڏيتي - ليتيءَ تي روڪ جو قاعدو، جنسي اتياچارن کان بچاوَ جو قاعدو، گهروُ مارڪُٽ تي روڪ جو قائدو، وغيره اهم انتظامن سان عورتن جي آزاديءَ جي جتن ۽ وڪاس لاءِ ٺهڪندڙ ماحول بڻيو.

اسانجي ديش ۾ راڄنيتي ۽ سياسي سنستائن ۾ عورتن جو عيوضيپڻو شروعات کان ئي گهٽ آهي.

جڳ جي انيڪ ديشن عورتن جي عيوضيپڻي کي وڌائڻ جون ڪوششون ڪيون ڀارت ۾ به ان نسبت ۾ بدلاو ٿي رهيا آهن. ۷۳ ۽ ۷۴هين جوڙجڪ دُرستيءَ سان مڪاني خود حڪومت سنستائن ۾ عورتن لاءِ ۳۳ سيڪڙو پد محفوظ رکيا ويا، پوءِ مهاراشٽر سان گڏ ٻين راڄين ۾ اهو انداز وڌائي ۵۰ سيڪڙو ٿائين ڪيو ويو. عورتن لاءِ راشٽريه مهلا آيوگ اسٿاپت ڪيو ويو. راڄيه ۾ به راڄيه مهلا آيوگ آهي.

گهروُ مار-ڪُٽ کان عورتن کي بچاءُ ڏيندڙ قاعدو لوڪشاهيءَ کي وڌائيندڙ هڪ اهم قدم آهي. ان قاعدي سان عورت جي عزت ۽ سنمان تي زور ڏنو ويو.

پهرين کان هلندڙ ڏاڍ ۽ اڪثار شاهيءَ کي نامنظور ڪندڙ ان فيصلي سبب ڀارتي لوڪشاهيءَ جو دائرو وڌيو، ان ۾ سمائڻ وڌيڪ معني ڀريل ٿيو.



ڪري ڏسو.

## لوڪ سڀا ۾ عورتن جو عيوضي پٽو

| نمبر | سال | عورت خاصدار جو عدد | عورت خاصدارن جو سيڪڙو |
|---|---|---|---|
| ۱ | ۱۹۵۱-۵۲ | ۲۲ | ۴.۵% |
| ۲ | ۱۹۵۷ | ۲۲ | ۴.۴۵% |
| ۳ | ۱۹۶۲ | ۳۱ | ۶.۲۸% |
| ۴ | ۱۹۶۷ | ۲۹ | ۵.۵۸% |
| ۵ | ۱۹۷۱ | ۲۸ | ۵.۴۱% |
| ۶ | ۱۹۷۷ | ۱۹ | ۳.۵۱% |
| ۷ | ۱۹۸۰ | ۲۸ | ۵.۲۹% |
| ۸ | ۱۹۸۴ | ۴۳ | ۷.۹۵% |
| ۹ | ۱۹۸۹ | ۲۹ | ۵.۴۸% |
| ۱۰ | ۱۹۹۱ | ۳۹ | ۷.۳۰% |
| ۱۱ | ۱۹۹۶ | ۴۰ | ۷.۳۷% |
| ۱۲ | ۱۹۹۸ | ۴۳ | ۷.۹۲% |
| ۱۳ | ۱۹۹۹ | ۴۹ | ۹.۰۲% |
| ۱۴ | ۲۰۰۴ | ۴۵ | ۸.۲۹% |
| ۱۵ | ۲۰۰۹ | ۵۹ | ۱۰.۸۷% |
| ۱۶ | ۲۰۱۴ | ۶۶ | ۱۲.۱۵% |

پرواري خاڪو ڏيان سان جاچي هيٺين سوالن جا جواب لکو.

- سڀني کان گهٽ عورت خاصدارن جو عدد ڪهڙي سال جي چونڊن ۾ آهي؟
- وڌ ۾ وڌ عورت خاصدارن جو عدد ڪهڙي سال جي چونڊن ۾ آهي؟
- خاڪي جي ڄاڻ جي آڌار تي لوڪ سڀا جي چونڊن جي عورت خاصدارن (۱۹۵۱-۲۰۱۴) جو Piechart ۽ ڪالم گراف (Bar Chart) ٺاهيو.

### توهان کي ڇا ٿو محسوس ٿئي؟

عام جيون ۾ عورتن جو اثر **(visibility)** گهٽ رهيو آهي. ڪٽنب جي بناوت، سماجڪ پسگردائي، مالي ڪيتر، راڄنيتڪ خال ڪُلڻ سان عورتون فيصلي جي ڪريا ۾ شامل ٿينديون ۽ راڄ ڪاروبار کي اڳتي ڏس ۾ وڌڻ جو موقعو ملندو. ان لاءِ انهن سنستائن ۾ عورت جو عدد وڌڻ گهرجي.

### عدالت جي ڀوُمڪا :

لوڪشاهي مضبوط ڪرڻ ۾ ۽ سماجڪ نياءُ ۽ برابري انهن مقصدن ڏانهن ديش کي اڳتي وڌائڻ ۾ عدالتن جي ڀومڪا اهم آهي. عدالت جوڙجڪ جو مطلب ڪيڏو وقت جوڙجڪ جي مول مقصدن ۽ جوڙجڪ ٺاهيندڙن جي مقصدن کي اڳرائي ڏني. عدالتن جو ان ڏس ۾ يوگدان اسين هيٺين مُدن جي آڌار تي سمجهنداسين.

**(۱) جوڙجڪ جو بنيادي ڍانچو :** جوڙجڪ وهندڙ (dynamic) هوندو آهي. حالت موجب جوڙجڪ ۾ تبديليون ڪرڻيون پونديون آهن. اهو حق سنسد کي ڏنل آهي. عدالت اهو حق ميڙيندي، ان بابت حق جي حد پڻ ٻڌائي عدالت چيو ته جوڙجڪ ۾ تبديل ڪندي جوڙجڪ جي بنيادي ڍانچي (Basic Structure of Constitution ) کي ڇيهو نٿو رسائي سگهجي.

**هي پڻ ڄاڻي وٺو.**

هر جوڙجڪ جي بنيادي ڍانچي ۾ رواجي طور هيٺيان انتظام شامل آهن.

- سرڪار جو پرجاوادي ۽ لوڪشاهي روپ
- جوڙجڪ جو سنگهه راڄيه وارو روپ.
- ديش جي ايڪتا ۽ اکنڊتا کي وڌائڻ
- ديش جي خودمختياري
- ڌرم نرپيڪشتا ۽ جوڙجڪ جو سڀ کان اوچو درجو.

**(۲) اهم عدالتي فيصلا :**

جوڙجڪ جي بنيادي حقن ذريعي ناگرڪن کي مليل بچاءُ وڌيڪ ڪارائتو ڪرڻ لاءِ عدالت انيڪ فيصلا ڪيا آهن عدالت جيڪي به اهميت وارا فيصلا ڏنا. اُن ۾ ٻارن جا حق، انساني حقن جو جتن، عورتن جي عزت ۽ مان جو جتن، شخصي آزادي، آديواسي سماج کي مضبوط ڪرڻ جهڙا وشيه هن ۾ اچن ٿا. عدالت جي هنن وشين جي فيصلن تي ڀارت جي سياسي ترتيب مضبوط ٿيڻ ۾ مدد ملي.

**سمجهو! هي اَهم آهي.**

- لوڪشاهي ۽ لاءِ سنو راڄ ڪاروبار هلائڻ ضروري آهي. ان لاءِ هيٺيون خاصيتون ضروري آهن. سُٺي ڪاروبار جون اهي خاصيتون لوڪشاهيءَ ۾ آڻڻ لاءِ ڇا ڪرڻو پوندو؟
- جوابداري سمجهندڙ سرڪار
- اثردار ۽ ڪارگر سرڪار
- رد عمل ڏيندڙ سرڪار
- صحيح ۽ سيني کي شامل ڪندڙ واڌارو
- سرڪاري ۽ سرشتي ۽ فيصلي وٺڻ ۾ ماڻهن جو ڀهرو.

**ڄاڻي وٺو.**

گذريل ڪن سالن ۾ عدالت هنن وشين تي فيصلا ڏنا آهن. اُهي ڳولهيو ۽ اُن تي چرچا ڪريو.

ڀارتي لوڪشاهي نسبت جوڙجڪ ۽ ان تي مدار رکندڙ سرڪار جي سفر جو اسين هتي جائزو ورتو پوءِ به ڀارتي لوڪشاهيءَ اڳيان انيڪ للڪارون آهن. سرڪاري قاعدي سبب سڀ مسئلا حل تي ويا ائين نه آهي اڃ به ڪيترائي سوال ٿيڻ باقي آهن پوءِ لوڪشاهيءَ لاءِ ضروري ماڻهن جو رُخ ٻڌيو آهي.

ايندڙ باب ۾ اسين ڀارت ۾ چونڊن جي ترتيب بابت ڄاڻ وٺنداسين.

**۱. ڏنل متبدل جوابن مان مناسب جواب چونڊي بيان پورا ڪريو**

(۱) مهاراشٽر ۾ مڪاني خود حڪومت سنستائن ۾ عورتن لاءِ .......... پد محفوظ رکيل آهن.

(الف) ۲۵ %　　(ب) ۳ %

(پ) ۴ %　　(ٻ) ۵ %

**(۲) هيٺين مان ڪهڙي قاعدي ذريعي عورتن کي پنهنجي آزادي جتن ڪرڻ ۽ واڌارو ڪرڻ لاءِ نهڪندڙ ماحول نهيو آهي؟**

(الف) ڇاڻ جو حق قاعدو

(ب) ڏيتي - ليتي خلاف قاعدو

(پ) ڪاڏي جي حفاظت قاعدو

(ٻ) انهن مان ڪوبہ نہ

**(۳) لوڪشاهيءَ جو مکيہ حصو - پتو**

(الف) بالغ کي ووٽ جو حق

(ب) ستا جو غير مرڪزيڪرڻ

(پ) محفوظ پدن جو انتظام

(ٻ) عدالتي فيصلا

**۲. هيٺيان بيان صحيح آهن يا غلط، سبب ڏيئي سمجهايو.**

(۱) پارٽي لوڪشاهي دنيا ۾ وڏي لوڪشاهي مڃي ويندي آهي.

(۲) ڄاڻ جي حق سبب سرڪار جي ڳجهائي وڌي آهي.

(۳) جوڙجڪ جو روپ ڪنهن زندهہ دستاويز جيان هوندو آهي.

**۳. هيٺيان عام ويچار سمجهايو**

(۱) حقن تي آڌارت نظريو.

(۲) ڄاڻ جو حق

(۳) لوڪ سڀا ۾ عورتن جو عيوضيپڻو.

**۴. هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

(۱) ووٽنگ لاءِ عمر ۱۱ کان ۱۸ سال ڪرڻ جا ڪهڙا نتيجا ٿيا.

(۲) سماجڪ نياءُ برپا ڪرڻ معني ڇا؟

(۳) عدالت جي ڪهڙن فيصلن سبب عورتن جي عزت ۽ مان جو جتن ٿيو آهي؟

**مشغولي :**

(۱) ڄاڻ جي حق وسيلي ڪهڙي ڄاڻ هٿ ڪري سگهجي ٿي. ان بابت ماستر جي مدد سان ڄاڻ وٺو.

(۲) ٿورائيءَ وارن شاگردن لاءِ سرڪار ڪهڙيون سهوليتون ڏيندي آهي. انجي ياداشت لکو.

(۳) راشٽريہ چونڊن جي منڊل جي ويب سائيٽ تي وڃي وڌيڪ ڄاڻ هٿ ڪريو.

(۴) پنهنجي پسگردائيءَ ۾ مڪاني خريد حڪومت سنستائن جي عورت عيوضين جي ملاقات وٺو.

5QXZKC

# ٢.چونڊن جي ترتيب

ڀارت جي لوڪشاهيءَ جي سفر ۾ چونڊن جو وڏو هٿ آهي. چونڊون ۽ عيوضيپڻو لوڪشاهيءَ سان واسطيدار اهم ترتيب آهي. اسان کي ڄاڻ آهي ته چونڊن ذريعي عيوضي چونڊيا ويندا آهن. چونڊن سبب سٺا شانتيڪي نموني بدلجندي آهي. جُدا جُدا پارٽين کي راڄ ڪاروبار جو موقعو ملندو آهي. سرڪار جي نيتين ۾ تبديل اچي ٿي ۽ سماجڪ جيون پڻ بدلجي ٿو. ماڻهن جي ڀاونا هوندي آهي اسان جا عيوضي ڪارائتا، ايماندار، وشواسي ۽ جنتا جي راءِ جو قدر ڪندڙ هجن ڪين چونڊن وارين چونڊن جي ترتيب به کليل واجب ۽ ڀروسيمند هئڻ گهرجي. اهو خيال ۾ رکي ڀارت جي جوڙجڪ چونڊون ڪرائڻ لاءِ آزاد چونڊن جي منڊل جو انتظام ڪيو آهي.

ڀارت جو چونڊن جو منڊل ۽ راڄيه سطح تي راڄيه چونڊون جو منڊل سڀ چونڊون ڪرائيندا آهن. چونڊن جي تاريخ کان چونڊون جو نتيجو ظاهر ڪرڻ تائين چونڊن جي سچي ترتيب چونڊن جي منڊل جي رهبريءَ ۾ ضابطي ۾ ٿيندي آهي.

## چا توهان کي ڄاڻ آهي؟

جديد لوڪشاهي عيوضيپڻي واري لوڪشاهي آهي. لوڪشاهيءَ ۾ فيصلي وٺڻ ۾ سڀني ناگرڪن کي شامل نه ٿو ڪري سگهجي ان ڪري جنتا پڻ پاڻ ڪن ماڻهن کي عيوضي طور راڄ ڪاروبار هلائڻ جي لاءِ چونڊيندي آهي. عيوضين مان اُميد هوندي آهي ته جنتا ڏانهن جوابدار رهي ان يلي لاءِ راڄ ڪاروبار ڪن.

هڪ وڏي ۽ ڪشادي لوڪشاهيءَ جي ترتيب جي چونڊون اڻ ٽٽ حصو آهي. هن باب ۾ اسين چونڊن جي منڊل جي بناوت، ڪم ۽ پوميڪا سمجهنداسين چونڊ جي ترتيب ۾ ڪهڙا سڌارا ضروري آهن اِن بابت ڳالهه ٻولهه ڪنداسين.

## چونڊن جو منڊل

ڀارت ۾ چونڊن جي ترتيب جي مرڪز ۾ چونڊن جو منڊل آهي. ڀارتي جوڙجڪ جي قلم ٣٢۴ ذريعي اِن آزاد منڊل جي اِستاپنا ڪيل آهي. ان ۾ هڪ مکيه چونڊن جو ڪمشنر (آيڪت) ۽ ٻيا ٻه چونڊن جا ڪمشنر هوندا آهن.

چونڊن جي هڪ ڪمشنر جي مقرري راشٽرپتي ڪندو آهي. چونڊن جي منڊل جي آزادي قائم رکڻ جي لاءِ مکيه ڪمشنر کي سؤلو يا ڪنهن سياسي سبب ڪري پد تان لاءِ نٿو سگهجي. چونڊن جي منڊل جي خرچ جي لاءِ الڳ انتظام هوندو آهي.

## چا توهان کي ڄاڻ آهي؟



سُ ڪمار سين

آزاد ڀارت جو پهريون چونڊن جو مکيه ڪمشنر سُ ڪمار سين هو، سال ١٩٢١ ۾ سين برٽش حڪومت جي ڪاروباري سيوا ۾ حاضر ٿيا ١٩٥٠ ۾ چونڊن جي منڊل جي اِستاپنا ٿيڻ کان پوءِ هن کي مکيه ڪمشنر جو پد ڏنو ويو تمام ڏکين حالتن ۾ سين هوشياريءَ سان منڊل جو ڪم ڪار هلايو.

چونڊن جي منڊل وٽ پنهنجا الڳ ملازم آهن. بين سرڪاري وڀاڳن جي عملدارن ماسترن ۽ ملازمن جي مدد سان چونڊن ڪرايون وينديون آهن.

## چونڊن جي منڊل جا ڪم

### (۱) ووٽرن جي لسٽ ٺاهڻ :

۱۸ سال عمر پوري ڪيل هرهڪ ڀارتي ناگرڪ کي چونڊن جو حق آهي. اهو حق ماڻڻ لاءِ هن جو نالو ووٽر لسٽ ۾ هئڻ ضروري آهي. ووٽر لسٽ ٺاهڻ اُهي تازو ٻڌائڻ نون ووٽرن کي شامل ڪرڻ وغيره ڪم منڊل ڪندو آهي. ووٽرن کي سڃاڻپ ڪارڊ ڏيڻ جو اڌيڪار چونڊن جي منڊل کي آهي. ووٽرن کي سڃاڻپ ڪارڊ ڏيڻ جو اڌيڪار چونڊن جي منڊل کي آهي.



**ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟**

ووٽر درج ڪرڻ لاءِ خاص ووٽر سُڄاڳي مُهم هلائي ويندي آهي ان لاءِ راشٽريہ ووٽر - ڏينهن ملهائبو آهي.

### (۲) چونڊن جو ٽائيم ٽيبل ۽ سمورو ڪاريہ ڪرم ٺاهڻ :

چونڊن جي سموري ڪم جي جوابداري پر چونڊن جي منڊل جي هئڻ سبب کهڙي راڄيہ ۾ ڪڏهن ڪيترن ڏاڪن ۾ چونڊون ڪرائجن اهو منڊل طيءِ ڪندو آهي.

### (۳) اميدوارن جي عرضن جي ڇنڊڇاڻ:

چونڊن جون تاريخون ظاهر ٿيڻ کانپوءِ پارٽيون پنهنجا اُميدوار چونڊن ۾ بيهاريندون آهن. ڪي اُميدوار بنا ٻي پارٽيءَ جي آڌار تي آزاد بيهندا آهن. انهن سيني اُميدوار کي چونڊن ۾ بيهڻ لاءِ عرض داخل ڪرڻا پوندا آهن ان ۾ پنهنجي پوري ڄاڻ ڏيڻي پوندي آهي. انهن عرضن جي باريڪيءَ سان ڇنڊڇاڻ ڪري چونڊن جو منڊل قابل اُميدوارن کي چونڊن ۾ بيهڻ جي منظوري ڏيندي آهي.



**ائين ڇو ڪرڻو پوندو؟**

- اُميدوار کي عمر سان گڏوگڏ ٻي ڄاڻ بہ آيوگ کي ڏيڻ ڇو ضروري آهي؟
- اُميدوار کي پنهنجي ملڪيت جي ڄاڻ آيوگ کي ڇو ڏيڻي پوندي آهي.

### (۴) سياسي پارٽين کي مڃتا ڏيڻ :

اسان جي ديش ۾ بهو - پارٽي طريقو آهي ان ڪان سواءِ ٽيون پارٽيون بہ برپا ٿين ٿيون ڪڏهن ڪڏهن پارٽين ۾ قوت بہ پوندي آهي. انهن سيني پارٽين لاءِ چونڊن جي منڊل جي مڃيتا ضروري آهي. منڊل کي ڪنهن پارٽيءَ جي مڃتا رد ڪرڻ جو بہ اڌڪار آهي منڊل پارٽين کي چونڊن جا نشان ڏيندو آهي.

### (۵) چونڊن نسبت تقرار نبيرڻ :

چونڊن نسبت ڪو تقرراد پيدا ٿيڻ تي اهو نبيرڻ جي جوابداري چونڊن جي منڊل جي آهي. ان نسبت ڪنهن تَڪ ۾ وري چونڊون ڪرائڻ يا اُميدوار کي ناقابل ظاهر ڪرڻ جو ڪم منڊل جو آهي.

**توهان ٻڌائي سگهندا؟**

سياسي پارٽين کي مڃتا ڏيڻ وقت چونڊن جو منڊل ڪهڙيون ڪسوٽيون رکندو آهي؟



**ائين ڇو ؟**

- انوسُوچت جاتين ۽ انوسوچت جماعتن لاءِ ڪي تڪ محفوظ رکيل آهن.
- سيني سياسي پارٽين کي نشان هوندا آهن.
- چونڊن وقت ۽ ٻَٽپ وقت پارٽين جا منظور ڪيل عيوضي هوندا آهن.
- ٽي وي، ريڊيو وغيره ڇوڙس ڦهلاءُ جي ماڌيمن تي سيني پارٽين کي پنهنجو پاسو رکڻ جو موقعو هوندو آهي.

## تکن جي وري رچنا :

لوڪ سڀا جي ميمبرن جو ڪل تعداد ٥۴٣ آهي اهي ميمبر ڪيئن چونڊيا ويندا آهن؟ هرهڪ ميمبر هڪ تڪ جو عيوضي هوندو آهي. لوڪ سڀا جا ڪل ٥۴٣ تَڪ آهي تڪ ٺاهڻ جو ڪم حد مقرر ڪندڙ سمتي (Delimitation Comission) ڪندي آهي.

ڪنهن به دٻاءَ بنا اها سمتي بي طرفداريءَ سان اهم ڪم ڪندي آهي.

### چاڻ وٺون

ووٽ ڏيڻ اسان جو فرض آهي ۽ جوابداري به!




### توهان جي خيال کان هيٺين مان ڪهڙيون به ڳالهيون آچار سنهتا جي ڀڃڪڙي ڪندڙ آهن؟

* اُميدوار طرفان ماڻهن کي گهرو سامان ورهائڻ.
* چونڊجي اچڻ کانپوءِ پاڻيءَ جو مسئلو حل ڪرڻ جو ڀروسو ڏيڻ.
* گهر گهر وڃي ووٽرن سان ملڻ ۽ ووٽ ڏيڻ جي وينتي ڪرڻ
* جات ۽ ڌرم جو واسطو ڏيئي ووٽ ڪرڻ لاءِ چوڻ.

ووٽرن لاءِ آچار سنهتا ۾ توهان ڪهڙا نيم ٺاهيندا؟

### خيال ۾ رکو :

هماچل پرديش راڄيه جو شيام شرڻ نيگي ڀارت جو پهريون ووٽر بڻيو. ٢٥ آڪٽوبر ١٩٥١ تي ٿيل لوڪ سڀا جي چونڊن ۾ هن پنهنجو ووٽ ڏيڻ جو حق ماڻيو.



## چونڊن جي ترتيب

تڪ ٺاهڻ
↓
ووٽر لسٽ تازو ڪرڻ
↓
اُميدوارن طرفان عرض ڏيڻ
↓
چونڊن جو پرچار
↓
ووٽنگ
↓
ووٽن جي ڳڻپ
↓
چونڊن جو نتيجو ظاهر ڪرڻ
↓
سوالن کي نبيرڻ

## آچارسنهتا معني ڇا؟

پارٽ ۾ چونڊون وڏ ۾ وڏ واجب ۽ ڪليل واتاورڻ ۾ ٿيڻ لاءِ جيڪي اپاءَ ڪيا آهن اُنهن ۾ آچار سنهتا (Code of Conduct) شامل آهي. گذريل ڪن ڏهاڪن کان پوءِ چونڊن جي منڊل پنهنجا اڌڪار واپرائي چونڊن جي غلط ڳالهين کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي آهي چونڊن کان ڪجهه وقت اڳ ۽ چونڊن درميان سرڪار، سياسي پارٽيون ۽ ووٽر ڪهڙن نيمن جو پالن ڪن اهو آچار سنهيتا ۾ ٻڌايل هوندو آهي. انهن نيمن کي سرڪار ٻه توڙي نٿي سگهي گذريل ڪن چونڊن ۾ آچار سنهتا جي ڪارروائي سبب عام ووٽر راحت محسوس ڪئي آهي.

### آزاد ۽ واجب چونڊن ڪرائڻ ۾ للڪارون :

اسان جي ديش جي پکيڙ ۽ ووٽرن جو تعداد موجب چونڊون ڪرائڻ تمام ڏکيو ڪم آهي چونڊن جي منڊل کي قاعدي جي چوکٽ ۾ رهي. انهن للڪارن کي منهن ڏيڻو پوندو آهي. ڪن للڪارن جو هتي ذڪر ڪيل آهي.

- چونڊن ۾ وڏي پئماني تي مالي غير وهنوار ٿي رهيو آهي. اهو روڪڻ لاءِ منڊل کي ڪيترائي اُپاءَ ڪرڻا پوندا آهن.
- ڪن اُميدوارن کي پس منظر گُنهگاريءَ جو هوندي ٻه سياسي پارٽيون کين ٽڪيٽ ڏينديون آهن ۽ اُهي چونڊجي ٻه ايندا آهن. ان سبب راڄنيتيءَ ۾ گنگهاري وڌي ٿي ۽ منڊل کي آزاد ماحول ٺاهڻ ۾ ڏکيائي اچي ٿي.
- چونڊن ۾ ٿيندڙ هنسا ٻه وڏي للڪار آهي هنسا جو انداز وڌي رهيو آهي. هنسا روڪڻ لاءِ سڀني سياسي پارٽين کي چونڊ جي منڊل جي مدد ڪرڻ گهرجي.



### ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟

پهرين لوڪ سڀا چونڊن ۾ ووٽر لسٽ ٺاهڻ جو ڪم ڏکيو هو. ديش ۾ اڻ پڙهيلن جو انداز وڌيڪ هو. ان ڪري چونڊن لاءِ هڪ خاص طريقو اپنايو ويو. ووٽنگ لاءِ اٽڪل ويهه لک اسٽيل جون پيٽيون ٺهرايون ويون. انهن تي سياسي پارٽين جا نشان چيڪايا ويا. جنهن پارٽيءَ کي ووٽ ڏيڻو آهي اُن پيٽيءَ ۾ ڪوري ڪاغذ کي موڙي وجهجي ان سان اڻ پڙهيل ماڻهو ٻه ووٽ ڪري سگهيا.

• راڄنيتيءَ ۾ اسانجي ڪٽنب جو دٻدٻو رهي ان لاءِ متن مائٽن کي ٽڪيٽون ڏنيون وينديون آهن. ان سان عيوضين جي سنستائن ۾ ڪٽنبي هڪ هٽي پيدا ٿي سگهي ٿي.

**ويچار ڪريو :**

• گهراڻي شاهيءَ سبب سياسي ڌرن (پارٽين) جو ڇا نقصان ٿيندو آهي؟

• هڪ ووٽ هڪ ’مُله‘ جو مطلب سمجهايو.

### چونڊن ۾ سُڌارا :

چونڊن هڪ ساندهه هلندڙ ترتيب آهي. چونڊن تي لوڪشاهيءَ جو مستقبل مدار رکي ٿو مناسب سُڌارا ٿيڻ سان چونڊن ۾ وشواس وڌي ٿو. اڳتي سڌارا ٻڌايل آهن. انهن جا ڪهڙا اثر ٿي سگهن ٿا؟

• عورتن جي راڄنيتيءَ ۾ حصيداري وڌائڻ لاءِ پارٽيون ۵۰ سيڪڙو عورت اُميدوارن کي ٽڪيٽون ڏيڻ ۽ کين کٽائڻ جي ڪوشش ڪن.

• گنهگاري پس منظر جي ماڻهن کي سياسي پارٽيون اُميدواري نہ ڏين ان نسبت عدالتن جي آديشن جو پالن ڪن.

• چونڊن جو خرچ سرڪار ڪري ان سان سياسي پارٽيون غير وهنوار نہ ڪنديون ۽ چونڊن ۾ پئسي جو استعمال روڪي سگهبو.

• عيوضيپڻي جي قاعدي ۾ تبديل ڪري گنهگاري پسن منظر جا ماڻهو چونڊن ۾ شامل نہ ٿين ان جو خيال رکجي.

### ووٽنگ باڪس کان اي. وي. ايم مشين تائين جو سفر



آزاد ڀارت ۾ پهريون چونڊن ۱۹۵۱-۵۲ ۾ ٿيون. چونڊن ذريعي لوڪ شاهيءَ کي روپ ڏيڻ جي شروعات هن وقت ۾ ٿي شروعات ۾ ڪيترين ئي چونڊن ۾ ووٽنگ باڪس واپرايا ويا. ۱۹۸۰ جي ڏهاڪي کان اليڪٽرانڪ ووٽنگ مشين (EVM Machine ) واپرائجڻ لڳيون ووٽنگ ۾ مشينن جي اِستعمال سان ڪيترين ڳالهيون سوليون ٿي پيون. اي ئي ايم مشين تي ڊيڪاريل اُميدوارن مان ڪنهن کي ووٽ نہ ڏيڻو هجي تہ ’مشين مان ڪوبہ نہ‘ (None of The Above -NOTA) جو چارو ڏيڻ ممڪن ٿيو. دويانگ ماڻهن کي لاءِ بہ ووٽ ڏيڻ سؤلو ٿيو. پسگردائيءَ جي بچاءَ ۾ مدد ملي. وڻ ڪٽڻ تي روڪ پئي. چونڊن جا نتيجا بہ جلد نڪرڻ لڳا.

**هي بہ ڄاڻي وٺو :**

**عام چونڊون :** هر پنجن سالن ۾ ٿيندڙ لوڪ سڀا جي چونڊن کي عام چونڊون چئجي ٿو.

**وچ مُدي جون چونڊون :-** چونڊيل سرڪار مُدو پورو ٿيڻ کان اڳ ئي ٽوڙائيءَ ۾ اچي وڃي يا گڏيل سرڪار ۾ سائي ڌر ٽيڪو ڪڍي ڇڏي تہ سرڪار ٿي گهٽائي ختم ٿي ويندي آهي. بي سرڪار اِستاپت ٿيڻ ممڪن نہ هجي تہ ان وقت مُدي کان اڳ چونڊون ڪرائڻيون پونديون آهن.انهن کي وچ مُدي جون چونڊون چئجي ٿو.

**اُپ چونڊون باءِ اليڪشن -** وڌان سڀا لوڪ سڀا ۽ مڪاني سنستائن جي ڪنهن ميمبر جي اِستعفا ڏيڻ تي يا ڪنهن ميمبر جي موت ٿيڻ تي جڳهہ خالي ٿئي ٿي. ان جڳهہ لاءِ وري چونڊون ڪرائجن ٿيون. انکي اُپ چونڊون چئجي ٿو.



**ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟**

۸ آڪٽوبر ۲۰۱۰ تي چونڊن جي منڊل ماهرن جي هڪ سمتي اِستاپن ڪئي. اليڪٽرانڪ ووٽنگ مشين ۾ ووٽرن جي چڪاس پاوتيءَ ( VVPAT (Voter Verified paper Audit Trail جي سهوليت شامل ڪئي ويئي انڪي سبني سياسي پارٽين ٽيڪو ڏنو ان سان ووٽر چڪاس ڪري سگهن ٿا تہ سندن ووٽ جي برابر داخلا ٿي يا نہ. چونڊن ۾ غلط وهنوار کي روڪڻ لاءِ اهو اهم قدم هو.

هن باب ۾ اسين چونڊن جي ترتيب جا انيڪ پاسا ڏٺا. ايندڙ باب ۾ اسين ڀارت جي سياسي پارٽين بابت اڀياس ڪنداسين.



## اڀياس

**۱. ڏنل متبدل جوابن مان مناسب جواب چونڊي پيا پورا ڪريو.**

(۱) چونڊن جي ڪمشنر جي مقرري ............ ڪندو آهي.

(الف) راشٽرپتي (ب) پرڌان منتري

(ب) لوڪ سڀا سڀاپتي (پ) اُپ راشٽرپتي

(۲) آزاد ڀارت جو پهريون چونڊن جو ڪمشنر ......... هو.

(الف) ڊا. راجيندر پرساد (ب) ٽي ئي اين سيشن (ب)سُڪمار سين (پ) نيلا ستينارائڻ

(۳) ٽڪن ناهڻ جو ڪم چونڊن جي منڊل ............ سمتي ڪندي آهي.

(الف) چونڊ (ب) حد مقرر ڪندڙ

(ب) ووٽنگ (پ) ٽائيم ٽيبل

**۲. لکو تہ هيٺيان بيان صحيح آهن يا غلط.**

(۱) چونڊن جو منڊم چونڊن وقت آچار سنهيتا لاڳو ڪندو آهي.

(۲) خاص حالتن ۾ چونڊن جو منڊل ڪنهن ٽڪ ۾ وري چونڊون ڪرائيندو آهي.

(۳) ڪنهن راڄيہ ۾ چونڊن ڪڏهن ۽ ڪيترن ڏاڪن ۾ ڪرائڻيون آهن اهو راڄيہ سڀا طيءِ ڪندي آهي.

**۳. ويچار سمجهايو**

(۱) ٽڪن جي وري -رچنا

(۲) وچ مُدي جون چونڊيون.

### ۴. هيٺيون خاڪو پورو ڪريو.

چونڊن جو
منڊل (يومڪا)

ووٽر (يومڪا)

چونڊن
جي ترتيب

سياسي پارٽيون ۽ سندن اُميدوار (يومڪا)

### ۵. هيٺين سوالن جا ٿوري ۾ جواب لکو.

(۱) چونڊن جي منڊل جا ڪم سمجهايو.

(۲) چونڊن جي ڪمشنر بابت ڄاڻ ڏيو.

(۳) چونڊن جي آچار سنهيتا جي ڄاڻ ڏيو.

**مشغولي :**

نقمي ووٽنگ جو (mock Poll) اِسڪول ۾ آيوجن ڪيو ۽ اها ترتيب سمجهيو.

# ٣. سياسي ڌرِيون

اڳين بابت ۾ اسين سنوڏان جو سفر ۽ چونڊن جي ترتيب جو روُپ سمجهيو، عام جنتا، لوڪشاهي، عيوضيپڻو ۽ چونڊون انهن سڀني کي جوڙيندڙ سڀ کان اهم ڪڙي آهي.

سياسي ڌر (پارٽي) اسين سياست بابت جيڪو پڙهندا يا پڙهندا آهيون ان مان گهڻو سياسي ڌرن سان لاڳاپو رکندو آهي. سياسي پارٽين جي مؤجودگيءَ سيني لوڪشاهيءَ انتظامن ۾ هوندي آهي. لوڪشاهيءَ سبب ئي سياسي ڌرون هڪ ٻئي سان چٽاڀيٽي ڪنديون آهن. هن باب ۾ اسين ڀارت جي سياسي ڌرن بابت ڄاڻ حاصل ڪنداسين.

توهان پنهنجي پسگردائيءَ ۾ انيڪ گروهن، سنسٿائن يا سنگهٺن کي ڪنهن ڪم جي پيروي ڪندي ڏٺو هوندو. الڳ الڳ تحرڪن بابت توهان پڙهندا آهيو. يعني سماج ۾ جيئن گروهه، سنسٿائون، تحرڪ ٿيندا آهن تيئن سياسي ڌُرون به چونڊون کٽڻ ۾ اڳرائي ڏيکاريندا آهن. سماج جي ٻين سنسٿائن، سنگهٺن ۽ سياسي ڌُرن ۾ فرق آهي. سياسي ڌرون هڪ طرح جا سماجڪ سنگهٺن آهن پر سندن مقصد ۽ ڪم جو طريقو الڳ آهي. ان نظريي کان ڇئي سگهجي ٿو ته سياسي ستا حاصل ڪرڻ لاءِ جڏهن ماڻهو گڏ اچي چونڊن ۾ بهرو وٺندا ته ان سنگهٺن کي 'سياسي ڌر' چئجي ٿو. سياسي ڌُر يعني چونڊن ۾ بيهي اهي کٽڻ لاءِ ۽ پوءِ سرڪار استاپن ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيل ماڻهن جو گروهه.

سياسي ڌن جون ڪي مکيه خاصيتون هيٺ ڏنل آهن.

**ستا حاصل ڪرڻ :** سياسي ڌُرن جو مقصد چونڊن ذريعي ستا حاصل ڪرڻو هوندو آهي. ستا لاءِ اهي سياسي ڌرون هڪ ٻئي سان چٽاڀيٽي ڪنديون آهن. ان چٽاڀيٽيءَ ۾ ڪُجهه غلط نه آهي پر انجو روُپ بي عيب هُجي.

**ويچار ڌارا جو آڌار :** هرڪا سياسي ڌُر ڪن 'نيتين، ويچارن جي پنيرائي ڪندڙ هوندي آهي. ڌُرن جي عام مسئلن بابت خاص پومڪا هوندي آهي. انهن سان اُن ڌر جي هڪ ويچار ڌارا ٺهندي آهي. اها ويچار ڌارا جن ماڻهن کي صحيح لڳندي آهي. اُهي اُن ڌر کي ووٽ ڏيندا آهن. ماڻهن جي ان پنيرائيءَ کي ڌُر جو آڌار چوندا آهن. جديد زماني ۾ سيني ڌرن جي ويچار ڌارا ساڳي آهي. ان ڪري ڌرن ۾ ويچار ڌارا موجب تفاوت ڪرڻ ڏکيو ٿي پيو آهي.

**ڌُر جو پڌرنامو :** ويچار ڌارا عمل ۾ آڻڻ لاءِ سياسي ڌرون پڌرنامو طيءِ ڪنديون آهن. ستا حاصل ٿيڻ تي ان پڌرنامي کي عمل ۾ آندو ويندو آهي. ستا نه به ملي ته ڌرون ان پڌرنامي جي آڌار تي ماڻهن جي پنيرائي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن.

**سرڪار استاپن ڪرڻ :** سياسي ڌرون سرڪار استاپن ڪري راڄ ڪاروبار هلائينديون آهن. گهڻائي حاصل ڪيل ڌر اهو ڪم ڪندي آهي. گهڻائي حاصل نه ڪيل ڌرون مخالف ڌر تي ڪم ڪنديون آهن.

**سرڪار ۽ جنتا وچ ۾ ڪڙي :** سياسي ڌرون سرڪار ۽ جنتا وچ ۾ ڪڙي تي ڪم ڪنديون آهن. اهي جنتا جون گهرون ۽ تڪليفون سرڪار تائين پهچائڻ جو ڪم ڪنديون آهن، سرڪار انهن ڌرن معرفت پنهنجن نيتين - ڪمن جي پنيرائي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي.

**اخبارن جي هيٺين خبرن مان توهان ڇا سمجهيو اهو توري ۾ ٻڌايو.**

- ستاڌاري درجي ورود ۾ سيني مخالف ڌرن جي ممبئيءَ ۾ ميٽنگ تي ڪسانن جا مسئلا ڪنيا ويندا!
- ستاڌاري ڌر ڳوٺاڻين ايراضين ۾ گفتگوُ ياترائن جو بندوبست ڪيو.

سمجهيو تہ توهان مخالف ڌر جا اڳوان آهيو. سرڪار صحت جي ڪيتر ۾ سُٺو ڪم نہ ڪيو آهي. مخالف ڌُر جي اڳوان طؤر توهان ڇا ڪندا؟

**ويچار ڪريو ۽ لکو :**

مهاتما گانڌي، ونوباڀاوي ۽ ڄئہ پرڪاش نارايڻ انهن ’بنا ڌُر واري لوڪشاهيءَ‘ جو ويچار اڳيان رکيو هو. هاڻوڪي وقت ۾ اهڙي لوڪشاهي آڻڻ لاءِ ڇا ڪرڻو گهرجي؟

## ڀارت ۾ ڌر سرشتي جو بدلجندڙ روپ

(۱) آزاديءَ ڪانپوءِ واري وقت ۾ ڪانگريش مضبوط ڌر هئي ڪي ايراضيون ڇڏي مرڪز ۽ راڄيہ سطح تي انڪي گهٽائي هئي. ڀارت جي سياست تي ان ڌر جو دٻدٻو هو. ان ڪري ان وقت جي ڌر سرشتي کي ’هڪ مضبوط ڌر جو سرشتو‘ چئجي ٿو.

(۲) هڪ مضبوط ڌر سرشتي ۾ ۱۹۷۷ ۾ للڪار ملي. اها للڪار ڪانگريس ڪانسواءِ ٻين ڌرن ڪئي.

(۳) ۱۹۸۹ جي لوڪ سڀا چونڊن ڪان پوءِ سياست ۾ هڪ ڌر جي دٻدٻي جي ڳالهہ ختم ٿي. ان ڪانپوءِ ڌرن ملي ڪري ’ميلاپ جي سرڪار‘ استاپن ڪرڻ شروع ڪيو. ميلاپي سرڪارُن ناهڻ جا تجربا ڀارتي جنتا پارٽي ۽ ڪانگريس ٻنهي ڌرن ڪيا ميلاپي سرڪارون استرتا آڻيندڙون آهن اها سوچ پارٽي ڌرن غلط ثابت ڪئي. ڀارتي سياسي سرشتي ۾ ميلاپي سرڪارن جي ڳالهہ عام ٿي ويئي آهي.



**ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

- هڪ سياسي ڌر جي هٿ ۾ ڊگهي عرصي ستا هئڻ ۽ ٻي ڪا بہ ڌر اثردار نہ هئڻ کي ’هڪ ڌري سرشتو‘ چوندا آهن.
- سياست ۾ بہ ڌرُن اثردار هُجڻ ۽ واري ڦيري سان ٻنهي کي ستا ملندي هجي تہ انکي ’بہ ڌُري سرشتو‘ چوندا آهن.
- انيڪ سياسي ڌرُن ستا لاءِ چٽاڀيٽي ڪن ۽ سيني جو سياست تي گهٽ يا وڌ اثر هجي تہ انکي ’ٻهوڌري سرشتو‘ چوندا آهن.



**ڪري ڏسو**

سياسي ڌرن جا بہ ميلاپ هيٺ ڏنل آهن. انهن جون ڀاڱيدار ڌرون ڳولهي نالو لکو.

(۱) راشٽر ۾ لوڪشاهي گنبنڌن (NDA)

(۲) گڏيل ترقي پسند گنبنڌن (UPA)

### هي بہ ڄاڻ وٺو.

راشٽريہ ڌر ۽ پرانتڪ ڌر ڪنهن کي چوندا آهن؟

**راشٽريہ ڌر طور مڃيتا حاصل ڪرڻ لاءِ چونڊن جي منڊل جون هيٺيون ڪسوٽيون پوريون ڪرڻيون پونديون آهن.**

(الف) چئن يا وڌيڪ راڄين ۾ لوڪ سڀا يا وڌان سڀا جي گذريل چونڊن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٦ سيڪڙو جائزو ووٽ ملڻ ضروري آهن.ان کان سواءِ گذريل چونڊن ۾ هڪ يا وڌيڪ راڄين مان گهٽ ۾ گهٽ ۴ ميمبر لوڪ سڀا لاءِ چونڊجي آيل هجن.

يا

(ب) ڪل لوڪ سڀا جي تڪن مان گهٽ ۾ گهٽ ٢ سيڪڙو تڪن مان ۽ گهٽ ۾ گهٽ ٣ راڄين مان اهڙا اُميدوار چونڊجي آيل هجن.

**پرانتڪ يا راڄير سطح جي ڌر طور مڃتا حاصل ڪرڻ لاءِ چونڊن جي منڊل هيٺيون ڪسوٽيون ظاهر ڪيون آهن.**

(الف) لوڪ سڀا يا وڌان سڀا جي گذريل چونڊن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ۴ سيڪڙو ووٽ حاصل ڪرڻ ۽ گهٽ ۾ گهٽ ٢ ميمبر وڌان سڀا ۾ چونڊجي اچڻ ضروري آهن.

يا

(ب) وڌان سڀا جي ڪل ميمبرن جو ٣ سيڪڙو ميمبر يا گهٽ ۾ گهٽ ٣ ميمبر چونڊجي اچڻ ضروري آهي.

اچو تہ ڀارت جي ڪن مکيہ سياسي ڌرن سان سڃاڻپ ڪريون .

اچو تہ ڀارت جي ڪن مکيہ سياسي ڌرن سان سڃاڻپ ڪريون.

## راشٽريہ ڌرون

(Ref : Election Commission of India, Notification No, 56/201/PPS-III, dated 13 December 2016)

### (١) پارٽي راشٽريہ ڪانگريس :

سن ١٨٨٥ ۾ ڀارتيہ راشٽريہ ڪانگريس جي اِستاپنا ٿي. اُن وقت ڪانگريس سيني کي سمائيندڙ ديش جي آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندڙ هلچل هئي ان ڪري اُن ۾ الڳ الڳ ويچار ڌارائن جا گروهہ گڏ آيل هئا. آزاديءَ ڪانپوءِ ڪانگريس سيني ڪام اثردار ڌر طور اڀيان آئي. ڌرم نرپيڪشپا، ڀومُڪي وڪاس، ڪمزور طبقن ۽ ٿورائيءَ وارن لاءِ برابر حق ۽ ڪشادو سماج ڪلياڻ، اهي ان ڌر جون شروعات کان نيتيون رهيون آهن. ان موجب ان ڌر ڪيترائي ڪاريہ ڪرم پڙ عمل ۾ آندا لوڪ شاهي سماجواد، انترراشٽريہ شانتي ۽ سماجڪ برابري تي ان ڌر جو وشواس آهي.

### (٢) پارٽي ڪميونسٽ پارٽي :

مارڪسوادي ويچار ڌارا تي آڌارت هن پارٽيءَ جي استاپنا ١٩٢٥ ۾ ٿي. هيءَ ڀارت جي هڪ جهوني پارٽي آهي. اها مزورن، ڪامگارن جي هت لاءِ ڪم ڪندي آهي. اها پارٽي سر مائيداري جي مخالف ڪندي آهي. ١٩٦٠ جي ڏهاڪي ان پارٽيءَ جي نيتائن ۾ ان ڳالهہ تي متڀيد پيدا ٿيو تہ چين ۽ سوويت يونين انهن ساميوادي (ڪميونسٽ) ديشن مان ڪنهن جي اڳواڻي قبول ڪجي ان سبب پارٽي ڪميونسٽ پارٽي (مارڪسوادي) ان پارٽيءَ جي ١٩٦٤ ۾ استاپنا ٿي.

(٣) **ڀارتي جنتا پارٽي :** ڀارتي جنتا پارٽي قومي سطح تي هڪ اهم ڌر آهي. ڀارتي جن سنگهه اها پارٽي ۱۹۵۱ ۾ استاپن ٿي. ۱۹۷۷ ۾ استاپن ٿيل جنتا پارٽيءَ ۾ ڀارتي جن سنگهه سمائجي ويو. پر وري ان پارٽيءَ ۾ ڦوٽ پئجي ويئي ۽ ڀارتي جن سنگهه، ڀارتي جنتا پارٽيءَ جي نالي سان ۱۹۸۰ ۾ نئين ڌر جي استاپنا ڪئي. پراچين ڀارتي سڀيتا، پرمپرا جو جتن ڪرڻ گهرجي اها ان پارٽيءَ جي سوچ آهي. مالي سڌارن تي ان پارٽيءَ جو زور آهي.



(۴) **ڪميونسٽ پارٽي (مارڪسوادي) :**



هيءَ پارٽي سماجواد، ڌرم نرپيڪشتا ۽ لوڪشاهيءَ کي مڃيندي آهي. سرمائيداريءَ کي انجي مخالفت آهي ان ڌر جي نيتي ڪامگارن، ڪسانن مزورن جو ڀلو چاهڻ آهي.

(۵) **بهجن سماج پارٽي :** ان پارٽيءَ جي ويچار ڌارا سماجواد جي آهي اها پارٽي ۱۹۸۴ ۾ استاپن ٿي ۽ انجو مقصد



بهجنن جو ڀلو ڪرڻ آهي. بهجن ۾ دلت، آديواسي، ڀيا پنتي ڀيل ۽ ٿورائيءَ وارا شامل آهن. ان پارٽيءَ جو مقصد پهچنن کي ستا حاصل ڪري ڏيڻ آهي.

(٦) **راشٽروادي ڪانگريس پارٽي :** ڪانگريس مان نڪتل هن پارٽيءَ جي استاپنا



۱۹۹۹ ۾ ٿي. هن پارٽيءَ جو وشواس لوڪشاهي، برابري، ڌرم نرپيڪشتا ملهن تي آهي. ڪانگريس جي ميلاپ سان ۱۹۹۹ کان ۲۰۱۴ تائين مهاراشٽر ۾ هن پارٽيءَ جي ستا هئي. مرڪزي سرڪار ۾ ٻه ۲۰۰۴ کان ۲۰۱۴ تائين ڪانگريس جي اڳوانيءَ واري گٺبنڌن جو هيءَ پارٽي حصو هئي.



(٧) ترڻمول ڪانگريس : آل اِنڊيا ترمول ڪانگريس پارٽيءَ جي استاپنا ۱۹۹۸ ۾ ٿي. ۲۰۱٦ ۾ چونڊن جي مڃينا ڏني. لوڪ شاهي، ڌرم نرپيڪشتا ۽ ڪمزور طبقن جو بچاءُ ان پارٽيءَ جي نيتي آهي.

**لوڪ سڀا جي ۲۰۰۹ ۽ ۲۰۱۴ جي چونڊن ۾ ڌرن کي حاصل ٿيل جڳهيون.**

| ڌر جو نالو | حاصل ٿيل جڳهيون | |
|---|---|---|
| | ۲۰۰۹ | ۲۰۱۴ |
| ڀارتي ڪانگريس پارٽي | ۲٦ | ۴۴ |
| ڀارتي ڪميونسٽ پارٽي | ۴ | ۱ |
| ڀارتي جنتا پارٽي پارٽي | ۱۱٦ | ۲۸۲ |
| ڪميونسٽ پارٽي (مارڪسوادي) | ۱٦ | ۹ |
| بهجن سماج پارٽي | ۲۱ | - |
| راشٽروادي ڪانگريس | ۹ | ٦ |




اخبارن ۾ توهان اهڙيون خبرون پڙهيون هونديون انهن وسيلي اسانکي پارٽي سنگهه راڄيہ جي الڳہ الڳہ راڄين جي پارٽين جي ڄاڻ ملي ٿي.

- اهي ڌروُن فقط راڄين تائين محدود آهن؟
- راڄين جا ڪي نيتا ر اشٽريہ سطح تي ڏسجندا آهن ۽ ڪي راڄيہ تائين محدود هوندا آهن. ائين ڇو؟

انهن سوالن وسيلي اسان ڀارت جي ڪجهہ پرانتڪ ڌرن جي سُٿاٽپ ڪنداسين ڀارت جي ڇئني طرفن جي راڄين جي ڪن ڌرن جو اسين هتي ويچار ڪنداسين.

ڀارت جي الڳہ الڳہ ڀاڱن ۾ الڳہ الڳہ ٻوليون ڳالهائيندڙ ۽ الڳہ رواج، سڀيتائون هوندڙ ماڻهو آهن. ان ر اڄيہ ۽ ماڻهن جي الڳہ ٻولي آهي راڄين جي جاگرافيڪل حالتن ۾ بہ تفاوت آهي. مهاراشٽر جي الڳہ الڳہ جاگر افيڪل ڀاڱن جو توهان ابياس ڪيو آهي. مهاڙشٽر مڌيہ پرديش يا ڪرناٽڪ راڄين ڪان الڳہ آهي تہ مهاڙشٽر ۾ بہ جاگرافيڪل، سڀيتڪ علحدگي آهي.

پنهنجي ٻولي ۽ پنهنجي ر اڄيہ بابت پنهنجائپ جي ڀاونا پئدا ٿي ڪجهہ وقت ڪانپوءِ ان بابت ايمان پئدا ٿيڻ تي ’پر انت واد‘ پئدا ٿيندو آهي.

ماڻهو پهرين پنهنجي ر اڄيہ جي ڀلي ۽ واڌاري بابت ويچار ڪندا آهن. پنهنجي ٻولي، ساهتيہ، پرمپرائون، سماجڪ سڌارن جو اتهاس، تعليمي ۽ سڀيتڪ تحرڪن بابت ايمان محسوس ٿيندو آهي ۽ ان مان ٻوليءَ جو ايمان محسوس ٿيندو آهي ۽ ان مان ٻوليءَ جو ايمان پختو ٿيڻ لڳندو آهي. اسانجي ڀاڱي جو واڌارو ٿئي انجي دؤلت ۽ روزگار جي موقعن تي اسانجو حق هنجي ان ڀاونا مان پرانتڪ ايمان پئدا ٿيڻ لڳندو آهي.

اهڙا ڀاشائي، سڀيتڪ ۽ لاڳاپيدار ايمان گڏ ٿيڻ تي پرانت واد جي ڀاونا مضبوط ٿئي ٿي. ان مان ڪڏهن ڪڏهن نين. سياسي ڌرن جي اسٿاپنا ٿئي ٿي تہ ڪڏهن ڪڏهن دٻاءُ وجهندڙ گروهہ تحرڪ پئدا ٿين ٿا. انهن سڀني جو هڪ ئي مقصد هوندو آهي. پنهنجي راڄيہ جو فائدو.

## پرانتڪ ڌُر

ڪنهن خاص پرانت جو ايمان هوندڙ ۽ اُنجي واڌاري لاءِ ستا جي ڇتاپيتي ڪندڙ سياسي گروهن کي پرانتڪ ڌر چوندا آهن انهن جو اثر انهن ر اجين تائين محدود هوندو آهي.
پنهنجي پرانت ۾ اثردار ڀومڪا نڀاهي آهي.
قومي سطح تي بہ پنهنجي ڇاپ ڇڏيندا آهن.

پرانتڪ ڌرون پرانتن جي مسئلن کي اڳرائي ڏيندا آهن. پنهنجي پرانت جو واڌارو ڪرڻ لاءِ کين اڌڪارن عيوض آزادي ضروري لڳندي آهي. سنگهه سرڪار کي سهڪار ڪندي پنهنجي آزادي سالم رکڻ جي ڪوشش پرانتڪ ڌر ڪندي آهي.

پرانتڪ ڌرن جي اها به مرضي هوندي آهي پرانتڪ مسئلا مڪاني سطح تي حل ڪجن. ستا ان پرانت جي ماڻهن هٿ هجي ڪاروبار ۽ واپار ۾ ان پرانت جي رهواسين کي اڳرائي ڏني وڃي.

## ڀارت جي پرانتڪ ڌرن جو بدلجندڙ روپ :

آزاديءَ ڪانپوءِ واري وقت کان ڀارت ۾ پرانتڪ ڌرون مؤجود آهن. پر سندن روُ ۽ يومڪا ۾ تبديل آئي آهي.

(۱) شروعاتي وقت ۾ پرانتڪ اڀيان مان کي قوت وجهندڙ تحرڪ پيدا ٿيا آزاد خلستان، دروڙ استان انهن جو مقصد سنگهه ر اجيه ڌارا تي الڳ ديش ٺاهڻ جو هو. ان نسبت پنجاب، تامل ناڊو ۽ جموُن ۽ ڪشمير جا مثال ڏيئي سگهجن ٿا.

(۲) پر انتڪ ڌرن جي يومڪا ڏيري ڏيري بدلجڻ لڳي الڳ ديش عيوض هوُ وڌيڪ طاقت جي گُهر ڪرڻ لڳا . اهو پرانتڪ ڌرن جي واڌاري جو ٻيو ڏاڪو هو. انجي شروعات اٽڪل ۱۹۹۰ ڪانپوءِ ٿي.

(۳) پنهنجي پرانت جي واڌاري لاءِ پنهنجي پرانت جي ماڻهن کي راجيه ۽ مرڪز ۾ ستا ملي اهڙي يومڪا پرانتڪ ڌروُن وٺڻ لڳيون.

مثال، شوسئنا، تيلگو ديشم

(۴) اُتر اوڀر ڀارت جي پر انتڪ ڌرن جي واڌاري جو لاڙو الڳ آهي. اتان جي سياسي ڌرن ڌار ٿيڻ جي گهر ڇڏي ڏني ۽ خود اختياريءَ جي گُهر شروع ڪئي. هاڻي اتان جون سڀ پرانتڪ ڌرون ڏيري ڏيري قؤمي ڌارا ۾ اچي رهيون آهن.

ٿوري ۾ چئجي ته ڀارت جي پرانتڪ ڌرن جو واڌارو ڌار ٿيڻ، اختياري ۽ مکيه قؤمي ڌارا ۾ شامل ٿيڻ انهن ڏاڪن ۾ ٿيو آهي. قؤمي سياست ۾ سندن اثر وڌيو آهي ۽ ميلاپي سرڪارون ان جو هڪ نتيجو آهي.

ڀارت ۾ انيڪ پرانتڪ ڌرون آهن هتي سيني ڌرن جي ڄاڻ ڏيڻ ممڪن نه آهي. ان ڪري اسين ڀارت جي اوڀر، اولهه، اُتر ڏکڻ ڪيترن جي ڪن چونڊ ڌرن سان سڃاڻپ ڪنداسين.

## ڪي مکيه پر انتڪ ڌرون

(۱)



شوسينا

مهاراشٽر جي مکيه سياسي ڌُر
۱۹٦٦ ۾ اِستاپنا

مراٺي ماڻهن جي حقن جو جتن، مراٺي ڀاشا جو واڌارو، ٻين پرانتن جي ماڻهن جو ورود.

۱۹۹۵ ۾ ڀارتي جنتا پارٽيءَ سان ميلاپ ڪري شوسينا پهريون دفعو ستا ۾ آئي. ۲۰۱۴ جي چونڊن ڪانپوءِ مهار اشٽر ۾ ڀا.ج.پا سان گڏ ستا ۾ ڀاڱيدار.
۲۰۱۹ جي چونڊين ۾ ڪانگريس ۽ راشٽروادي ڪانگريس پکش سان مهاوڪاس ميلاپ ڪري ستا ۾ آئي.

(٢)

شرومڻي اڪالي دل

پنجاب جي مکيہ پرانتڪ ڌر ١٩٢٠ ۾ استاپنا.

ڌرمي ۽ پرانتڪ ايمان پالڻ کي اڳرائي.

پنجاب ۾ ڪيترائي سال ستا ۾ .

(٣)

جمُون ۽ ڪشمير نئشنل ڪانفرنس

ڪشمير جي مکيہ سياسي ڌر ١٩٣٢ ۾ استاپنا .

ڪشميري جنتا جي فائدن جي پوئيواري خود اختياريءَ جي پالنا جي ڪوشش.

(۴)

آسام گڻ پريشد



سرڪار سان ڳالهہ ٻول ڪري ١٩٨٥ ۾ آسام قرار ١٩٨٥ ۾ استاپنا

جلا وطنن جا مسئلا حل ڪرڻ، آسام جي سيپيتڪ، ڀاشائي ۽ سماجڪ علحدگي سنڀالڻ مالي واڌاري لاءِ ڪوششون.

گڏريل چڱن سالن کان آسام ۾ ستاڌاري ڌُر

(۵)

## دروڙ مُنيتر ڪڙ گهم



۱۹۲۰ ۾ جسٽس پارٽي ان براهمڻن ڪانسواءِ واري تحرڪ بدلجي دروڙ مُنينر ڪڙگهم اها سياسي ڌُر بڻي. ۱۹۴۴ ۾ جسٽس پارٽيءَ کي دروڙ منيتر ڪڙ گهم نالي سان سڃاتو وڃڻ لڳو. ۱۹۴۹ ۾ ان مان هڪ گروهہ ٻاهر نڪتو ۽ دروڙ منيتر ڪڙگهم ڌر ٺهي ان مان وري هڪ ڌر الڳہ ٿي ۽ ان ۱۹۷۲ ۾ آل انڊيا انا دروڙ منيتر ڪڙگهم درجي اسٿاپنا ڪئي.

تمل ايمان پالڻ جي ڪوشش مرڪز ۾ بہ ڪُجھ عرصو پائيدار.

سيني سطحن جي ووٽرن جو ٽيڪو سنا ۾ گهڻو عرصو رهڻ سبب انيڪ يوجنائون هلايون.

ڀارت جي هرهڪ راجيہ ۾ انيڪ پرانتڪ ڌرون آهن. انهن اُتي اثر ڏيکاريو آهي. انجي مثال طؤر ڌرن جي گڏريل ٻن چونڊن جي ڪاريگري هيٺئين خاڪي ۾ ڏيکاريل آهي.

### مهاراشٽر جي پرانتڪ ڌرون (وڌان سڀا ۾ جڳهيون)

| ڌر جو نالو | ڪُل جڳهيون | |
|---|---|---|
| | چونڊون (۲۰۰۹) | چونڊون (۲۰۱۴) |
| شوسينا | ۴۴ | ۲ ٦ |
| مهاراشٽر | ۱۳ | ۱ |
| | ۴ | ۳ |
| | ۱ | ۱ |
| | – | – |
| | ۴ | ۱ |
| | ۵ | ۳ |

| ڌر جو نالو | ڪُل جڳهيون | |
|---|---|---|
| | چونڊون (۲۰۰۹) | چونڊون (۲۰۱۴) |
| راشٽريہ سماج ڌر | ۱ | ۱ |
| آل اِنڊيا مجلس - اي-عتحيدُلا مسلمين | * | ۲ |
| جن سُراجيہ شڪتي | ۲ | – |
| لوڪ سنگرام | ۱ | – |
| سواڀيماني ڌر | ۱ | – |

هن باب ۾ اسين ڀارت جي راشٽريہ ۽ پرانتڪ ڌرن جو جائزو ورتو. ايندڙ باب ۾ اسين سياسي تحرڪن جي اسانجي زندگيءَ ۾ اهميت ڄاڻينداسين.



**ڀڌايو ڏسان؟**

ڀارت جي سيني راجين ۾ پرانتڪ ڌرون آهن. انهن سيني کي هتي ڏيکاري نٿو سگهجي. ڀارت جي نقشي وسيلي اجان ڪن پرانتڪ ڌرن جي ڄاڻ هٿ ڪريو.

### ١. مناسب جواب چونڊي بيان پورا ڪريو.

(١) ساسي ستا حاصل ڪرڻ لاءِ جڏهن ماڻهو گڏ ٿي چونڊن جي ترتيب ۾ شامل ٿيندا آهن ته اُنهن سنگهٺن کي ................... چوندا آهن.

(الف) سرڪار (ب) سماج

(ب) سياسي ڌر (پ) سماجڪ سنستا

(٢) نئشنل ڪانفرنس ڌر .......... ۾ آهي.

(الف) اوڙيسا (ب) آسام

(ب) بهار (پ) جمون ۽ ڪشمير

(٣) جسٽس پارٽي اڳ براهمڻ ڪانسواءِ تحرڪ بدلجي ................ سياسي ڌر ٿي.

(الف) آسام گڻ پريشد (ب) شوسئنا (ب) دروڙ مُنيتر ڪڙگهم (پ) جمون ۽ ڪشمير نئشنل ڪانفرنس

### ٢. هيٺيان بيان صحيح آهن يا غلط سبب ڏيئي سمجهايو.

(١) سياسي ڌرون سرڪار ۽ جنتا وچ ۾ ڪڙي ٿي ڪم ڪنديون آهن.

(٢) سياسي ڌرون سماجڪ سنگهٺن ئي آهن.

(٣) ميلاپي سرڪار سبب استرتا پئدا ٿئي ٿي.

(۴) ’شرومڻي اڪالي دل‘ راشتريه ڌر آهي.

### ٣. هيٺيان ويچار سمجهايو.

(١) پرانتڪ واد (٢) راشتريه ڌر

### ۴. هيٺين سوالن جا ٿوري ۾ جواب لکو.

(١) سياسي ڌرن جون مکيه خاصيتون سمجهايو.

(٢) ڀارت ۾ درجي سرشتي ۾ ڪهڙي تبديل ٿي آهي؟

**مشغولي :**

(١) توهانجي ماءُ ڀيءُ جو نالو جنهن تَڪَ ۾ آهي اهو مهاراشٽر جي خاڪي نقشي ۾ ڏيکاريو.

(٢) ڀارت جي خاڪي نقشي ۾ مکيه سياسي پرانتڪ ڌرن جو اثر ڪٿي - ڪٿي آهي اهي جڳهيون ڏيکاريو.

# ۴. سماجڪ ۽ سياسي تحرڪ

هڪ مڪاني اخبار جي هيٺين خبر پڙهو

> ٻال وواهه ورودي تحرڪ کي چڱي ڪاميابي ملي آهي. ٻال وواهه جي انداز اٽڪل ۵۰ سيڪڙو گهٽيو آهي. ان تحرڪ جي ڪاريه ڪرتائن گهٽي سڄاڳيءَ سان ڪم ڪيو.
>
> ڏيتي ليتي ورودي تحرڪ جي ڪاريه ڪرتائن به ڪين مدد ڪئي. ساڳئي ايراضيءَ ۾ هاٽي غير خوُرش خلاف هلچل هلائڻ ضروري آهي. ڇو ته غريبي ۽ غير خورش اجا به مسئلا بڻيل آهن.

- اخبار جي ان خبر ۾ تحرڪن جو ذڪر آهي ان جي معنيٰ توهان ٻڌائي سگهندا؟
- ان خبر ۾ به ٽي وشيه ڏسجن ٿا يعني تحرڪ هڪ ٿي وشيه سان لاڳاپو رکندڙ هوندي آهي ڇا؟
- تحرڪن جي هڪ ٻئي کي سهڪار سان آهي وڌيڪ اثردار ٿينديون ڇا؟

اڳئين بابت ۾ اسين راشٽريه ۽ پرانتڪ ڌرن بابت ڄاڻ حاصل ڪئي. سياسي ڌرون ستا لاءِ چٽاپيتي ڪنديون آهن ۽ چونڊون کٽي، عام ناگرڪن جا مسئلا حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن. انهن جي پوموڪا عام سمائيندڙ هوندي آهي. اهي ڪنهن هڪ وشيه تي ڌيان ڏيئي نه سگهنديون آهن. صفائيءَ کان پولار سنشوڌن تائين سيني وشين تي ڪين راشٽريه نظريي کان ويچار ڪري فيصلو ڪرڻو پوندو آهي. سماج جي سيني ڄُڙن جي مسئلن لاءِ سياسي ڌرن وٽ ڪاريه ڪرم هئڻ گهرجي.

ڪسان، ڪامگار، ڪارخانيدار، عورتون، جوان، بزرگ انهن سيني لاءِ سياسي ڌرون نيتيون طيءِ ڪندا آهن.

## تحرڪ ڇو؟

سماج جا سڀ ماڻهو سياسي ڌرن ۾ شامل ٿي سماج لاءِ ڪُجهه ڪن اهو ممڪن نه آهي ڪي ماڻهو ڪن خاص مسئلن جي ئي پوئيواري ڪندا آهن. ان کي حل ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي گڏ ڪري سرڪار تي ڪو خاص ڪم ڪرڻ جو دٻاءُ آڻيندا آهن. ساندهه ڪم ڪري عام راءِ ٺاهي سياسي ڌرن ۽ سرڪار تي دٻاءُ آڻڻ جو ڪم ڪندا آهن. انهن گڏيل ڪمن کي ’تحرڪ‘ چوندا آهن. گڏيل ڪم تحرڪ جو مکيه حصو هوندا آهن.

لوڪ شاهيءَ ۾ تحرڪن کي خاص اهميت آهي. تحرڪن سبب انيڪ عام مسئلن تي ڳالهه ٻول ٿيندي آهه سرڪار کي انهن سوالن تي ڌيان ڏيڻو پوندو آهي. تحرڪ جا اڳوان ڌيان ان مسئلي بابت سرڪار کي سچي ڄاڻ ڏيندا آهن. نيتيون ٺاهڻ وقت سرڪار کي ان ڄاڻ مان مدد ملندي آهي.

سرڪار جي ڪن فيصلن يا نيتين جي خلافت ڪرڻ به تحرڪ ڪيا ويندا آهن. اعتراض جو حق (Right to Protest) لوڪشاهيءَ ۾ هڪ اهم حق آهي. پر اهو خوب جوابداريءَ سان واپرائڻ گهرجي.



**پڙايو ڏسان**

> وستاپتن کي وري وسائڻ سندس جيون جا وسيلا محفوظ رهن ان لاءِ اسانجي ديش ۾ ڪهڙا تحرڪ ٿيل آهن؟

## تحرڪ جي معنيٰ

- تحرڪ هڪ گڏيل ڪم آهي ان ۾ انيڪ ماڻهن جو جشن سمپاڳ گهربل هوندو آهي.
- تحرڪ هڪ خاص مسئلي لاءِ ٿيل ماڻهن جو سنگهٽن آهي. مثال غلاظت جي مسئلي بابت ڪڙو ڪيل تحرڪ
- : تحرڪ اڳيان هڪ خاص عام مسئلو يا سوال هوندو آهي مثال پرشٽاچار خلاف تحرڪ جو مقصد اهو متائڻ جو هوندو آهي.
- - تحرڪ ڪي اڳوان هوندو آهي اڳواڻيءَ سبب تحرڪ ۾ ڦڙتي رهندي آهي. تحرڪ جي مقصد، ڪاريہ ڪرم. هلچل جو روپ بابت فيصلا وٺي سگهبا آهن سُنو اڳوان هئڻ تي فيصلا وٺي سگهبا آهن. سُنو اڳوان هئڻ تي تحرڪ اثردار ٿيندي آهي.
- تحرڪن جا سنگهٽن هوندا آهن سنگهٽن ڪانسواءِ مسئلن جي پوئيواري ممڪن نہ آهي ڪانسواءِ مسئلن جي پوئيواري ممڪن نہ آهي. مثال، ڪسانن جي تحرڪ لاءِ ڪسانن جا سنگهٽن ڪم ڪندا آهن.
- ڪنهن بہ تحرڪ لاءِ جنتا جي پنيرائي ضروري آهي. تحرڪ جو مسئلو جنتا کي پنهنجو محسوس ٿيڻ گهرجي. تحرڪ خاص ڪاريہ ڪرم هلائي عام راءِ ٺاهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

### ڳالهہ ٻول ڪريو.

جينوٽيڪ تحرڪ هڪ ئي مسئلي جي پوئيواري ڪندي آهي تہ بہ ان پنيان هڪ ڪشادي ويچار ڌارا هوندي آهي. مثال.ٻال وواهہ يا ڏيتي ليتيءَ بندش تحرڪ جو لوڪشاهي، عورتن جو مضبوطي ڪرڻ، سماجڪ برابري انهن ملهن تي وشواس هوندو آهي. تحرڪ وقت گذرندي سياسي ڌرن ۾ بدلجندا آهن.

### ٻُڌايو

- ڀارت ۾ ڪهڙن تحرڪن سبب عدالت ۾ عام ڀلي جي درخواست داخل ٿي ۽ عدالت کي ان تي فيصلو ڏيڻو پيو؟
- مهاتما ڦلي، مهاتما گانڌي، سنت گاڙگي مهاراج، ڊا. بابا صاحب امبيڊڪر انهن ڪهڙا تحرڪ هلايا؟

### هيٺين گفتگو پڙهو ۽ اُن تي هڪ پئراگراف لکو.



ڳالهه ٻولهه ڪريو.

ڀارت ۾ يوميپٽرن جا تحرڪ ڪهڙن مُدن جي گهر ڪن ٿا؟

**ڪري ڏسو**

انڌ شرڌا هٽايو تحرڪ، ندين جي غلاظت روڪڻ لاءِ تحرڪ، استري گرپ جي هتيا خلاف هلچل، ناٽ ان مان نيم تحرڪ وغيره بابت اخبار ۾ ايندڙ خبرن کي گڏ ڪريو.

**ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟**

- عام مسئلا فقط سماجڪ ڪيتر جا هوندا آهن. ائين نه آهي، اهي ڪنهن به ڪيتر جا ٿي سگهن ٿا سماج ۾ سڌاري لاءِ اسان جي ديش خاص ڪري مهاراشٽر ۾ انيڪ تحرڪ پيدا ٿيا، ان مان سماج جديد بڻجڻ جي شروعات ٿي.
- اسان جي آزاديءَ جي لڙائيءَ به هڪ سماجڪ تحرڪ هو.
- سياسي ۽ مالي تحرڪن مان ناگرڪن جي حقن مالي حفاظت اهڙا انيڪ مسئلا حل ٿيا آهن سوديشي هڪ اهم تحرڪ آهي.

## ڀارت جا مکيه تحرڪ :

**آديواسي تحرڪ :** آزاديءَ کان اڳ واري وقت ۾ برٽش سٽا آديواسين جي جهنگل جي دؤلت تي گذران جي حق تي بندش وڌي ڇوٽا ناگپور، جي آس پاس کولام، اوڙيسا جي گونڊ، مهاراشٽر جي ڪوڙي، ڀيل، راموشي، بهار جي سنٿال، مُنڊا، آديواسين وڏي پئماني تي بغاوت ڪئي. اُن وقت کان آديواسين جو سنگهرش هلي رهيو آهي. ڀارت ۾ اديواسين جا انيڪ مسئلا آهن.انهن جو مکيه مسئلو آهي ته سندن جهنگلن تي حق مڃيو نٿو وڃي. سندن جهنگلن تي حق مڃيو وڃي اها مکيه گهر آهي. ان ڪانسواءِ جهنگلن جون پئدائشون گڏ ڪرڻ ۽ بيلائي زمين تي پوک ڪرڻ جو حق کين ملي.



برسا مُنڊا

## ڀارت ۾ ڪسانن جو تحرڪ :

ڀارت ۾ ڪسانن جو تحرڪ مکيه تحرڪ آهي برٽشن جي وقت ۾ بئنڪي راڄ ۾ ڪسان وروڌي نيتيءَ سبب ڪسان گڏ ٿيڻ لڳا باردولي، چنپارڻ، کوتي جو مسئلو انهن ڪسانن جي تحرڪن بابت توهان کي ڄاڻ هوندي. ڪسانن جي تحرڪن لاءِ مهاتما ڦلي، نيايه مورتي رانڊي، مهاتما گانڌيءَ جي ويچارن مان اُتهاس ملي ٿو.

ڪيتيءَ نسبت ڪن سُڌارن (جهڙوڪ ڪُل قائدو ڪيڙيندڙ جي زمين) سبب ڪسانن جا تحرڪ ٿڌا ٿيا. سائي ڪرانتيءَ ڪانپوءِ ڪسانن جا تحرڪ وڌيڪ چست ۽ اثردار بڻيا سائي ڪرانتي ڪيتيءَ جي پئدائش وڌائڻ ۽ اناج ۾ خود پورت ٿيڻ لاءِ ڪئي ويئي پر ان جو فائدو غريب ڪسانن کي نه مليو. ڪسانن ۾ غريب ۽ شاهوڪار جا طبقا بڻيا. انهن ۾ اسنتوش وڌيو ۽ ڪسانن جا تحرڪ شروع ٿيا.

کيتيءَ جي مال کي واجب اگهه ملي، کيتيءَ کي اديوگ جو درجو ملي، سوامينائن آيوگ جون سفارشون قبول ڪجن، قرض معافي مڪتي ۽ کيتيءَ بابت قومي نيتي اهي ڪسانن جي سنگهٽن جون مکيه گهروُن آهن.

ڪسانن جا سنگهٽن، پارٽي ڪسان يونين، آل انڊيا ڪسان سڀا اهي ڀارت جا ڪي مکيه ڪسانن جا سنگهٽن آهي.

**ڪري ڏسو**

ڪسانن ۽ کيت مزورن جي ڀلي لاءِ سرڪار ڪهڙيون يوجنائون عمل ۾ آنديون آهن؟

**ڪامگارن جا تحرڪ :** ڀارت جي ڪامگار تحرڪ کي اُديوگيڪرڻ جو پس منظر آهي. اڻويهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ ڀارت ۾ ڪپڙن جا آڏاٽا ريلوي ڪمپنيون وغيره اُديوگ شروع ٿيا. ١٨٩٩ ۾ ريلوي ڪامگارن پنهنجن گهرن لاءِ ڪشادا سنگهٽن ١٩٢٠ ۾ ٺئي اسٿاپن ٿيا. ڪين هاٽي ’آل انڊيا ٽريڊ يونين ڪانگريس‘ نالي ڄاتو وڃي ٿو.

آزاديءَ کانپوءِ ڪامگارن جا تحرڪ وڌيڪ اثردار بڻيا. ١٩٦٠ ۽ ٧٠ جي ڏهاڪن ۾ ڪامگارن جا انيڪ آندولن ٿيا. پر ١٩٨٠ کان ڪامگارن جا تحرڪ ڇڙوڇڙ ٿي ويا ڀارت ۾ ڪامگارن جا سوال وري ڪڙا ٿيڻ لڳا آهن. چو تہ دنيوي ڪرڻ جو اثر ڪامگارن تي ٿيو آهي.

اڻ اسٿر روزگار، نيڪي تي ڪامگار، ماللي غير حفاظت، ڪامگار قاعدن جو بچاءُ نہ هئڻ، ڪم جا غير محدود ڪلاڪ، ڪم جي جڳهه تي غير حفاظت، غير تندرستي وغيره اڄ جي ڪامگارن تحرڪ جو مکيه مسئلا آهن.

**ڪري ڏسو**

ڀارت جي آزاديءَ جي گذريل وقت جي ڄاڻ انٽرنيٽ جي مدد سان حاصل ڪريو.

**عورتن جا تحرڪ :** آزاديءَ کان اڳ ڀارت ۾ عورتن جي تحرڪن جي شروعات ترقي پسند مردن جي اڳڀرائيءَ سان ٿي استرين تي مردن جي اڳڀرائيءَ سان ٿي استرين تي ٿيندڙ انياءُ، سندن پيڙهجڻ روڪي اهي سنمان سان جي سگهه ۽ سندن عام زندگيءَ ۾ ڀهرو وٺڻ ان لاءِ انيڪ تحرڪ ٿيا. ايشور چندر وديا ساگر، راجا رام موهن راءِ، مهاتما جوتيراوَ ڦلي، ساوتري ٻائي ڦلي، مهرشي ڌولڌو ڪيشو ڪروي، پنڊتا رماٻائي، رماٻائي رانڊي جي اڳواڻيءَ سان ستي پرٿاجي مخالفت، وڌوا جي ورود عورتن کي ووٽ ڏيڻ جو اڌڪار وغيره سُڌار تي سگهيا آزاديءَ کانپوءِ استرين کي ڀارت جي جوڙجڪ ذريعي سيني ڳالهين ۾ برابر حق مليا پر حقيقتن ۾ انيڪ ڪيترن ۾ هنن سان برابر وهنوار نہ ٿيندو هو. ان وقت جي عورتن جي تحرڪ جو مقصد هو عورتن جي آزادي ان وقت عورتن جو تحرڪ انسان طور درجو حاصل ڪرڻ لاءِ هو.


ساوتري ٻائي ڦلي


رماٻائي رانڊي

ڀارت ۾ پرشتاچار، جاتي ويوستا جو ورود، ڪٽر ڌرمي پٽي جو ورود وغيره بابت تحرڪ شروع ٿيا. انهن تحرڪن ۾ عورتن وڏي پئماني تي ڀهرو ورتو ان مان ڪين پاڻ تي ٿيندڙ انياءُ جي ڄاڻ پيئي.

هاٽي اِسترين جي اڳواڻيءَ ۾ سندن تحرڪ شروع ٿيا. ڀارت ۾ عورت جي تحرڪ جو روپ يڪ مُشت نہ آهي. پر تہ بہ عورتن جا سنگھٺن عورتن جي صحت، سندن سماجڪ حفاظت، سندن مالي خودپورتءَ مضبوط ڪرڻ انهن مُدن ڏانهن عورتن جا سنگھٺن ڌيان ڏيئي رهيا آهن.

عورتن جي تعليمءَ کين انسان طور درجوءَ مان ڏيارڻ اهي عورتن جي تحرڪ جا مقصد آهن.

**پسگردائيءَ جو تحرڪ :** پسگردائيءَ جو نقصان هاڻوڪي وقت جو راشٽريہءَ انترراشٽريہ سطح تي هڪ وڏو مسئلو آهي انکي روڪڻ لاءِ انترراشٽريہ سطح تي بہ انيڪ تحرڪ هلي رهيا.



ڀارت جو جل پرش نالي سان سُڃاڻجندڙ ڊا. راجيندر سنگھ راجستان ۾ وڏي جل ڪرانتي آندي. راجستان ۾ هزارين

**ڊا. راجيندر سنگھ**

جوهڙ (ندين تي مٽيءَ جا بنڌ) ٺاهڻ ڪري اُهي مشهور ٿيا.

هُن راجستان جي بيابان ۾ نديون وري زندهہ ڪيون هن 'تروڻ ڀارت سنگھہ' اسٿاپت ڪري سوين ڳوٺن ۾ اٽڪل ١١ هزار جوهڙ ٺهرايا. سڄي ديش ۾ پد ياترا ڪري. پاڻيءَ جي سنڀال، نديون زندهہ ڪرڻ، ٻيلائي سنڀال، ٻيلائي جيون جي سنڀال بابت هلچل هلائي گذريل ٣١ سالن کان سندس سماجڪ تحرڪ شروع آهي. ڊا. راجيندر سنگھ کي پاڻيءَ جو نوبيل پرائيز مڃيو ويندڙ 'سٽاڪ هوم واٽر پرائيز' مليو آهي.



**پسگردائيءَ جو بچاءُ**

آهنءَ ان ۾ وڏي پئماني تي انترراشٽريہ سهڪار ملي رهيو آهي.

ڀارت ۾ بہ پسگردائيءَ جي الڳہ الڳہ پاڻن نسبت تحرڪ هلي رهيا آهن. جيو - علحدگيءَ جو بچاءُ، پاڻيءَ جي وسيلن جي سنڀال، ٻيلائي ڍڪ، ندين جي غلظت، سائي پٽي جو بچاءُ، ڪيمائي پدارٿن جو اِستعمالءَ اُنجا بُرا اثر، وغيرهہ سوالن تي تحرڪ هلي رهيا آهن.

**گراهڪن جو تحرڪ :** سال ١٩٨٦ ۾ گراهڪ بچاءُ قاعدو ٺهيو. ان ڪانپوءَ گراهڪ تحرڪ اُسري ان تحرڪ جو مقصد ڪشادو آهي. سماج جو هرهڪ جزو گراهڪ آهي مالي سرشتي ۾ تبديلن، سماجڪ سرشتي ۾ بدلاو جو گراهڪ تي اثر پوي ٿو، هنڪي انيڪ مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. جهڙوڪ ملاقت، وڌيل اگهہ، وزن - ماپ ۾ ٺڳي وغيرهہ انهن مشڪلاتن کان گراهڪ جو بچاءُ ڪرڻ لاءِ گراهڪ تحرڪ وجود ۾ آيو.

تحرڪ سان ماڻهن جو عام زندگيءَ ۾ سمياڳہ وڌي ٿو. ١٩٨٠ ڪانپوءَ جي تحرڪن کي 'نو سماجڪ تحرڪ' چئجي ٿو. چو تہ انهن جو روپ اڳين تحرڪن کان الڳہ هو. اهي وڌيڪ وشيہ

اهي ڪنهن خاص وشيہ نسبت جن آندولن ڪڙو ڪرڻ لڳا

ايندڙ باب ۾ اسين لوڪ شاهيءَ اڳيان للڪارن جو ويچار ڪنداسين.



## اڀياس

**۱. ڏنل متبدل جوابن مان مناسب جواب چونڊي بيان پورا ڪريو**

(۱) ڪسان جي تحرڪ جي مکيہ گهر ................. آهي.

(الف) بيلائي زمين تي پوک ڪرڻ جو حق

(ب) کيتيءَ جي پئداش کي واجب اگهہ ملي.

(ب) گراهڪن جو بچاءُ ڪرڻ

(پ) بند ٺهرايو.

**(۲) کيتيءَ جي پئداش وڌائڻ لاءِ اناج بابت خود پورت ٿيڻ لاءِ ........... آندي ويئي.**

(الف) جل ڪرانتي (ب) سائي ڪرانتي

(ب) اديوگڪ ڪرانتي (پ) اڇي ڪرانتي

**(۲) ويچار سمجهايو**

(۱) آديواسي تحرڪ

(۲) ڪامگارن جو تحرڪ

**(۳) هيٺين سوالن جا ٿوري ۾ جواب لکو**

(۱) پسگردائيءَ جي تحرڪ جا ڪم سمجهايو.

(۲) ڀارت ۾ ڪسانن جي تحرڪ جو روُپ سمجهايو

(۳) آزاديءَ کان اڳہ عورتن جا تحرڪ کهڙن سڌارن لاءِ سنگهرش ڪري رهيا هئا؟

**(۴) هيٺيان بيان غلط يا صحيح سبب ڏيئي سمجهايو.**

(۱) لوڪشاهيءَ ۾ تحرڪن کي گهٽي اهميت آهي.

(۲) تحرڪن لاءِ مکيہ اڳوانن جي ضرورت هوندي آهي.

(۳) گراهڪ تحرڪ وجود ۾ آيو.

**مشغولي :**

(۱) الڳہ الڳہ سماجڪ تحرڪن جي هلچل بابت خبرن کي گڏ ڪريو.

(۲) توهان جي آس پاس عام مسئلن کي حل ڪرڻ ڪوشش ڪندڙ تحرڪن جي ڪمن جو احوال لکو.

(۳) ڀاڄيون يا اناج خريد ڪرڻ وقت توهان کي وزن ۾ ٺڳيو وڃي تہ توهان گراهڪ بچاءُ قاعدي تحت شڪايت ڪيئن ڪندا، اُن جو نمونو ٺاهيو.

# ٥. ڀارتي لوڪشاهيءَ اڳيان للڪارون

اسان اڳ ۾ سمجهو ته لوڪشاهي ساندهه هلندڙ هڪ زندهه ترتيب آهي. فقط لوڪ شاهي اختيار ڪرڻ سان لوڪشاهي عمل ۾ آئي ائين نه آهي. لوڪ شاهي ٽڪائي رکڻ لاءِ ڌيان رکڻو پوندو آهي. ڀرپور ڪوششون ڪرڻيون پونديون آهن لوڪشاهيءَ لاءِ خطرا سُڃاڻي اُنهن کي لوڪشاهيءَ طريقي سان ئي وقت اندر حل ڪرڻو پوندو آهي. هن باب ۾ اسين لوڪ شاهيءَ اڳيان ڪهڙيون للڪارون آهن اُنجو مکيه طوُر اڀياس ڪنداسين. ان ڪان پهريان دنيوي سطح تي لوڪ شاهيءَ اڳيان للڪارن جو اسين ٿوري ۾ ويچار ڪنداسين.

• اسان چوندا آهيون ته اڄ دنيا جي هرهڪ ديش ۾ لوڪشاهي آهي پر حقيقت ۾ ماڻهن جا حق ۽ آزادي قائم رکندڙ ۽ عام جي ڀلي کي اڳرائي ڏيندڙ لوڪشاهي ڪن ٿورن ديشن ۾ ئي آهي فوجي سرڪار جو وڏو خطرو لوڪ شاهيءَ اڳيان آهي. انڪري دنيا جي سطح تي صحيح لوڪشاهيءَ ڦهلجڻ ۽ هرهڪ ديش ۾ انجو عمل لوڪشاهيءَ اڳيان وڏي للڪار آهي. لوڪشاهيءَ جي ڦهلاءُ ۾ دنيا جي سطح تي اها وڏي للڪار آهي.

غير لوڪ شاهي سرشتي ڪان لوڪشاهي سرشتي ڏانهن سفر لاءِ ڪهڙيون لوڪ شاهي سنستائون برپا ڪرڻيون پونديون؟

• جن ديشن ۾ لوڪشاهي آهي ائين چوندا آهن آهيون اُتي به لوڪ شاهيءَ جو دائرو محدود آهي ڀارت وانگر بين ديشن ۾ به لوڪ شاهي يعني فقط چونڊون، راڄ ڪاروبار، عدالتون وغيرهه چونڊون، راڄ ڪاروبار، عدالتون وغيرهه ائين سمجهيو ويندو آهي پر اهو لوڪشاهيءَ جو فقط سياسي روپ آهي جيڪڏهن لوڪشاهيءَ کي زندگي جيئڻ جو هڪ طريقو ٻڌائڻو هجي ته لوڪ شاهيءَ سماج جي جدا جدا ڪيترن ۾ پهچڻ گهرجي سماج جي سيني جزن کي سمائڻ، سماجڪ سنگهٺن کي اختياري، ناگرڪن جو مضبوط ڪرڻ، انساني ملڪن جو جتن وغيرهه رستا ان لاءِ اپنائڻا پوندا. صحيح لوڪ شاهي عمل ۾ آڻڻ لاءِ اهو ڪاريه پورو ٿيڻ گهرجي.



**پڙهيو ڏسان**

لوڪشاهيءَ ۾ سياسي ڌرون چونڊن ۾ شامل ٿي ستا حاصل ڪندا آهن پر سياسي ڌرن ۾ اندريون چونڊون ٿينديون آهن ڇا؟ سياسي ڌرن اندر به اهي چونڊون ٿيڻ ضروري آهن.

**مونکي پيل سوال ....**

چين مالي سُڌارا قبول ڪيا جڳ جي واپار سنگهٺن جو ميمبر پڻ بڻيو. پر اُتر هڪ ئي ڌر جو دٻدٻو ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ چين لوڪشاهي ديش آهي ڇا؟

• لوڪشاهيءَ جون پاڙون وڌيڪ اونهيون ڪرڻ اها دنيا جي سيني لوڪشاهي ديشن اڳيان للڪار آهي. آزادي، برابري، ڀائيچارو ۽ نياءُ، شانتي، وڪاس ۽ انسانيت اهي ملهه سماج جي هر سطح تائين پهچائڻ ضروري آهن ان لاءِ ضروري ڪُشادي هامي پڻ لوڪشاهي طريقي ئي ناهي سگهجي ٿي لوڪشاهي اونهي پهچائڻ لاءِ انهن سڌارن جي ضرورت آهي.

## ڀارتي لوڪشاهيءَ اڳيان للڪارون

لوڪشاهي وڌيڪ اثردار ٻڻائڻ لاءِ سرڪار ستا جو غير مرڪزي ڪرڻ ۽ عورتن ڪمزور طبقن لاءِ جڳهين محفوظ ڪرڻ اهي يوجنائون آنديون پر

ان مان ناگرڪن جي هٿ ۾ صحيح طاقت آئي ڇا انجو ويچار ٿيڻ ضروري آهي.

**جماعت واد ۽ دهشتواد :** ڌرمي سنگھرش ۽ اِن مان پيدا ٿيندڙ دهشتواد پارٽي لوڪشاهيءَ لاءِ وڏي ۾ وڏي للڪار آهي سماج ۾ تناءُ وڌڻ سان سماجڪ استرتا بگڙجي ٿي. دهشواد جي گھٽنائن سبب ماڻهن جو لوڪشاهيءَ ۾ سمياڳ گھٽجي ٿو.

**ڪاپو اُگرواد (نڪسلواد) :** نڪسلواد پارٽ جي هڪ وڏو مسئلو آهي زمين نہ هوندڙ ڪسان، آديواسين تي ٿيندڙ ظلم کي دوُر ڪرڻ لاءِ نڪسلواد شروع ٿيو. ان نڪسلواد هاڻي وڏو روُپ اختيار ڪيو آهي اِن ۾ هاڻي ڪسان، آديواسين جي مسئلن کي گھٽ اهميت ڏيئي سرڪار جي هنسا سان خلافت ڪرڻ، پوليس تي حملا ڪرڻ وغيره طريقا نڪسلوادي اختيار ڪري رهيا آهن.

**پرشٽاچار :** پارت ۾ گڏيل ڪيتر ۾ وڏي پئماني تي پرشٽاچار جو مسئلو ڏسجي ٿو. سياسي ۽ ڪاروباري ڪيتر ۾ پرشٽاچار سبب سرڪار جي قابليت گھٽجي ٿي. سرڪاري ڪمن ۾ لڳندڙ وقت، عام سهوليتن جو گھٽيل درجو، مالي گھوٽالن سبب سڄي سرشتي تي ماڻهن جو غير وشواس ۽ اسنتوش پيدا ٿئي ٿو. چونڊن ۾ ٿيندڙ پرشٽاچار، نقلي ووٽنگ، ووٽرن کي رشوت ڏيڻ، انهن کي پيچائڻ وغيره واقعن سبب ماڻهن جو لوڪشاهيءَ تي وشواس لُڏي سگھي ٿو.

**توهان کي ڇا ٿو محسوس ٿئي؟**

سياست ۾ گھراڻي شاهي اسانجي لوڪشاهيءَ جو وڏو مسئلو آهي. سياست ۾ هڪ ئي ڪٽنب جي هڪ مٿي پيدا ٿيڻ سان لوڪ شاهيءَ جو خال (democratic space) سُسي ويندو آهي عام ماڻهن کي ساروجنڪ ڪيتر ۾ سمياڳ نٿو ملي.

**سياست ۾ گنهگاري :** سياسي سرشتي ۾ گنهگارن جو وڌندڙ انداز لوڪشاهي سرشتي اڳيان هڪ وڏي للڪار آهي. ڪڏهن ڪڏهن گنگهاري بس منظر گناهن جي ڌوهہ، پرشٽاچار جي ڌوهہ لڳل ماڻهن کي سياسي ڌرن طرفان اُميدواري ڏني ويندي آهي. ان سبب سياست ۾ پئسن ۽ غُنڊاگريءَ کي اهميت ملي ٿي. چونڊن ۾ هنساچار ٿي سگھي ٿو.

**سماجڪ للڪارون :** مٿي ٻڌايل للڪارن ڪانسواءِ لوڪ شاهيءَ اڳيان کي سماجڪ للڪارون پڻ آهن. بي روزگاري، نشي ڪوري، ڏُڪار، ڌن دؤلت جي نابرابر ورڇ، غريبن ۽ اميرن ۾ وڌندڙ مفاصلو، جاتيواد وغيره سماجڪ سوال حل ڪرڻ ضروري آهن.

## پارٽي لوڪشاهي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ڇا ڪري سگھجي ٿو؟

(۱) لوڪشاهيءَ ۾ گھٽائيءَ کي ذاتي اهميت آهي. لوڪشاهيءَ ۾ گھٽائي حاصل ڪندڙ ڌر کي ستا ملي ٿي. سنسد ۾ سڀ فيصلا گھٽائيءَ سان ٿيندا آهن. لوڪشاهيءَ جو مقصد آهي گھڻن جو ڪلياڻ گھٽائيءَ کي اهميت ڏيڻ سان ٿورائيءَ ۾ هوندڙن تي انياءُ ٿيڻ جو امڪان رهي ٿو. جينوٽيڪ لوڪشاهي سرڪار گھٽائيءَ سان هلندي آهي. تہ بہ ٿورائيءَ وارن کي فيصلن ۾ شامل ڪرڻ، سندن فائدن بابت ويچار ڪرڻ بہ سرڪار جو فرض آهي. ٿوري ۾ لوڪشاهي سرڪار ۾ سيني جي راين کي اهميت آهي. گھٽائيءَ جي سرڪار گھٽائيءَ واري سماج جي سرڪار نہ هجي، سيني ڌرمن، ونشن، ٻولين، جاتين جي گروهن کي لوڪشاهيءَ ۾ فيصلي جي ترتيب ۾ شامل ٿيڻ جو برابر موقعو ملڻ گھرجي.

(٢) ڀارت جون عدالتون سياسي ترتيب وڏ ۾ وڌ صاف ٿيڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيون آهن. خاص ڪري سياست ۾ گنهگاري روڪڻ لاءِ گنهگارن کي سخت سزا ۽ سياست ۾ بندش اهڙي پاڻبندي عدالت وڏي آهي.

(٣) ڀارت ۾ لوڪشاهي ڪامياب ڪرڻ لاءِ فقط سرڪاري ڪاروباري ۽ عدالتي سطح تي ڪوشش پوريون نه آهن. ان لاءِ سماجڪ ۽ شخصي سطح تي هرهڪ کي ڪوشش ڪرڻ گهرجن سرڪاري ۽ ڪاروباري سطح تي سرو شڪشا ابيان شوچ ڀارت ابيان، گرام سموڏي يوجنا خود مدد گروهن جي استاپنا، مهاتما گانڌي راشٽريه روزگار يوجنا جهڙا ڪاريه ڪرم لاڳوُ ڪيا ويا آهن. عورتن جو سياسي عيوضيپڻو وڌائڻ لاءِ مڪاني خود حڪومت سنسٿائن ۾ عورتن لاءِ ٥٠ سيڪڙو جڳهيون محفوظ ڪيل آهن.

(٤) ڀارت ۾ لوڪ شاهي ڪامياب ٿيڻ لاءِ سيني سطحن تي ناگرڪن جو سمياڳ وڌڻ گهرجي. اهو خاص ڪري سرڪاري ڪمن ۾ وڌ سان عام لاءِ يوجنائن جو روپ بدلجندو. اها ڳالهه آپسي گفتگو ذريعي ٿيندي. ستا حاصل نه ڪري سگهيلن سان به ڳالهه ٻولهه لوڪشاهيءَ جي ڪاميابيءَ لاءِ ضروري آهي.

برابري، آزادي سماجڪ نياءُ، ڌرمو نرپڪشتا انهن ملهن کي شخصي زندگيءَ مان ۽ سنڀال ملڻ گهرجي اسان ديش جا جوابدار ناگرڪ آهيون اها سمجهه هرهڪ رکندو ته ئي لوڪشاهي ڪامياب ٿيندي.



## ابياس

**١. ڏنل متبدل جوابن مان مناسب جواب چونڊي بيان پورا ڪريو.**

(١) لوڪ شاهيءَ ۾ ............ چونڊن ۾ شامل ٿي ستا حاصل ڪندا آهن.

(الف) سياسي ڌرون (ب) عدالتون

(ب) سماجڪ سنسٿائون (پ) مشين مان به نه

(٢) دنيا جي سيني لوڪشاهي ديشن اڳيان ............ وڏي للڪار آهي.

(الف) ڌرمي سنگهرش

(ب) نڪسلوادي ڪاروايون

(پ) لوڪشاهيءَ جون پاڙون اونهيون ڪرڻ

(پ) گندگريءَ کي اهميت

**٢. هيٺيان بيان صحيح آهن يا غلط سبب ڏيئي سمجهايو.**

(١) لوڪشاهي ٽڪائڻ لاءِ خبردار رهڻو پوندو آهي.

(٢) ڪابي اُگروادي تحرڪ ۾ ڪسانن ۽ آديواسين جي مسئلن جي اهميت وڏي رهي آهي.

(٣) چونڊن ۾ ڀرشٽاچار سبب ماڻهن جو لوڪشاهي سرشتي تي وشواس لُڏي سگهي ٿو.

**٣. ويچار سمجهايو**

(١) ڪابو اُگرواد (٢) ڀرشٽاچار

**٤. هيٺين سوالن جا ٿوري ۾ جواب لکو**

(١) ڀارت ۾ لوڪشاهيءَ جي ڪاميابيءَ لاءِ ڪهڙيون ڳالهيون ضروري آهن؟

(٢) سياست ۾ گنهگاريءَ جا ڪهڙا نتيجا نڪرن ٿا.

(٣) سياسي ترتيب صاف ٿيڻ لاءِ ڪهڙيون ڪوشش ورتيون وينديون آهن؟

**مشغولي**

(١) ڀرشٽاچار تي روڪ وجهڻ لاءِ توهان ڪهڙا اُپاوَ ڪندا؟ ياداشت ٺاهيو

(٢) 'ڀارت ۾ دهشتواد' وشيه تي ڪلاس ۾ 'گروهه چرچا' ڪرايو.

(٣) 'نشامڪتي' وشيه تي 'گهٽي ناٽڪ' پيش ڪريو.

## راجيہ شاستر جي اڀياس سان

ڀارت جي هرهڪ ناگرڪ کي پل اُهو ڪنهن ڳوٺ، تعلقي يا شهر ۾ رهندڙ هُجي انيڪ ناگري ۽ سياسي سوالن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. رهواسي داخلو، جاتيءَ جو داخلو، آڌار ڪارڊ وغيره لاءِ ڪنهن سان ملجي؟ پاڻي، عام صفائيءَ بابت ڪٿي شڪايت ڪجي؟ گهر بابت ڪاغذپت ڪٿان حاصل ڪجن؟ عام سهوليتون حاصل ڪرڻ لاءِ ڇا ڪجي؟ اهڙن انيڪ سوالن جا جواب ناگرڪ شاستر ۽ راجيہ شاستر جي اڀياس مان ملن ٿا. ديش جي ناگرڪ طور پنهنجن حقن ۽ فرضن جي ڄاڻ ملي ٿي. ڀارت ۽ ڀارت کان ٻاهر سفر ڪرڻو هجي تہ ناگرڪ طور ڄاڻ پڻ اسانکي ان اڀياس مان ملي ٿي.

اسڪول پورو ڪري جڏهن توهان پنهنجي زندگيءَ جي رٿا ناهيندا تڏهن بہ توهانکي راجيہ شاستر وشيہ جي مدد ملندي. مرڪزي لوڪ سيوا آيوگہ، مهاراشٽر لوڪ سيوا آيوگہ ۽ بئنڪن وغيره لاءِ امتحان جي اڀياسڪرم ۾ ڀارتي سرڪار ۽ سياست اهي وشيہ شامل هوندا آهن. توهان واپار لاءِ ڪوبہ ڪيتر چونڊيو، راجيہ شاستر انجو پايو آهي. ساڳي نموني انترراشٽريہ سياست، عام ڪاروبار، شانتي ۽ سنگهرش انهن وشين جو اڀياس راجيہ شاستر بنا ممڪن نہ آهي، انهن وشين ۾ روزگار جا انيڪ موقعا مؤجود آهن. اهي فقط پڙهائڻ ۽ سنشوڌن انهن ۾ ئي نہ بلڪ ڄاڻ ۽ تڪنيڪ، نيتي تفريق، سياسي اڳوانن جا صلاحڪار سنگهٽن، خود مدد گروهہ انهن ۾ موجود آهن.

ڄڳٽ ڪرڻ سبب راجيہ شاستر جو وهنواري استعمال ڪري سگهجي ان لاءِ انيڪ موقعا پئدا ٿيا آهن. سرڪار ۽ سياست جي ڄاڻ هوندڙ انيڪ سنشوڌڪ ۽ ڳالهہ ٻول ڪرائيندڙ شخصن جي اڄ سياسي ڌرن، دٻاءُ گروهہ، غير سرڪاري سنگهٽن، خود مدد سنستائن کي ضرورت آهي. سياسي ترتيبوُن ۽ نؤڪر شاهيءَ کي سمجهندڙ ۽ تفريق جو آزمودو هوندڙ ماڻهن جي هرهنڌ ضرورت آهي.

